چونڊ نوبل ڪھاڻيون

ترجمو ۽ ترتيب

ممتاز بخاري

حبيب ساجد

روشني

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

چوند نوبل ڪهاڻيون

(13 نوبل انعام يافته ليکڪن جون چوند ڪهاڻيون)

ترجمو ۽ ترتيب

ممتاز بخاري

حبيب ساجد

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1998ع

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ROSHNI BOOK NO. 124

ڪتاب جو نالو: چوندڊ نوبل ڪھاڻيون

ترجمو ۽ ترتيب: ممتاز بخاري
حبيب ساجد

چاپو پھريون: © روشني 1998ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي، فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

CHOOND NOBLE KAHANYOON

(Selected Stories Of The Noble Prise Winer Writers)

Compiled & Translated by: Mumtaz Bukhari & Habib Sajid

Composed by: Habib Qadir Qureshi

Printed by: Fine Communication Hyderabad.

Published by: Roshni Publicatian Kandiaro

First Edition © 1998

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

فهرست

اسان پاران 5
نوبل ڪهاڻيءَ جي آتم ڪهاڻي — ممتاز بخاري 7

چونڊ نوبل ڪهاڻيون

الفرڊ نوبل جو تعارف 35

1- بجورنسترين بجورنسن: تعارف 37
پائر (ڪهاڻي) — بجورنسترين بجورنسن 39
پيءُ (ڪهاڻي) — بجورسترين بجورنسن 45

2- رڊيارڊ ڪپلنگ: تعارف 49
هڪ ڀار، جنهن کي ماريو ويو (ڪهاڻي) — رڊيارڊ ڪپلنگ 51

3- رابندرناٿ ٽيگور: تعارف 57
هارايل خواهش (ڪهاڻي) — رابندر ناٿ ٽيگور 59

4- نٽ همسن: تعارف 75
... ۽ ايئن رات...! (ڪهاڻي) — نٽ همسن 77

5- پرل . ايس. بڪ: تعارف 83
سادگي (ڪهاڻي) — پرل ايس بڪ 85

6- وليم فاڪنر: تعارف 93
..... ۽ سورج ٻڏي ويو (ڪهاڻي) — وليم فاڪنر 95

7- ارنيسٽ هيمنگوي: تعارف 105
هڪ صاف سٿري روشن جاءِ (ڪهاڻي) — ارنيسٽ همينگوي 107

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

8- هينرخ بول: تعارف		113
مينڻ بتيون ٺاهيندڙ ماڻهوءَ جي پيڙا (ڪهاڻي)	هينرخ بول	115
9- ازاڪ باشويس سنگر: تعارف		119
بيوقوف گمپل (ڪهاڻي)	ازاڪ باشويس سنگر	121
10- گبرائيل گارشيا مارڪيز: تعارف		137
محبت جي هن پاسي		
اوسيئڙي ۾ موت آهي (ڪهاڻي)	گبرائيل گارشيا مارڪيز	139
11- نجيب محفوظ: تعارف		149
هو سرابن ۾ مليو (ڪهاڻي)	نجيب محفوظ	151
12- ڪاميلو جوز سيلا: تعارف		167
ويچارو مارسيلو (ڪهاڻي)	ڪاميلو جوز سيلا	169
13- ناڊيني گورڊيمير: تعارف		177
شهر ڪان آيل ترين (ڪهاڻي)	ناڊيني گورڊيمير	179

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

اسان پاران

هن قسم جي مواد جي سنڌي ادب ۾ گهٽ هجڻ جي صورتحال کي ڏسندي اسان هي ننڍڙي ڪوشش توهان آڏو رکي آهي. اهو ضروري ناهي تہ اسان پاران ترجمو ٿيل ڪهاڻيون اڳ ۾ شايع نہ ٿيون هجن. پر اسان هي ڪهاڻيون انگريزيءَ ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي اينٿالاجيز، Collections ۾ چونڊ مان ترجمو ڪيون آهن. ڪي هڪ بہ اردوءَ مان ترجمو ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ هڪ ٽيگور جي بہ شامل آهي. ممڪن آهي، هن ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻيون ڪن دوستن اڳ ۾ ئي ترجمو ڪيون هجن. پر اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ انگريزيءَ مان ترجمو ڪندي ڪهاڻيءَ جي اصل مزاج کي برقرار رکجي. ڪيترا ڪامياب ويا آهيون، اهو فيصلو پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا. اسان جي ڪوشش هوندي تہ اڃان بہ وڌيڪ ۽ بلڪل نئين ڪهاڻي توهان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏيون. اهو ان ڪري ضروري آهي جو ان سان ڪهاڻي لکندڙ ۽ پڙهندڙ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکي ويندڙ ڪهاڻيءَ جي ڪٿ ڪري سگهندا. هن صفحي تي اهائي ننڍڙي وضاحت ڪرڻي هئي ۽ ها ڪوشش ڪبي تہ توهان تائين چونڊ نوبيل شاعري بہ پهچايون.

هي ترجما ١٩٨٩ع کان مختلف وقتن ۾ شروع ڪياسين.

ممتاز ۽ حبيب

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

نوبل ڪهاڻيءَ جي آتم ڪهاڻي

ممتاز بخاري

جيڪر آئون پنهنجي جديد (Modern) روپ وٺڻ تائين جو سفر ٻڌائڻ شروع ڪيان ته هوند پاڻ سان انصاف ڪون ڪري سگهنديس. مون کي جڏهن جديد ڪهاڻي (Modern story) سڏيو ويو ته ان لاءِ ضروري ٿي پيو ته مون کي ادب جي ٻين صنفن جهڙوڪ : ناول، شاعري، تحقيق،فلسفي ۽ تاريخ جيان اوچو ٿيڻ کپي ۽ اهڙي ريت مون نوبل (Noble) ٿيڻ کان اڳ Great Story (عظيم ڪهاڻي) جو اڙانگو سفر شروع ڪيو. منهنجي واٽ تي وڏا وڏا نقاد نانگ بڻجي ويهي رهيا. مونکي ناول سان ڪلهو ملائڻو هيو. پر ناول پاڻ ئي منهنجي انهيءَ سفر ۾ مدد ڪئي.

جديد ٿيڻ کان وٺي نوبل ٿيڻ تائين جي وارتا ٻڌائڻ کان اڳ آئون اهو به ضرور چاهيندس ته پنهنجي جنم بابت به ڪجهه ٻڌايان.

سمجهه ڀرو ٿيڻ کان اڳ واري صورتحال جي سڌيءَ طرح سان ڪنهن کي به ڄاڻ ناهي هوندي. ان لاءِ ٻڌل ڳالهين جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. منهنجي جنم کان اڳ خود دنيا جي جنم بابت به صحيح طرح سان ڪا ڄاڻ ناهي ملي سگهي ۽ ان بابت مختلف خيال، ذريعا ۽ خدشا بيان ڪيا ويندا رهيا آهن.

ڪائنات پيدا ٿي. انسان جو اچڻ ٿيو / جنم ٿيو. تڏهن انسان جي ڪهڙي حالت هئي؟ نه هن کي زراعت جي خبر هئي. نه ئي پنهنجي چوڌاري جي ڄاڻ هئس. پنهنجي جياپي بابت به خبر نه هئس ۽ پوءِ ”مجبوري ضرورت جي ماءُ آهي ۽ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي“ جي اصول تحت انسان ۾ ڳڻ ايندا ويا. ڳالهائڻ سکڻ کان اڳ تصويرون ناهي، هڪٻئي جي ڳالهه سمجهندا هئا. جيئن ته ”ڪهاڻي“ به هڪ ”ڳالهه“ ٿيندي آهي. اهڙي ريت انسان جي هڪٻئي کي سمجهائڻ لاءِ تصويرون ناهڻ سان گڏ منهنجو جنم ٿيو. اها

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

حقيقت اڃان تائين ظاهر نہ ٿي آهي تہ منهنجو ”جنم“ يا ”ٻهرين ڳالهہ“ ڪهڙي هئي؟

پٿر جي انهيءَ دور ڪان انسان ۾ ساڄاهہ جا ڪٽا اچڻ شروع ٿيا. پوءِ پٿرن جا هٿيار ايجاد ٿيا. ماڻهو باهہ ٻارڻ سکيا. زراعت جي شروعات ٿي. ڳالهائڻ لاءِ ٻولي جنم ورتو. مختلف شين تي نانءُ پيا. رات جو گڏجي ماڻهو هڪ ٻئي کي مختلف واقعا ٻڌائڻ لڳا ۽ انهيءَ ٻڌائڻ جي عمل هيٺ آئون وڌڻ لڳس. ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪو واقعو ٿيندو هو تہ اهو خاندان ۾ اچي ٻڌائيندو هو ۽ ائين اهو واقعو هڪ آکاڻيءَ جو روپ وٺندو هو. مختلف ٻڌائڻ وارا ان ۾ پنهنجي پاران مرچ مصالا ملائي پيش ڪندا هئا. ان ڪانسواءِ هٿراڌو گهڙيل ڳاليهون پڻ جڙڻ لڳيون. جنهن هنڌن تي درياهہ هئا، اتي انساني تهذيب ترقي ڪرڻ لڳي. آبادي وڌندي وئي. انسان ترقي ڪندو ويو. ضرورت آهر شيون ايجاد ٿي ويون. گهرن مان خاندانن جنم ورتو. ائين وڌندي وڌندي، انسان الڳ الڳ شهرن ۾ رياستون قائم ڪندا ويا. تانجو سلطنتون ۽ بادشاهتون وجود ۾ اچي ويون. مصري تهذيب ڪانپوءِ سميري عبراني، بابلي، اشوري ۽ سنڌو تهذيبون عروج تي پهتيون. انهن تهذيبن ۾ ٿي آئون آکاڻي جي روپ ۾ وڌي ترقي ماڻي. آکاڻي ڪانسواءِ مصري، سميري، بابلي، (ميسوپوٽين) سنڌ سڀيتا، چيني، يوناني ۽ هنديءَ ۾ ڏند ڪٿائن وسيلي پڻ منهنجو هڪ روپ هيو.

اهو دؤر ”آکاڻي داستان گوئي“ جو دؤر چئبو آهي. جنهن کي منهنجي ابتدائي شڪل بہ چئي سگهجي ٿي. چاڪاڻ تہ چرندڙ پرندڙ شين جي شڪل ۾ وقت سان گڏ ڦيرو ايندو رهي ٿو. ٻار جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويندو تيئن واڌ ويجهہ سان گڏ هن جي جسماني بيهڪ ۽ چهري ۾ تبديلي ايندي ويندي. اهو تہ ٺهيو وقت سان گڏ تہ پٿرن ۽ پهاڙن جي هيئت ۾ پڻ تبديلي ايندي رهندي آهي. جيئن جيئن ٻوليون وجود ۾ اچي ويون. تيئن تيئن آئون بہ انساني چرپر ۽ روزاني زندگيءَ جو حصو بڻجي ويس.

داستان چوڻ واري دور جي صحيح تاريخ تہ مون کي بہ ياد ناهي پر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

اهو ضرور آهي تہ اڄ بہ دنيا جون وڏيون قومون يورپي، چيني، فرانسيسي، هندي، جرمني، فارسي، عربي وغيره مون کي ياد ڪنديون پيون اچن ۽ پنهنجي ادب جي بڻ بنياد کي ڄاڻڻ لاءِ يا پنهنجي آڳاٽي تهذيب ڄاڻڻ لاءِ انهن جو بنيادي ذريعو منهنجي داستاني دؤر واري عمر آهي.

هزارها سال اڳ واريون ڪيتريون ئي آکاڻيون اهڙيون آهن، جيڪي دنيا جي سڀني تهذيبن ۾ ملن ٿيون. پر تهذيبن جي ورچ ڪانپوءِ انهن ۾تبديليون ايندڙيون ويون. هر تهذيب مان الڳ الڳ داستانن جنم ورتو.

اوهان ڏسندا تہ منهنجو *داستان چوڻ جي حوالي سان آکاڻي جي روپ ۾ پهريون دؤر اهو آهي، جڏهن وڻن، جيتن، جانورن ۽ موسمن بابت ڳالهيون (ڪهاڻيون / آکاڻيون) ٻڌايون وينديون هيون.

پر جڏهن دنيا ۾ مختلف مذهب پيدا ٿيا تہ ماڻهن ۾ بيشمار عقيدا پيدا ٿي پيا. انهن عقيدن پنيان ڪو واقعو، ڪا ڳالهہ ڏاڍي پراسرار ۽ جادوئي نموني سان بيان ڪيل هوندي هئي. ۽ ائين ديو مالائي داستانون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويون. انهن ڏند ڪٿائن کان اڳ دنيا جي پيدا ٿيڻ جون ڪٿائون، ريتن رسمن جو ابرڻ، پڻ ديو مالائي ڏند ڪٿائن کان اڳ، مختلف ڪٿائن تحت ٻڌايون وينديون هيون. چيني، وچ اوڀر، هندي، يوناني، عربي، فارسي وغيره ڏند ڪٿائن ۾ ديوتا ۽ ديويون هونديون هيون. جن پنيان عقيدا هوندا هئا. ڪنهن کي دنيا جوڙيندڙ، ڪنهن کي روزگار ڏيندڙ، ڪنهن کي جنگ جو ڪنهن امن جو، ڪنهن کي حسن ڏيڻ جو. مطلب تہ دنيا جي واهپي جي هر چيز لاءِ بنياد ڏيندڙ ديوتا يا ديوي مڃيو ويندو هو ۽ انهن جا عجيب قسم جا داستان ۽ قصا بيان ڪيا ويندا هئا.

اڄان دنيا ۾ اهي ڏند ڪٿائون عروج تي هيون تہ ڪيترائي نوان ڪردار گهڙيا ويا. جن پنيان ايڏيون وڏيون ڳالهيون بيان ڪيون ويون جو ڏندين آڱريون اچي وڃن. اهي ڪردار دنيا جي سمورن تهذيبن ۾ الڳ الڳ

---

* ان سلسلي ۾ داستاني ادب جي ارتقاءُ ۾ "ايسپ جون آکاڻيون" جو اهم نانءُ ورتو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

گهڙيا ويا. ڪتي ڪتي هڪ جهڙائي بہ هئي. اهي قصا، آکاڻيون، داستان، ڏند ڪٿائون هڪ نسل کان ٻي نسل تائين ماڻهو هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا آيا. انهن ۾تبديليون ايندڙيون ويون. ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون بہ هيون جيڪي ٻڌائڻ واري عمل هيٺ ماڻهن کان وسري ويون ۽ انهن جي جاءِ تي ٻين ڳالهين والار ڪئي. ۽ ايئن مسلسل تبديلي ۽ انساني تهذيب جي ترقي ڪرڻ ۽ ارتقاء واري تسلسل هيٺ جڏهن انسان مختلف تجربن سان ايجادون ڪيون تہ هنن *لکڻ جو عمل بہ سکي ورتو ۽ ايئن قصا لکت ۾ اچي ويا. جيڪي مختلف تهذيبن جي الڳ الڳ ٻولين ۾ هئا. مذهبي اصول ٺهيا تہ انهن ۾ بہ قصا ۽ مثال ڏنا ويا، ان لاءِ مذهبي ڪتاب پاڻ ئي شاهدي ڏين ٿا.

لکت جي دؤر شروع ٿيڻ کانپوءِ قصا، داستان، آکاڻيون ۽ واقعا لکجڻ لڳا. اهي لکتون ڪتبن، پٿن ۽ تختين تي ٿينديون هيون.

مذهبي طور قصا ۽ آکاڻيون رگ ويد، گيتا، پران، توريت، زبور، اوستا، انجيل، مهاڀارت، اپنشد، وغيره ۾ جهجهي تعداد ۾ آهن. هنن ۾

---

*ڪيترن ئي ماڻهن جو خيال آهي تہ انساني تهذيب جي ارتقا مصر کان شروع ٿئي ٿي. اٽڪل چار هزار سال قبل مسيح مصر ۾ Papyrus تي آکاڻيون لکيون وينديون هيون. (Papyrus هڪ ٻوٽو آهي. جيڪو نيل نديءَ تي پيدا ٿيندو هو) مصر ۾ لکڻ جي رواج کانپوءِ آکاڻين جي لکڻ جا اهڃاڻ ٻين تهذيبن ۾ بہ ملن ٿا. ڪيتريون ئي اهڙيون لکتون بہ آهن جن کي اڃان تائين پڙهي بہ ناهي سگهيو ويو. مصر واري لکت بہ تصويري آهي. جيڪا Hieroglyphic سڏبي آهي. جيڪا بعد ۾ Coptric نالي سان سڏي وئي. ان کانسواءِ ٻولين جا ڪيترائي اهڙا خاندان بہ آهن جن جون لکتون اڃان تائين پڙهجي ناهن سگهيون. آکاڻي جي انهيءَ ترقي (لکت ۾) ڪرڻ واري دؤر ۾ بيشمار بادشاهن، بهادرن، شهزادن، شهزادين، غلامن، جنن، پرين، ديو، جانورن وغيره جا قصا ڪتبن، تختن ۽ مختلف شين تي لکيل مليا آهن. اهي لکتون ۴۰۰۰ ق-م کان عيسوي سال شروع ٿيڻ تائين جون آهن. انهن جو تفصيل تمام وڏو آهي. جيڪو هتي نہ ٿو ڏيئي سگهجي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪردارن جي بهادري، حوصلي کي ظاهر ڪيو ويو.

مصري، سميري، يوناني چيني وغيره جا سمورا داستان ڏکيا هوندا هئا. جيڪي ناول جي بنياد جو پڻ ڪارڻ آهن. آکاڻين جي حوالي سان مصر جو قديم ترين ڪتاب Manuscript pressi جي نالي سان مشهور آهي. جيڪو ٢٥٠٠ ق. م ۾ Papyrus تي لکيو ويو. مصري تهذيب ڪانپوءِ داستان لکڻ جو وارو چيني، يوناني، (سميري ۽ بابلي تهذيب کي مصري سان ڳنڍي سگهجي ٿو. جو تہ تنهيءَ جو واسطو وچ اوير سان آهي.) هندي ۽ سنسڪرت جو اچي ٿو.

رگ ويد ڏهن حصن ۾ هڪ هزار سال قبل مسيح مرتب ٿيو ۽ هن ۾ ڪيترائي قصا بيان ڪيا ويا. اهڙي طرح مذهبي حوالي سان ننڍي ڪنڊ ۾ داستانوي ڪتاب لکيا ويا. ان ڪانسواءِ حيواني آکاڻين بابت بہ دنيا جي ڏري گهڻ هڙني تهذيبن ۾ ڪتاب لکيا ويا.

تڏهن مصرين ان بابت ڪيترائي قصا جوڙيا. هو مختلف جانورن جي پوڄا ڪندا هئا. انهن جون جوڙيل آکاڻيون جڏهن ٻين هنڌن تي پهتيون تہ انهن ۾ ڦير ڦار ڪري يا ڪجهہ نيون آکاڻيون جوڙي، ماڻهن کي ٻڌايون ويون ۽ پوءِ انهن کي لکت ۾ آندو ويو.*

اهوئي اهو دؤر هو جڏهن انسان ترقيءَ جي منزل ڏانهن وڌي رهيو

---

*جڏهن مصرين جون چيل جانورن بابت آکاڻيون ايشيا جي اولهہ واري پاسي ۽ بابل پهتيون تہ اتي مروج ٿي ويون. جڏهن ايسپ (هي غلام هيو ٦٢٠ ق م ۾ پيدا ٿيو ۽ ٥٦٠ ق.م ۾ گذاري ويو.) تائين پهتيون تہ هن اهي لکي ڇڏيون. پاڻ حڪيم هيو. انهن آکاڻين کي "حڪايات لقمان" يا "ايسپ جون آکاڻيون "جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. اهي آکاڻيون ايشيا مان يونان پهتيون ۽ اتان پوءِ هنن آکاڻين اوير جي ٻولين ۾ ڪتابي شڪل ورتي. آکاڻين يونان ۽ اوير جي ڪيترن ئي ڏاهن کي متاثر ڪيو. افلاطون بہ هي آکاڻيون پڙهيون هيون. سقراط هنن کي لکڻ چاهيو هو. يونان جي شهر اٿينز جي هڪ ڏاهي فوليرس بہ ايسپ جي آکاڻين مان (بقايا صفحي ايندڙ تي)

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هو. ڪيس مشاهدو ۽ مطالعو حاصل ٿي رهيو هو. سوچ ويچار وڌي رهيو هو. مختلف علم پيدا ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جو وقت شروع ٿي چڪو هو. سائنس، فلسفي، سياست، سوشيالاجي، حڪمت ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن تي انساني ذهن سوچي رهيو هو. سوچ جي نتيجن سان علم وڌي رهيا هئا. معاشي ساجاهہ اچڻ ڪانپوءِ جنگ جي علم ۾ واڌ ٿيڻ لڳي. ماڻهو جنگي تربيتون حاصل ڪرڻ لڳا. ڏاها حق ۽ سچ جو علم ڳولڻ لڳا. سماجي ريتن رسمن سان مختلف اصول ۽ قاعدا جڙڻ لڳا. جن جي آڌار تي قانون جي واڌ ويجهہ ٿيڻ لڳي. شهري رياستن جي آڌار تي جمهوري علم جي سوچ پيدا ٿي. ان سموري عمل ۾ منهنجي ابتدائي شڪل آکاڻي / داستان جو وڏي ۾ وڏو هٿ هيو.

ماڻهن جي اخلاقي تربيت لاءِ ڪيتريون آکاڻيون گهڙيون ويون. جن وسيلي ڪين هدايت ڪئي ويندي هئي. ان لاءِ ڪڏهن ڪردار جاندار هوندا هئا تہ ڪڏهن بي جان. جنهن ۾ ، جانور، جيت، پکي، پهاڙ، وڻ، رستا وغيره شامل هئا.

داستانوي / افسانوي ادب ق - م ڦاري ماڻهن جي مزاج ۽ روزاني زندگيءَ ۾ جاءِ ڪري ويو. ان ڪانسواءِ ماڻهن جا تڪل ذهن ساهي بہ پٽي سگهندا هئا. هنن کي آکاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو وڏو شوق هيو. قبل مسيح جي پوئين صدين ۾ جانورن، جيتن، پکين ۽ غيرجاندار شين بابت چيل قصن کي

سئو آکاڻين جو هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو هو. (پوئين صفحي تان آندل)

۱۴ هين صديءَ جي پهرين ڏهاڪن ۾ قسطنطنيہ جي هڪ پادري کي شوق جاڳيو ۽ هن ايسپ جي آکاڻين کي ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. پادري جو نالو پلانديز هيو. هن سخت جدوجهد کان پوءِ ۲۳۱ آکاڻيون ڳولي لڌيون. هن جو ڪتاب ئي هو، جنهن مان پوءِ سڀني فاعدو حاصل ڪيو ۽ پوءِ دنيا جي هر ادب تي حاوي ٿي ويون. ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ايسپ جي آکاڻين جو اثر هر تهذيب جي جانورن ۽ پکين بابت لکيل آکاڻين تي رهيو. پر جنهن ڪتاب وڌيڪ اهميت ماڻي اهو آهي پنج تنتر جنهن جو ذڪر اڳتي اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پڌڻ جو وڌ ۾ وڌ ا ساھ پيا ٿيو.

۽ ائين ھزا ھا سالن کان ماٺھن وٽ موجود حڪايتن جي ان ادب (Fable) کي لکت ۾ آندو ويو ۽ اھڙي ريت عظيم آکاڻيءَ وارو ادب (Great fable litrature) سامھون آيو. "ايسپ جون آکاڻيون" ۽ "پنج تنتر" جنھن جا وڏا مثال آھن.

*پنج تنتر تہ دنيا جو اھو ڪتاب آھي، جيڪو دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آھي. ۽ دنيا جي سمورن داستانن تي اثر ڇڏيو اٿس.

انھيءَ سموري حالتن ۾ آئون اوھان کي ھڪ اھم روپ پڌائڻ وساري

---

*ھن ڪتاب بابت تمام گھڻو لکيو ويو آھي، پر صحيح حقيقت، تاريخ ۽ ليکڪ بابت ڪا مڪمل ڇاڻ ناھي. تنھن ھوندي بہ ھن ڪتاب جي سنڌي ترجمي "سيا جو سينگار" (سويراج ھاسارام آڏواڻي) جي ٽين ڇاپي ۱۹۹۲ع ۾ پبليڪشن اسسٽنٽ پاران لکيل آھي تہ "بہ سئو ورھيہ عيسوي سن کان اڳ ڪشمير ۾ ٺاھيو ويو. سندس مصنف وشنو شرما ھو."

ان تي ڪجھہ ڪتابن ۾ اختلاف بہ ملي ٿو. ڪجھہ ڪتابن ۾ ڪتاب جو ليکڪ ناھي ڏنو ويو. ان بابت ھڪ برھمڻ لاءِ چيو ويو آھي جنھنجو نالو لاءِ اڻ ڇاتو ظاھر ڪيو ويو آھي ۽ لکجڻ جي وقت کي ٽي سؤ ق- م چيو ويو آھي.

ان ڪتاب ۾ ان وقت جي رائج آکاڻين ڪانسواءِ رامائڻ، مھاڀارت ۽ ٻين ڪتابن مان پڻ آکاڻيون ورتيون ويون. ھن ڪتاب ۾ مقدمي ڪانسواءِ پنج باب ھئا. بعد ۾ ان ۾ تبديليون اينديون ويون. مختلف ٻولين ۾ جڏھن ترجمو ٿيو تہ ان ۾ ڪي وڌاءُ ڪندا ويا، ڪي وري ان کي گھٽائيندا ويا. سنسڪرت، عربي، فارسي، نيپالي، انگريزي، فرنيچ، جرمني وغيره ۾ ترجمو ڪيوويو آھي.

نوشيروان عادل ڇھين صدي عيسويءَ ۾ پنھنجي وزير بروزيا ھٿان فارسيءَ ۾ پھريون ترجمو ڪرايو.

۵۷۰ع ۾ ايراني پادري بود ھن ڪتاب کي (بقاياصفحيإگينتي)

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. منهنجو اهو روپ هيو ڊرامي جو. جو تہ يوناني دؤر ۾ مون کي ڊرامي وسيلي پڻ پيش ڪيو ويندو هو. واقعا ۽ آکاڻيون نظمن ۾ بيان ڪيون ويون. ڪيترائي بهادريءَ جا ڪردار ظاهر ڪيا ويا. ان ڪانسواءِ جنهن شيءِ ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو اها هئي عشقيہ داستانن جو عروج تيڻ. ماڻهو محبت جي مناس ۾ سڀ ڪجهہ وساري ويهندا هئا. اهڙيون اهڙيون پيار-آکاڻيون گهڙيون ويون جو ماڻهن جي اندر ۾ عشق ۽ پيار جو اتساهہ عروج تي اچي ويو. ماڻهو رومانوي ۽ طلسماتي آکاڻين جا شيدائي ٿي پيا. رزميا داستان بہ پنهنجو ڪرڪنيو بيٺا هئا.

انهن سمورن قصن جي جوڙ جڪ مختلف هئي. آئون پنهنجي ڳالهہ مختصر ڪيان ٿي، ها تہ، پوءِ انساني زندگي ڪيتريون ئي، منزلون طئي ڪيون. فن ۽ ادب ۾ ڪوڙ ساري تبديلي اچي وئي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۾ ڦيرو اچي ويو ڪيتريون ئي عظيم حڪومتون قائم ٿي ويون. انسان سائنس جي پڙ ۾ پير پاتو. فلسفي جي آڳر تي نوان گل ٽڙي پيا،

(پوئين صفحي تان آندل) سرياني (يهودي) ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. ٧٥٠ع ۾ عباسي دؤر جي خليفي منصور جي چوڻ سان عبدالله بن مقفع جي هٿان هن ڪتاب جو "الڪليلہ والدمنہ" جي نالي سان عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. ڏهين صدي عيسيوي ۾ ايراني حڪمران ابوالحسن نصر بن احمد ٻيهر هن ڪتاب کي فارسي ۾ ترجمو ڪرايو. فارسي ۾ ڪجهہ ٻين ماڻهن بہ پنج تنتر جو ترجمو ڪيو. مشهور ترجمو ملان حسين ڪاشفي جي "انوارالسهيليءَ" کي محيو وجي ٿو. ان تان ئي ١٨١٦ع ۾ فرينچ ۽ ١٨٥٤ع ۾ انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ويو. ١٨١٦ع ۾ "همايون نامون" جي نالي سان ترڪي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيو.١٨٧٨ع ۾ ٻيهر والسٽن هن کي انگريزي روپ ڏنو جنهن تان ٻين يورپي ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو. اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ هن جا الڳ الڳ ترجما ڇئن پنجن ڇڻن ڪيا آهن. هن ڪتاب جون ڪيئي آکاڻيون هندستان جي ڪيترن ئي مذهبي ۽ عام ڪتابن ۾ شامل آهن پر اصل ۽ سنسڪرت وارا نسخا ملي ناهن سگهيا.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

تاريخ، قانون، ننگ ۽ ٻين ڪيترن ئي سماجي علمن ۾ واڌ ويجهه ٿي ڪيترائي مفڪر، دانشور، سياستادان، سائنسدان پنهنجي پنهنجي تجربن، مشاهدن ۽ عملي ڪم ۾ اڳتي نڪري آيا. اتي ساڳئي وقت ادب ۾ به ترقي ٿي وئي. شاعري، ناول، لوڪ داستانون، سوانح عمريون ۽ ادب جي ٻين موضوعن تي بيشمار ادب چپجڻ لڳو. انساني سماج جي تبديليءَ سان گڏ جيڪي به اهم انساني واقعا ٿيندا رهيا، محبتن جي داستانن جنم ورتو، جنگيون لڳيون انهن کي پڻ قصن وسيلي ”لوڪ آکاڻي“ جي ذريعي بيان ڪرڻ لڳا.

ناول پنهنجي جاءِ ٺاهڻ لڳو ۽ ماڻهو ان کي خوب پڙهڻ لڳا. اوچتو ئي اوچتو دنيا ڏٺو تہ يورپ سڄي دنيا تي حاوي ٿي ويو. يورپي قوم، عربن، يونانين جي تجربن ۽ مشاهدن مان حاصل ڪيل علم کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو ۽ ايئن هوريان هوريان يورپ ۾ ڪيئي وڏيون وڏيون سلطنتون ظاهر ٿي پيون. چين، روم، هندستان جهڙين بادشاهتن ۾ اندروني ڳڙ ٻڙ ٿي پئي. اسلام، جيڪو ٿوري وقت ۾ دنيا تي ڇانئجي ويو هو. وقت سان گڏ حڪمرانن جي غلط روين عياشين جي ڪري سيئي سلطنتون سندن هٿن مان نڪرڻ لڳيون. تانجو هو پاڻ ٻين سلطنتن جو حصو بڻجي ويا.

انهيءَ دوران سائنس جا تجربا ٿيڻ لڳا. انساني روين ۾ تبديليون اچڻ لڳيون. فلسفي، تاريخ، قانون، سياست ۽ مذهب جي ڪتابن کي اهميت ملڻ لڳي. آکاڻيون ماڻهن جي دلچسپيءَ جو ڪارڻ هيون. ناول پنهنجي اهميت پيدا ڪري ويو. انساني تاريخ جڏهن هلندي هلندي سورهين صديءَ ۾ پهتي تہ اتي ادب ۾تصور جو اهم لاڙو پيدا ٿي پيو. فطرت کي سمجهڻ لاءِ شاعري ۽ ڊرامي جو سهارو ورتو ويو. تڏهن آئون بہ پنهنجي ڪوڙ ساري شڪل تبديل ڪري چڪي هيس. واقعن جي شڪل ۾ حقيقت کي مون ٿوري جاءِ ڏني. مون ۾ پلاٽ اچي ويو. هڪ تسلسل اچي ويو. پر مون لاءِ مسئلو اهو هيو تہ اديب مونکي ڪيئن ٺا ڪڻن؟ جو تہ هيل تائين گهڻي ڀاڱي ادب ۾ ناول ۽ شاعري، ڊرامي ۽ فلسفي کي ڪنيو ٿي ويو. پر جڏهن يورپ ۾ تعليم جو معيار

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

وڌيو، ڪارخاني جي زندگيءَ جو آغاز ٿيو. آباديءَ ۾ وڌاءُ ٿيو تہ سترهين صدي عيسوي ڌاري يورپي ملڪ ايشيا، آفريڪا ۽ آسٽريليا، ڪنڊن ۾ ڪاهي پيا. انهن ڪنڊن ۾ ڪتاب گهٽي ياڳي مذهب يا وري رومانوي داستانن جي چؤگرد ڦري رهيو هو. پارسي / فارسي ادب ۾ عشقيہ ۽ جادوئي داستان هئا. ساڳئي طرح ڏکڻ ايشيا ۾ بہ اهڙوئي ادب هيو. يورپ ان سلسلي ۾ ترقي ڪري رهيو هو. جڏهن يورپ ڪان سواءِ ٻيا ملڪ بينڪيت (Colonism) ۾ اچي ويا تہ اتان جي سوچ، سمجهہ، علم ۽ ادب تي اثر پئجي ويو. جڏهن تہ يورپ ۾ سياسي ساڄاهہ جي ڪري ڪيترن ئي عظيم نظرين جنم ورتو. خاص ڪري فرانس، برطانيہ روس، *پرشيا ۽ اٽلي جهڙين وڏين طاقتن ۾ نظرياتي سوچ ۽ سياسي سوچ عروج تي هئي ۽ ساڳئي وقت انهن ۾ ادب جي ترقيءَ لاءِ خاص عمل هيو. انهن رياستن ادب ڪي نظرين پٽاندڙ جڏهن استعمال ڪرڻ شروع ڪيو تہ ادب ۾ نواڻ اچي وئي. شاعري، ناول، مضمون نويسيءَ ۾ نوان رجحان اچي ويا. اتي آئون بہ ترقي ڪرڻ لڳس ۽ ايئن سترهين صديءَ عيسويءَ ۾ ڊگهي ڪهاڻي (long story) جي حيثيت ۾ آئون تبديليءَ سان ايرڻ لڳس.

اهي يورپي جيڪي انساني تمدن جي ارتقا وارن ڍهاڙن ۾ سيني تهذيبن ڪان پوئتي ۽ چڙوچڙ هئا. هڪ هنڌ سانتيڪا بہ نہ هئا. پر هڪ ڳالهہ انهن ۾ اها سيني ڪان وڌيڪ هئي تہ هو جڏهن هڪ هنڌ گڏبا هئا تہ هڪ ٻئي ڪي انيڪ قصا ۽ گيت ٻڌائيندا هئا. پر جڏهن روم جي تهذيب پيدا ٿي تہ يورپ ۾ بہ تهذيبي چاڙهہ جو دؤر آيو ۽ ايترو چارهہ آيو جو هو طاقت علم ۽ ادب ۾ پنهنجي اهم حيثيت ناهي ويا. عيسيٰ عليہ السلام جي جنم ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن عيسائي مذهب ڦهلجڻ لڳو تہ روم جي بادشاهہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي تياس ۾ ٽنبي ڇڏيو ۽ ان ڪناپوءِ روم جو زوال شروع ٿيو.

*هاڻوڪي جرمنيءَ کي پروشيا سڏيو ويندو هو. پر بسمارڪ جي بهترين گهريلو پاليسين جي ڪري جرمنيءَ جي رياستن ۾ اتحاد ٿيو ۽ اهڙي ريت ١٨٧١ع ۾ جرمنيءَ جهڙو اهم ملڪ يورپي سياست ۾ شامل ٿيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جڏهن عيسائي مذهب ڦهليو تہ مذهبي اڳواڻن ان مان فاعدو حاصل ڪرڻ شروع ڪيو هو. (حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان واڳيل ڪهاڻين کي Epo-nany چئبو آهي.) حضرت عيسيٰ سان واڳيل انيڪ آڪاڻيون پڌائي ماڻهن تي حاوي ٿيندا ويا. جڏهن روم تي هڪ عيسائي حڪمران جي حڪومت آئي تہ عيسائي پادري پوپ جو لقب وٺي سڄي حڪومتي ڪاروبار جو مالڪ بڻجي ويو ۽ ائين مذهبي ادب ۾ بہ وڏو چاڙهہ آيو. ڪيتريون ئي ڳالهيون ۽ آڪاڻيون سچيون ڪوڙيون پڌائي ماڻهن تي مذهبي اثر وڌو ويو. هوريان هوريان يورپ ۾، فرانس ۽ انگلستان ۾ بہ بادشاهتون بڻجي ويون. پر سياسي زندگيءَ جي حوالي سان يورپي قوم جا رويا ڏاڍا جابراڻا ۽ خراب هئا. جڏهن اسلام جو دؤر آيو تہ اسلامي حڪومت آفريڪا، ايشا ۽ يورپ تائين ڦهلجي وئي مذهبي پرچار ۾ وري بہ ”آڪاڻي“ ۽ ”ڳالهہ“ جو اهم عروج هيو. عرب وڏا شاعر پيدا ڪيا. پر شاعريءَ جي صنف ۾ بہ آئون موجود هيس.

جڏهن جنگيون ٿيون، تهذيبن جو هڪٻئي سان ميل ٿيو ۽ هڪ ٻئي جو تهذيبون ڦهلجڻ لڳيون تہ ان جو اثر ادب ۽ ٻوليءَ تي ٿيو. انهن ۾ بہ تبديليءَ جو عمل آيو. وڏا وڏا بهادر انسان پيدا ٿيا ظلم ۽ جابر حڪمران سامهون آيو. انهن جا قصا هڪ تہ تاريخ جو حصو هئا. باقي عام ماڻهن وٽ جڏهن ”داستان چوڻ وارو“ اهي ڳالهيون پڌائيندو هو تہ ان ۾ ڏاڍي دلچسپي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي ۽ ائين تفريح ڏيڻ جو لاڙو بہ آڪاڻي ۾ وڌيڪ ٿيڻ لڳو.

يورپي قومون اندرونيءَ طرح اخلاقي ۽ مذهبي طور بدترين هيون. هنن جا ظلم ۽ نا انصافيءَ جا بيشمار مثال آهن. ان هوندي بہ هنن وٽ طاقت هئي جنهن جي آڌار تي هو آمريڪا، آفريڪا، ايشيا ۽ آسٽريليا کنڊن تي راڄ ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا. پر قومن ۾ جڏهن آزاديءَ جو احساس اڀريو تہ اهي يورپي قومن کي گهڻ لڳا. جتي علم ۽ ادب هو انهن هنڌن تي ان ۾ وڏي تبديلي آئي. آئون آمريڪا کنڊ ۾ تڏهن آڪاڻيءَ جي اسٽائيل ئي ۾ سهي پر ڪجهہ تبديليءَ سان ظاهر ٿيڻ لڳس خاص ڪري آمريڪا ۽ ڪينيڊا ۾.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هيڏانهن يورپ ۾ جڏهن مڪمل صنعتي دؤر آيو تہ وچين طبقي علم ۽ ادب ۾ ڪيترائي نوان لاڙا ۽ نظريا پيدا ڪيا. ناول، مضمون ۽ شاعري وسيلي نظرين جو پرچار ٿيڻ لڳو ۽ جڏهن فرانس ۾ ١٧٨٩ع ڌاران انقلاب ٿيو تہ ماڻهن ۾ نئون اڀار آيو. ان جو اثر يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ٿيو ۽ طاقت جو حاصل ڪرڻ وارو جنون سموري يورپ ۾ وڌي ويو ۽ هو اندروني ڇڪتاڻ ۾ پئجي ويا. فرانس ۾ جيڪا قوميت واري سوچ سگهہ حاصل ڪئي. اها يورپ کان نڪتي ۽ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وئي. اهڙي ريت يورپي اتي ٽڪراءُ جي عمل کي منهن ڏيڻ لڳا ۽ ان مان ادب ۾ ڪوڙ نوان لاڙا آيا. ان جي ٻيهڪ ۾ فرق آهيو. خاص ڪري فرانس ان معامري ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو. پر ان عمل ۾ منهنجي اوسر ٿيڻ لاءِ اهم ڪردار آمريڪا ۽ برطانيا ۾ ٿيو. صنعتي ملڪ هجڻ جي ڪري برطانيا جي اديبن هزارن صفحن جا ناول لکڻ بجاءِ منهنجو سهارو وٺڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن دنيا جي ادب ۾ سيني جي نظر مونتي پئي تہ هنن مون تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ائين آئون آڳاٽي ڳهاڙيتي مان تبديل ٿيڻ لڳس مون کي نئين روپ جي ضرورت هئي. مون ڏنو تي تہ ڪيئن نہ ناول ۾ پلاٽ آهي، ڪردار آهن، ڪردار نگاري ۽ واقعا نگاري آهي، چاڙهہ (Climax) آهي، خوبصورت پڄاڻي آهي. ان ۾ ڊرامائي تبديليون آهن. ۽ ائين آئون ناول جي وجود مان ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ لڳي ويس. ڪيترن ئي ليکڪن منهنجي اندر جي انهن اڌمن کي ڄاتي ورتو، هنن کي منهنجي احساسن جي پرواز هئي. آئون پاڻ کي پڃري ۾ محسوس ٿي ڪيو. مون چاهيو ٿي آئون پل ننڍي دنيا ۾ هجان پر آزاد ۽ پروقار هجان. ان لاءِ مون کي ڊرامي ۽ ناول ڏاڍي مدد ڏني. پنهنجي ئي وجود مان مون کي جسم ڏيڻ لڳا. ۽ اهڙي ريت آئون داستان / قصي / ڳالهہ جي هيئت ۾ تبديلي آڻڻ ۾ هوريان هوريان سوپ ماڻڻ لڳس. شروع شروع ۾ يورپين منهنجي تبديليءَ واري پهرين انهيءَ روپ کي ڊگهي ڪهاڻي (long story) جو نالو ڏنو. حالتن جي تبديليءَ سان آئون بہ تبديل ٿيندي ويس. آئون اهو بہ ٻڌايان تہ آئون ناول مان جنم نہ ورتو، رڳو ان کان بناوت لاءِ مدد ورتي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ارڙهين صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ مون هاڻوڪي ڪهاڻي (Modern story) ڏانهن بنيادي وک وڌائي. خاص ڪري جرمني، روس، آمريڪا ۽ ڪنيڊا ۾ مون پاڻ ۾ فرق محسوس ڪيو. جيڪو پوءِ ترت ئي برطانيا ۽ فرانس ۾ بہ محسوس ڪيم. جرمنيءَ جي هينرخ وان ڪلائيسٽ (Heinrich von kliest 1777-1816) يا آمريڪا جي واشنگٽن ايروگن (Washington Irving 1783-1859) وغيره مون کي آکاڻيءَ کان ٿورو الڳ لکيو. ۽ ها، ان سان گڏ مون کي Fable (آکاڻيءَ) جي نانءُ بجاءِ (Story) ڪهاڻيءَ جي نانءُ سان ياد ڪيو وڃڻ لڳو. منهنجي جسامت ۾ فرق اچي ويو. ان ۾ نيٿنائل هٿورن (Nathaniel Hawthorne 1804-1864) جو پڻ حصو هيو. اڻويهين صديءَ دنيا ۾ بيشمار تبديلين سان گڏ شروع ٿي، سياسي، سماجي ۽ نظرياتي سوچ جو عمل ادب ۾ آيو. جنهن سان ادب ۾ نوان لاڙا سجاڻ هيٺ آيا. مون ۾ موجود پلاٽ کي هڪ مقصد مليو. ان سان گڏ اڳي رڳو ڪردار هوندا هئا. پر هاڻ انهن جي بيهڪ چرپر وغيره بابت ڌيان ڏنو ويو. اهڙي ريت ڪردار نگاريءَ جو رجحان پيدا ٿيو. اڻويهين صديءَ ۾ (Modern Story) جا بنياد وجهندڙ ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا ۽ انهن (Fictious) کان هٽي حقيقي زندگيءَ جا عڪس اولڙا مون تي وجهڻ شروع ڪيا. اهو اڻويهين صديءَ جو چوٿون ڏهاڪو هيو. جڏهن ايڊگرايلن پو (Adger Allan Poe 1809-1849) مون تي تجربا ڪندي ڪندي نيٽ نئون رنگ ڏنو ۽ هڪ الڳ گهاڙيٽي ۽ سٽاءُ ۾ اچي ويس ۽تڏهن تہ آئون بلڪل ئي نئين ڍنگ جا ڪپڙا پائي ورتا جڏهن روس جي نڪولائي گوگول (Nikolie Vasilieich Gogol 1809-1852) مون کي اهڙو لکيو جو ڪيترن ئي ليکڪن ان جي لکڻين کي سامهون رکي مون کي لکڻ لڳا. ايڊگرايلن پو، جيڪو منهنجو پهريون نقاد هو، ان گوگول جي ئي تخليقن تي منهنجي ساخت جو تعين ڪيو. جنهن وسيلي پلاٽ، ڪردار، منظر نگاري، لاها چاڙها، منڍ، وچ، آخر ۽ هنر / ٽيڪنڪ تي ڌيان ڏنو ويو. گوگول جنهن مون کي ڏاڍو لکيو هو. جڏهن هن جي 1842ع ۾ over coat سامهون آئي تہ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۱۸۴۴ع ۾ دوستو فسڪي چيو "We all came out from over coat" (اسين سڀ اوور ڪوٽ جي پيداوار آهيون)

۽ اهڙي ريت آئون (Modern story) جي شڪل ورتي. پوءِ (Great story) تيئن ۾ مون کي دير ڪونہ لڳي. جو تہ 19 هين صديءَ ۾ مون کي لکڻ وارا ڪوڙ تي پيا. پر ڪجهہ اهڙا بہ هئا. جيڪي اڳتي ان ڳالهہ جو بنياد بڻيا تہ انهن کي پڙهڻ ڪانسواءِ ہيو لکندڙ ميجتا نہ ماڻيندو، اهڙي ريت مطالعي سان گڏ تجربن جي آڌار تي مون ۾ نوان لاڙا، نظريا ۽ تيڪنڪ تي پڻ قلم آزمائي تيڻ لڳي.

شروعاتي دؤر هيو. گوگول جي ملڪ ۾ دوستو فسڪي (Dostoeveski 1821-1881) ليو ٽالسٽاءِ ناول سان گڏمون کي بہ وڏي عظمت ڏني ۽ جڏهن وري چيخوف مون کي لکڻ لڳو تہ هن مون کي اعليٰ حيثيت ڏياري ڇڏي. اينٽن چيخوف (Anton Chekhove 1860-1904) مون کي ڏاڍو لکيو. روس ۾ پيا ڪيترائي لکاري هئا. آئون جيڪر هڪ هڪ جو نالو وٺان تہ ... هيڏانهن وري آمريڪا ۾ ايڊگر ايلن پو سان گڏ هرمن (Herman Melville 1819-1891) بہ ان ڪيتر ۾ بنيادي ڪم ڪيو. ويتر جڏهن فرانسز بريٽ هرٽ (Frances Brete Harte 1839-1902) او هينري (O, Henery 1862-1910) اسٽيفن ڪرئن (Stephen Crane 1871-1900) وغيره مون کي انتهائي بهترين انداز ۾ لکيو، ان جو اثر نہ رڳو آمريڪا پر سڄي دنيا وارن ورتو. نہ رڳو اوهينري پر چيخوف بہ تمام وڏو اثر ڪيو. ساڳئي وقت دنيا جي ٻين حصن ۾ مون کي اوتري ئي اهميت حاصل تي رهي هئي جيتري روس ۽ آمريڪا ۾ هئي. ڪجهہ ليکڪ، جيئن اسڪاٽ لينڊ جو رابرٽ لوئي اسٽيونسن (Robert Louis Stevenson 1850-1894) ، فرانس جو گاءِ ڊي موپاسان (Guy De Maupassant 1850-1889) ۽ ڪائونٽ آدم (Count Viviers De "L" Isle Adam 1838-1889) ڊنمارڪ جو هينس ڪرسٽين ايڊرسن (Hans Christain Adersen 1805-1875) بجورنسترين بجورنسن (Bjornsterne Bjorn-

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

(Adalbert Stifler جرمنيءَ جو ايڊلبرٽ اسٽفٽر sen 1832-1910) (Gottfried keller سوئزرليند جو گاٽ فرائيڊ ڪيلر 1919-1890) (Hawthrone Nathaniel يا ہيا ليکڪ ھاٿرون نٿانيل 1819-1890) (1804-1864 الفانسي (Alphansi Dandet 1840-1897) وغيره.

اٹويهين صديءَ جا اهڙا ليکڪ هئا. جن مون کي Modern جي سفر کان Great جي سفر تائين پهچايو ۽ اهڙي ريت آئون جديد بہ ٿيس ۽ عظيم بہ ٿي ويس. هنن ليکڪن کانسواءِ ہيا بہ اهڙا ڪوڙ ليکڪ هئا جن انهيءَ سفر ۾ منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو.

اٹويهين صديءَ ۾ ہيا بہ ڪھاڻيڪار هئا. جن جو ذڪر اٹويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ اچي ٿو. جو تہ هنن مون کي ٻنهي صدين ۾ لکيو. هيل تائين جيڪو پڙهيم ان ۾ رڳو اٹويهين صديءَ جا ليکڪ هئا. پر انهن مان ڪجھ ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ پڻ لکندا رهيا ۽ اٹويهين ۽ ويهين صديءَ جي ڪھاڻيڪارن تي اثر ڇڏيائون. جيئن چيخوف، بجورنسن، اوهينري، ٽالسٽاءِ وغيره هئا.

عظيم ٿيڻ کانپوءِ "*الفريڊ نوبل" جي نانءَ تي نوبل پرائز شروع ٿيو ۽ دنيا جو نئون ادب نوبل تي ويو. پهريون ڀيرو نوبل پرائز هڪ شاعر ريني

---

* الفريڊ نوبل دنيا جو نالي وارو سائنسدان هيو. هن جو جنم ١٨٣٣ع ڌاري سوئڊن ۾ ٿيو. سندس پورو نالو الفريڊ برنارڊ نوبيل آهي، پر ڪيس الفريڊ نوبل جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

هن ننڍپڻ کان سائنس جي علمن ۾ دلچسپي ورتي ۽ جيتوڻيڪ سندس نالي سان امن جو نوبل انعام پڻ ڏنو ويندو آهي. پر هن جون ڪيل ايجادون امن ۽ انسانيت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيون آهن. هن جي ايجادن ۾ مک بارود ۽ ڊائناميٽ آهن. هو ڪيميائي علم جو تمام وڏو ڄاڻو هو ۽ انهيءَ مان هن نہ رڳو سڄي دنيا ۾ نالو ڪمايو. پر ان سان دولت بہ ڪمايائين. ١٨٩٦ع ۾ وفات ڪيائين.

هن وصيت ڪئي تہ سندس ڪمائي وارو پيسو (بقايا صفحي اڳين تي)

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سلي پرودم ڪي مليو. هي فرانس جو شاعر هو. ويهين صديءَ جي ٻي سال ۾ جڏهن ۱۹۰۲ع ۾ بجورنسترين بجورنسن کي ادب جو نوبل پرائز "Nobel Prize" مليو تہ آئون بہ نوبيل ڪهاڻي تي ويس. منهنجو جديد ڪان عظيم ڪهاڻيءَتائين جو سفر ۽ عظيم ڪان نوبيل ڪهاڻي تيڻ وارو پنڌ ڏاڍو اڻانگو هيو. پر آئون نوبيل تيڻ تي ڏاڍي سرهي هيس.

آئون پنهنجي لکارين جو ذڪر تي ڪيو ۽ اوهان کي انهن بابت ٻي ٻڌايم، جن مون کي ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي تائين لکيو. پر انهن سان گڏ ٻيا اهم نانءُ اهڙا بہ هئا، جن اڻويهين صديءَ جي آخري ڇئن پنجن ڏهاڪن ۽ ويهين صديءَ جي ڪجهہ ڏهاڪن تائين (جيستائين اهي جيئرا هيا.) لکيو. آئون اوهان کي انهن مان ڪن جا نالا ٻڌايان ٿي، جن کي دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ جن جو اثر ذري گهٽ مونتي جتي ڪتي پيو آهي. ان سان گڏ هنن کي دنيا جي اهم "چونڊ" ۽ "انتالاجيز" ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. ان جو مقصد اهو ناهي تہ ٻياڪي انهن کان گهٽ هئا يا آهن. پر مسئلو اهو آهي تہ جيڪي ميڊيا جي آڌار تي يا پنهنجي تخليقي سگهہ تي اڳتي اچن ٿا اهي جڳ ۾ پنهنجي نانءُ کي ڦهلائن ٿا. جيئن : روس جو مئڪسم گورڪي (Maxim Gorky 1868-1936) سوئڊن جو پر هاسترام (Per Halstrom 1866) ناروي جو سگ رڊ اندست (Sigrid Undist 1882) هاليند جو مارٽن مارٽنس (Marten Martens 1858-1915) اٽليءَ جو ليوگي پرانديل (Luigi Pirandell 1863-1936) اسپين جو بلاسڪو ابانيز (Blasco Ibanez 1867-1928) ايڊٿ وارٽن آمريڪي (Adith warton 1862) برطانيہ جو ايڊرورڊ مارگن فاسٽر (Adward Margon Forster 1879) برماجو ساقي ايچ ايچ منرو (Saki

(پوئين صفحي تان اندل) ادب، ڪيميا، طبيعات، معاشيات، طب ۽ امن لاءِ اعليٰ ڪارڪردگي ڪندڙ ماڻهن ۾ انعام طور ڏنو وڃي ۽ ايئن ۱۹۰۱ع کان مٿين شعبن جي ماڻهن کي نوبل پرائز ملڻ شروع ٿيو ۽ اجان تائين ملي رهيو آهي ۽ ان جي حيثيت دنيا جي وڏي ۾ وڏي اعزاز واري ٿيندي پئي وڃي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

(Walter Delamare برطانيا جو ڊيلاميئر H.H. Manro 1870-1916)
1873) آئرلينڊ جو مونٽيگو (L.E. Montangue 1867-1928) اولائيو
شرينر (Olive Schreiner 1862-1920) نيوزيلينڊ جي ڪيٿرائن
مينسفيلڊ (Katherine Mansfield 1888-1923) ڪينيڊا جو چارج
ڊگلس (Sir Charles George Dougles Robert 1860) انتول فرانس
فرانسيسي (Antole France 1844-1924) جرمنيءَ جو جان واسرمين
(John Wasserman 1873-1934) آسٽريا جو آرٿر شيزر (Arthur
Schaitzler 1862-1931) آسٽريا جو اسٽيفن ڊيگ (Stefan Zweig
1881) آگسٽ اسٽرنڊبرگ (August Strindberg 1849-1912) جي ايچ
ويلز برطانوي (George Herbert Wells 1866-1946) برطانيا جو ڊي
ايچ لارنس (DH: Lawrence 1885-1930) جوزف ڪانراڊ (هي هيو تہ
پولينڊ جو پر جلاوطنيءَ جي ڪري برطانيا ۾ رهيو) (Joseph Conrad
1857-1924) برطانيا جو سمرسٽ مهام (W.Somerset Maugham
1874) ڪانگ هيم گراهم (Robert Botine Cauniningham
grame 1852-1936) اوهيو جو شرووڊ اينڊرسن (Sherwood
Anderson 1876-1941) ڪيٽ چوپن (عورت) (Kate Chopin 1851-
1904) اوهيو جو بائرسيب (Bierceb 1841-1914) مارڪ ٽوائن آمريڪي
(مارڪ ٽوائن جو اصل نالو سيموئل (Mark Twain 1835-1910)
لانگھورن ڪليمنس Samuel langhorne Clemens آهي. انهيءَ نالي
سان بہ سندس ڪوڙساريون لکيون چپيل آهن.) برطانيا جو آرٿر ڪانڊائل
(Arthur Conandoyle 1859-1930) پرڪنس گل مين (Charlotte
Perkins Gilman 1860-1935) برطانيہ جو ٿامس هارڊي (Thomes
Hardy 1840-1928) هينري جيمز آمريڪي (Henery James 1843-
1916) سارا اورن جيوڏ مينائي (Sarah Orne Jewett 1849-1909)
آئرلينڊ جو جيمس جوائز (James Joyce 1882-1942) جرمنيءَ جو فرانز
ڪافڪا (Franze Kafka 1883-1924) رڊيارڊ ڪپلنگ (هي انڊيا ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

برطانيا ۾ رهيو.) (Rudyard Kippling 1865- 1936) آمريڪا جو جيڪ لنڊن (Jack London 1876-1916) ٿامس مان جرمنيءَ جو (Thomas Mann 1875-1955) ليو ٽالسٽاءِ روسي (Leo Tolstoy 1828_1910) اسپين جو انامونو (Mignel De Unamuno 1864-1936) پولينڊ جو پريز (Y.L. Peretz 1852-1915) جرمنيءَ جو پال هيس (Paul Heyes 1830-1914) جرمنيءَ جو هرمن هيسي (Herman Hesse 1877-1962) سوئزر لينڊ جو رابرٽ والسر (Robert Walser 1878-1966) ۽ ڪوڙ ٻيا مون کي پنهنجي ياڪرين آتيندا رهيا. توهان سوچيندا هوندا ته مون آخر عرب، آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن جي ڪهاڻيڪارن جو آخر ذڪر ڇو ناهي ڪيو؟ آئون اعتراف ڪيان ٿي ته مون کي جتي ڪٿي تمام سٺو لکيو ويو. پر آئون رڳو ذڪر انهن جو ڪري رهي آهيان، جيڪي مونکي نوبيل ڪرائٽ ۾ اڳتي هئا. هونئن جيڪر آئون هڪ هڪ جو ذڪر ڪيان ته توهان ڇاڻو ٿا ڪيڏا دفتر ڪارا ٿي وڃن. ان ڪري توهان اهو نه سوچجو ته ڪو ٻين کي نظر انداز ڪيان پئي. هاڻي آئون توهان کي انهن ليکڪن لاءِ ٻڌايائن ٿي، جن ويهين صديءَ ۾ مون کي نوبيل جي اعزاز سان گڏ ڪنيو هليا. ان سان گڏ ڪجهه اهم ليکڪن جو ذڪر به ضروري آهي جن جوتمام گهڻو اثر رهيو. اهو ذڪر به اڳتي هلي ڪيان ٿي ته منهنجي بناوت ۾ ڪهڙو فرق آيو ۽ ڪيئن منهنجي نوعيت ۽ وسعت لاءِ نوان رستا گهڙيا ويا پر مختصر. جو ته مون کي نوبيل ٿيڻ لاءِ ٻين نثري ۽ نظمي صنفن سان گڏ هلڻو هو. نوبيل پرائز ماڻيندڙ ليکڪ رڳو ان اعزاز سان امر نٿا ٿين، پر ان سان گڏ ان جي ٻولي خطو ۽ ادب پڻ نوبيل ٿيندا آهن. جو ته نوبيل پرائز ماڻيندڙ ڪيترائي ليکڪ رڳو مون کي نٿي لکي رهيا هئا. پر ناول، تحقيق، فلسفي ۽ نظم وغيره ۾ به اوڏائي عظيم هئا. جيئن بجورنسن نه رڳو منهنجو لکاري هو، پر هو شاعر ۽ نقاد به هو. ائين ٽيگور به وڏو شاعر ۽ ناول نگار به هو. هيمنگوي، فاڪنر، اسٽين بيڪ، سارتري، هنرخ بال، نجيب محفوظ، گارشيا مارڪيز وغيره ڪيترن ئي صنفن جا ليکڪ هئا.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

فلسفي، شاعر، نقاد، ۽ صحافي هئا/آهن.

ها، آئون اوهان کي ليکڪن جي باري ۾ ٿي ٻڌايو. پر هتي هڪڙي افسوس جهڙي حقيقت به ٻڌائيندي هلان ته ”نوبيل پرائز“ جي سلسلي ۾ کنهن حد تائين نا انصافي به ٿيندي رهي آهي. اهو هڪ ڏکهو بحث آهي. پر اوهان کي رڳو ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي جي صورتحال ٻڌايان، ڇو ته ١٩١٠ع تائين دنيا جا عظيم لکاري فوت ٿي ويا پر انهن جو اثر هلندڙ صديءَ جي اڻ ڳڻين ليکڪن تي پيو آهي. پر انهن کي هن اعزاز سان نه نوازڻ افسوس جهڙي ڳالهه هئي. ان حوالي سان آئون وڌيڪ متاثر ٿيس. ڇو ته انهن ۾ گهڻائي منهنجي لکارين جي هئي، ان سان گڏ اهي تمام وڏا ڊراما نگار، ناول نگار، شاعر، نقاد، فلسفي وغيره پڻ هئا. جيئن مارڪ ٽوائن، چيخوف، او هينري، وغيره. جڏهن ته ادب جي نوبيل پرائيز حاصل ڪرڻ وارن لاءِ جيڪو معيار مقرر آهي، جي وضاحت سوئڊش اڪيڊمي هيئن ٿي ڪري: ”اهڙو اديب جنهن تخليقي ادب ۾ شاهڪار شيءِ ڏني هجي.“ اهو مجيل اصول آهي ته شاهڪار شيءِ اها هوندي آهي، جيڪا هميشه زنده رهي ۽ دنيا چاڻي ٿي ته چيخوف، اوهينري ۽ ڪي ٻيا اهڙا نانءُ آهن، جن نه رڳو پنهنجي صديءَ جي ليکڪن ۽ سماج تي اثر ڇڏيو آهي، پر اڄان سوڌو انهن جي حيثيت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. انهن جي پيٺ ۾ اهڙن ماڻهن، جن ۾ شاعر ۽ تاريخ نگار شامل آهن، کي اهو اعزاز ڏنو ويو، جو انهن کي هاڻي ڪير به نه ٿو سڃاڻي. انهن جا ڪتاب رڳو لئبريرين جي ڪئٽلاگ ۽ فهرست لسٽن ۾ جيئرا آهن. هي آئون ڪهڙو بحث ٿي ڪيان. اهو الڳ بحث آهي مون کي ته رڳو پنهنجي نوبيل ٿيڻ واري ڪٿا ٻڌائڻي آهي. ها ته پوءِ هيئن ٿيو جو آئون جڏهن ويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ليکڪن وٽ آيس ته انهن نه رڳو منهنجي موضوعن ۾ نواڻ آندي، پر ان سان گڏ اسلوب ۽ بناوٽ ۾ پڻ غير معمولي تبديليون آنديون. اهو به دؤر هيو جو مون کي اڻويهين صديءَ جي اڌ ڌاري داستانن جي نموني هيٺ پلاٽ ۽ ڪردار نگاري جي اضافي سان موضوعاتي حوالي تحت لکيو ويندو هو ۽ منهنجي بناوت شروعات، اپار ۽

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

آخر، جي بنياد تي هئي. پر هاڻي اهو سڀ خواب لڳي ٿو. هاڻي آئون ڪتان به شروع تي ڪٿي به ختم تي سگهان ٿي. منهنجو انت شروعات تي سگهي ٿو. منهنجو وچ آخر تي سگهي ٿو. منهنجو منڍ آخر تي سگهي ٿو. مقصد هاڻي آئون سمرٽ مهامر واري تعريف کان هٽي گول دائري جيان ڦري رهي آهيان، ۽ ان سان گڏ مون پر موضوعن ۽ مسئلن جي ڪا پابندي ناهي. ان سان گڏ آئون تاريخ، فلسفي، فن، قانون، سائنس، سياست، نظرين، پيار، محبت، سماجي ۽ معاشرتي مسئلن جو ڀرپور اظهار جو طريقو بڻجي چڪي آهيان. آئون دنيا جي هر شيءِ هر مسئلي جو اظهار آهيان، هر واقعو چاهي، اهيو ساموئڊي هجي، صحرا جو هجي، جنگ جو هجي، چنڊ ستارن ۽ سيارن جو هجي، مذهب جو، مقصد هر شيءِ منهنجي پڪيڙ ۽ پڪڙ ۾ آهي. آئون لازوال آهيان جو آئون انسان جي اندروني جذبن ۽ احساسن جي حقيقي اپٽار ڪئي. جيئن خليل جبران ۽ ٻين ڪيو. ۽ ها، ٿورو توهان کي ويهين صديءَ جي انهن لکارين لاءِ به ٻڌايان جن مون ۾ انيڪ تبديليون آنديون آهن ۽ اچوڪي اوچي مقام تي پهچايو آهي. آمريڪا جو وليم فاڪنر (William Faukner 1897-1962) آمريڪا جو ڊيشل هيمٽ (Dashiell Hammet) نيو جرسي جي ڊورٿي پارڪر (Dorothy Parker) ٽيڪساس جي ڪيٿرائن اين پورٽر (Ketherine Anne Porter) آمريڪا جو جيمز ٿربر (James Thur- ber)، آئرلينڊي فلهرٽي (O'Flaherty) چيڪسلواڪيا (اڳوٺو) جو ڪارل ڪيپڪ (Karel Capek) هنگري جو جوزف بارڊ (Joseph Bard LL.D) آمريڪي اڊن فربر (Eden Ferber) آمريڪا جو اسٽيفن بينٽ (Stephen Vincen Benet) ارنيسٽ هيمنگوي (Ernest Hemingway) جرمنيءَ جو رچرڊ هيوز (Richard Hughes) آسٽريليا جو وينس پامر (Vance Palmer) جرمنيءَ جو ڪارل اسٽيفنسن (Carle Stephenson) ڪينيڊا جو مورلي ڪالاغان (Morley Callaghan) ڏکڻ ڊاڪوٽا جو لوئي ڊي ايل امور (Louis D.L. Amour) لوا جو ڊورٿي جانسن (Dorthy Johnson) فرانڪ او ڪانر (Frank O' Conner) آمريڪا جو جان اسٽين

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

بيڪ (John steinbeck) پولينڊ جو ازاڪ باشويس سنگر (Issac Bashevis Singer) ايـڊورا وتـي (Eudora Wetty) رچرڊ رائيـٽ (Richard Wright) جيمز ڪوريج (James Courage) الجيريا جو البرٽ ڪاميو (Albert Camus) جان چِيوَر (John Cheever) برطانيا جو اگاٿا ڪرسٽي (Agatha Christie)، اوڪلا هوم جو رالف ايلسن (Rolph Ellison)، آمريڪا جو جيڪسن (Jackson)، آفريڪا (روڊيشيا) جو ڊورئس ليسنگ (Doris lessing)، آمريڪا جو برنارڊ مالمڊ (Bernard Malamud)، آئرلينڊ جو مرڊاڪ (Murdoch)، الائيس ايڊمز آمريڪي (Alice Adams)، آمريڪا جو وڊي ايلن (Woody Allen)، مئڪس ايپل (Max Apple)، رشيا جو ازاڪ اسيموف (Assac Asimove) آمريڪا جو جيمز بادون (James Baldwin)، ڪينيڊا جو سال بيلو (Saul Bellow)، ارجنٽينا جو جارج لوئس بورخيس (George Luis Borges)، آمريڪا جي ڪي بوائل (Kay Boyle)، آمريڪا جو ڪي براڊ بري (Kay Brad Bury)، آمريڪا جو جوائس ڪارول اوٽس (Joyce Carol Oates)، جارجيا جي فلينري اوڪانر (Flannery, O'conner)، فرانسيسي روبي گريليٽ (Rubee Girillet)، برطانيه جو ايلن سليٽو (Alan Sillitoe) پينسلوينيا جو جان اپڊائيڪ (John Updike) اينڊيانا جو ڪرٽ وونيگٽ (Kurt Vonnegut)، سلواڊور اسپرو (Salvador Espriu)، نيوزيلينڊ مارائس ڊگن (Mauric Duggan)، نيوزيلينڊ جو روڊرڪ فنليسن (Roderik Finlayson)، نيوزيلينڊ جي جينٽي فريم (Jante Frame)، اوھيو جو هارلن ايليسن (Harlan Ellison) ميڪسيڪو جو ڪارلوس فونٽيس (Carlos Fuentes) آمريڪا جو فرمين (Furman)، نيوزيلينڊ جو اي پي گاسڪل (A.P. Gaskell)، نيوزلينڊ جي پيٽرشيا گريس (Patricia Grace)، نيوزيلينڊ جو اون مارشل (Owen Marshell))، ڪولمبيائي گبرائيل گارشيا مارڪيز (Gabriel Garia Marquez)، الباما جو گيل گاڊون (Gail Godwin)، ڏکڻ آفريڪا جي ناديمي گورڊيمر (Nadine

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

(Gordimer)۾ جاپان جو يوڪائو مشما (Yokio Mishma) ڪينيڊا جو الائيس منرو (Alice Munro)۾ مصر جو نجيب محفوظ ۽ انيڪ ٻيا نالا: ووڊي ايلن، في ويلڊن، ميري رينالٽ، پي ڊي جيمز، رولڊ ڊاهل، گراهم گرين، اسڪاٽ فرگرالڊ، مارگريٽ ڊريبل، استيفن ڪنگ، رٿ رينڊل، ايلزبٿ بائون، پرل مين، جيروم، رابرٽ گرولس، ڊورٿي ايل سيئرز، پي جي واڊهائوس، ميورائل سپارڪ، چارلس ڊڪسن، هينرخ بال، اينتونيا فراسر، آسڪروائلڊ، رچرڊگارڊن، اي ايم فاسٽر، ورجينا وولف، جيمز هيروٽ ۽ اڻ ڳڻيا ڪهاڻيڪار جن اڻويهين، ويهين صديءَ ۾ مون کي اوچائي ڏانهن نيو. نه رڳو اهو پر مختلف ٻولين جي اڻ ڳڻين ليکڪن مون کي پنهنجو ڪيو. آئون ڪوشش ڪنديس ته ڪڏهن توهان کي دنيا جي هر هڪ ملڪ جي هڪ هڪ ڪهاڻيڪار بابت ٻڌايان. اهو جيتوڻيڪ آهي ذري گهٽ ناممڪن ڪم، جو ته توهان رڳو ان مان اندازو لڳايو ته سنڌيءَ ۾ ئي مون کي لکندڙ شروع کان هيل تائين اٽڪل هزار کن آهن. معنيٰ ته سڄي دنيا ۾ منهنجا لکاري لکين هوندا. هن وقت به ايشيا آفريڪا وغيره کنڊن جا ليکڪ پڻ اثر وارا رهيا آهن.پر اِگتي اهي آيا آهن جن کي دنيا جي اهم ٻولين، يعني وڏيڪ رابطي وارين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ خاص انگريزي آهي. جڏهن مصر جي توفيق الحڪيم، شام جي عبدالسلام عجيلي، زڪريا تامر، مراڪش جي محمد برادا، لبنان جي عليفہ رفعت، مصر جي بهاء طاهر ۽ نوال السداوي لبيا جي ابراهيم الڪوني، ترڪيَ جي قدرت جودت، ڀارت جي امرتاپريتم، ولاس سارنگ، خوشونت سنگهہ، سريندرپرڪاش، سبحان سنگهہ، شيرون ڪمار، اپوپندرنات اشڪ، وجي، مصر جي يوسف ادريس، يوسف شاروني، سوڊان جي الطيب صالح، عراق جي نبيل جاروجي، فلسطين جي غسان ڪنفاني ۽ ٻين نالن کي جڏهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ته انهن به مون کي وڏيڪ مان ڏنو. ٻيو ته ٺهيو هتي اردو، سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو ٻولين ۾ مون تمام وڏي ترقي ڪئي. سعادت منٽو، ڪرشن چندر، پريم چند، احمد نديم قاسمي، آسانند مامتورا، امرلعل هنگوراڻي،

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پوپٽي هيرا نندائي، سندري اتم چندائي، موهن ڪلپنا، شيخ اياز، جمال ابڙو، امر جليل، نسيم کرل، آغا سليم ۽ ڪجهہ ٻيا. جڏهن ٻين القوامي يا گهٽ قومن ۾ سمجهي ويندڙ ٻولين ۾ مونکي ترجمو ڪيو ويو تہ آئون پڪيڙ جي لحاظ ۽ مقبوليت جي حوالي سان شاهوڪار ٿي ويس ۽ انهن هر قوم جي لکاري پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي نوبيل جو اعزاز ڏيارڻ لاءِ ٻين صنفن سان گڏ مونتي بہ خاص ڌيان ڏنو. توهان سوچيندا تہ آئون اها ڪهڙي ڊيگهہ پٽري آهي؟ اهو ان ڪري ضروري سمجهيم تہ هيڏن سارن مان نوبيل ڪير ثيا. هاڻ آئون توهان کي انهن جا نانءُ ٿي ٻڌايان، جن مونسان گڏ پنهنجي ادب کي نوبيل ڪيو: پهرين سال ١٩٠١ع ۾ فرانس جو شاعر ريني سلي پروڌم (١٨٣٩-١٩٠٧ع) کي مليو. ١٩٠٢ع ۾ ناروي جي بجورنسترين بجورنسن (١٨٣٢- ١٩١٠ع) کي مليو، ١٩٠٢ع ۾ ٻن کي ايوارڊ مليو. ٻي اديب جرمنيءَ جي ٿيو ڊرو مومسين (١٨١٧-١٩٠٢ع) کي مليو. ١٩٠٤ع ۾ (هن سال بہ ٻن ڄڻن کي انعام مليو.) اسپين جي جوزا بچيگاري (١٨٣٢-١٩١٦ع) ۽ فرانس جي فريڊرڪ مسترال (١٨٣٠-١٩١٤ع) کي، ١٩٠٥ع ۾ پولينڊ جي هنرڪ سينڪيوز (؟ -١٩١٦ع) کي، ١٩٠٦ع ۾ اٽليءَ جي السانڊروڪار ڊوچي (١٨٣٥ع-١٩٠٧) کي، ١٩٠٧ع ۾ برطانيہ جي رڊيا رڊڪپلنگ (١٨٥٦-١٩٣٦ع) کي، ١٩٠٨ع ۾ جرمنيءَ جي رڊولف ڪرستوف ايوڪين (١٨٤٦ع - ١٩٢٦ع) کي، ١٩٠٩ع ۾ سوئيڊن جي سليمي گراف (ادب جو نوبيل پرائز حاصل ڪندڙ پهرين عورت هئي.) (١٨٥٨ع- ١٩٤٠) کي، ١٩١٠ع ۾ جرمنيءَ جي پال هيسي (١٨٣٠ع - ١٩١٤ع) کي، ١٩١١ع ۾ بيلجئيم جي مارئيس ميترلنڪ (١٨٦٢ع - ١٩٤٩ع) کي، ١٩١٢ع ۾ جرمنيءَ جي گرهارٽ جوهان هايٽ مين (١٨٦٢ع - ١٩٤١ع) کي، ١٩١٣ع ۾بنگالي رابندر ناٿ ٽيگور (هي پيدا ڪلڪتي ۾ ٿيو.) (١٨٦١ع - ١٩٤١ع) کي، (١٩١٤ع ۾ ڪنهن کي بہ نہ ڏنو ويو.) ١٩١٥ع ۾ فرانس جي رومين رولال) ١٨٦٦ - ١٩٤٤ع) کي، ١٩١٦ع ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سوئڊن جي وان هيڊستام ڪارل گستاف ورنر (١٨٥٩ع - ١٩٤٠ع)کي، ١٩١٧ع ۾ ڊنمارڪ جي ڪارل جيلرپ (١٨٥٧ع - ١٩١٩ع) کي، (١٩١٧ع۾ ٻن ڄڻن کي نوبل پرائز مليو.) ١٩١٧ع ۾ هڪبي ڊنمارڪ جي ليکڪ هينرڪ پونتو پيڊن (١٨٥٧ع - ١٩٤٣ع) کي، ١٩١٨ع ۾ سوئڊن جي ايرڪ ايڪسل ڪريفليڊٽ (١٨٦٤ع - ١٩٣١ع) کي، ١٩١٩ع ۾ سوئزرلينڊ جي ڪارل سپٽيلر (١٨٤٥ع - ١٩٢٤ع) کي، ١٩٢٠ع ۾ ناروي جي نٽ همسن (١٨٥٩ع - ١٩٥٢ع) کي، ١٩٢١ع ۾ فرانس جي اناطول فرانس (١٨٤٤ - ١٩٢٤ع) کي، ١٩٢٢ ۾ اسپين جي جينيٽو بيناونٽي (١٨٦٦ع - ١٩٥٤ع) کي، ١٩٢٣ع ۾ آئر لينڊ جي وليم بٽلريٽس (١٨٦٥ع - ١٩٣٩ع) کي، ١٩٢٤ع ۾ پولينڊ جي ولادي سلاؤ ريمونٽ (١٨٦٧ع - ؟) کي، ١٩٢٥ع ۾ آئرلينڊ ۾ پيدا ٿيندڙ برطانوي ليکڪ برنارڊ شا (١٨٢٦ع -) کي، ١٩٢٦ع ۾ اٽلي جي گراز يا ڊيلبڊا (١٨٧١ع - ؟) کي، ١٩٢٧ع ۾ فرانس جي هنري لوئس برگسان (١٨٥٩ع - ؟) کي، ١٩٢٨ع ۾ ڊنمارڪ جي سيگرڊ انڊسيٽ (١٨٨٢ع - ١٩٤٩ع) کي، ١٩٢٩ع ۾ جرمنيءَ جي ٿامس (١٨٧٥ع - ١٩٥٥ع) کي، ١٩٣٠ع ۾ آمريڪا جي سنڪليرليوس (١٨٨٥ع - ١٩٥١ع) کي، (١٩٣١ ۾ ڪنهن کي به نوبل پرائز نہ مليو)١٩٣٢ع ۾ برطانيہ جي جان گالزوردي (١٨٦٧ع - ١٩٣٣ع) کي، ١٩٣٣ع ۾ روس جي آئيوان اليڪسي وچ بنين (١٨٧٠ع - ١٩٥٣ع) کي، ١٩٣٤ع ۾ سسلي جي پيرآنڊيلو يوگي (١٨٦٧ع - ١٩٣٦ع) کي، (١٩٣٥ع ۾ ڪنهن کي بہ نہ مليو.) ١٩٣٦ع ۾ آمريڪا جي يوجين اونيل (١٨٨٨ع - ١٩٥٣ع) کي، ١٩٣٧ع ۾ ـرانس جي راجر مارٽن

ڊوگارڊ (١٨٨١ع-١٩٥٨ع) کي، ١٩٣٨ع ۾ آمريڪا جي پرل ايس بڪ (١٨٩٢ع - ١٩٧٣ع) کي، ١٩٣٩ع۾ فن لينڊ جي فرانز سيلانا (١٨٨٨ع - ١٩٢٤ع) کي، (١٩٣٩ع، ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي جنهن ڪري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۱۹۴۰ع، ۱۹۴۱ع، ۱۹۴۲ع، ۱۹۴۳ع ۾ ڪنهن کي بہ نوبل پرائز نہ مليو.) ۱۹۴۴ع ۾ ڊنمارڪ جي جوهانيز جنيسن (۱۸۷۳ع - ۱۹۵۰ع) کي، ۱۹۴۵ع ۾ چلي جي گيبرال ميسترال (۱۸۸۹ع - ۱۹۵۷ع) کي، ۱۹۴٦ع ۾ جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ پوءِ سوئزرلينڊ جي شهريت اختيار ڪندڙ هرمن هيسي (۱۸۷۷ع - ۱۹٦۲ع) کي، ۱۹۴۷ع ۾، فرانس جي آندري زيد (۱۸٦۹ع - ۱۹۵۱ع) کي، ۱۹۴۸ع ۾ آمريڪا ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ پوءِ برطانيا ۾ سجي جمار گذاريندڙ ٽي ايس ايليٽ (۱۸۸۵ع-۱۹٦۵ع) کي، ۱۹۴۹ع ۾ آمريڪا جي وليم فاڪنر (۱۸۹۷ع - ۱۹٦۲ع) کي، ۱۹۵۰ع ۾ برطانيہ جي برٽرينڊر سل (۱۸۷۲ع - ؟) کي، ۱۹۵۱ع ۾ سوئيڊن جي فيبان ديوگرڪيوسٽ (۱۸۹۱ع - ۱۹۷۴ع) کي، ۱۹۵۲ ۾ فرانس جي فرانسو امارئيس (۱۸۸۵ع - ۱۹۷۰ع) کي، ۱۹۵۳ع ۾ برطانيا جي ونسٽن چرچل (۱۸۷۴ع - ۱۹٦۵ع) کي، ۱۹۵۴ع ۾ آمريڪا جي ارنيسٽ هيمنگوي (۱۸۹۹ع - ۱۹٦۱ع) کي، ۱۹۵۵ع ۾ آئس لينڊ جي هالڊور ليڪسنس (۱۹۰۲ - ؟) (ليڪسنس ويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ پهريون ليکڪ هيو جنهن کي اعزاز مليو.) کي، ۱۹۵٦ع ۾ اسپين جي جوآن ريمون جمينيز (۱۸۸۱ع - ۱۹۵۸ع) کي، ۱۹۵۷ع ۾ الجزائر جي البرڪاميو (۱۹۱۳ع - ۱۹٦۰ع) کي، ۱۹۵۸ع ۾ روس جي بورس پوسترناڪ (۱۸۹۰ع ؟) کي، ۱۹۵۹ع ۾ اٽلي جي سلواتورقاسميدو (۱۹۰۱ع - ۱۹٦۸ع) کي، ۱۹٦۰ع ۾ فرانس جي سينٽ جان پرس (۱۸۸۷ع - ۱۹۷۵ع) کي، ۱۹٦۱ع ۾ يوگو سولايا (اڳوٺي) جي آئيوو آندريڪ (۱۸۹۲ع - ۱۹۷۵ع) کي، ۱۹٦۲ع ۾ آمريڪا جي جان اسٽين بيڪ (۱۹۰۲ع - ۱۹٦۸ع) کي، ۱۹٦۳ع ۾ يونان جي يارگوس سيفريز (۱۹۰۰ع - ۱۹۷۱ع) کي. ۱۹٦۴ع ۾ يان پال سارتري (سارتري وٽ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.) فرانسيسي (۱۹۰۵ع - ۱۹۸۰ع) کي، ۱۹٦۵ع ۾ روس (اڳوٺي) جي مائيخل شولوخوف (۱۹۰۵ع - ۱۹۸۴ع)

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪي، ١٩٦٦ع ۾ (ٻن ليکڪن کي نوبيل انعام مليو) آسٽريا جي شموئيل اگنوٽ (١٨٨٨ع - ١٩٧٠ع) ۽ جرمنيءَ جي نيلي ساشز (١٨٩١ع - ١٩٧٠ع) کي، ١٩٦٧ع ۾ گوئٽي مالا جي ميگوئل آسٽورياس (١٨٩٩ع - ١٩٧٤ع) کي، ١٩٦٨ع ۾ جاپان جي يسوناري ڪاواباتا (١٨٩٩ع - ١٩٧٢ع) کي، ١٩٦٩ع ۾ آئرلينڊ جي سيموئل بيڪٽ (١٩٠٦ع ١٩٨٩ع) کي، ١٩٧٠ع ۾ روس (اڳوڻي) جي اليگزينڊر سولز لي نيٽسن (١٩١٨ -) کي، ١٩٧١ع ۾ چلي جي پئبلو نرودا (١٩٠٤ع - ١٩٧٣ع) کي، ١٩٧٢ع ۾ جرمنيءَ جي هينرخ بوائل (١٩١٧ع - ١٩٨٥ع)کي، ١٩٧٣ع ۾ برطانيہ جي پيٽرڪ وائيٽ (١٩١٢ع) کي، ١٩٧٤ع ۾ (هن سال ٻن ليکڪن کي انعام مليو.) سوئڊن جي آئيونڊ جانسن (١٩٠٠ع - ١٩٧٦ع) ۽ سوئيڊن جي هيري مارٽنيسن (١٩٠٤ع - ١٩٧٨ع) کي، ١٩٧٥ع ۾ اٽلي جي يوجينو مونيٽل (١٨٩٦ع - ١٩٨١ع) کي، ١٩٧٦ع ۾ آمريڪا جي سال بيلو (١٩١٥ع -) کي، ١٩٧٧ع ۾ اسپين جي وينسنٽ اليگزينڊر (١٨٩٨ع؟) کي، ١٩٧٨ع ۾ پولينڊ ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ پوءِ آمريڪي شهريت اختيار ڪندڙ ازاڪ باشويز سنگر (١٩٠٤ع ؟) کي، ١٩٧٩ع ۾ يونان جي اوڊيسيس ايلسٽيس (١٩١١ع -) کي، ١٩٨٠ع ۾ پولينڊ جي سلاؤ ميلوز (١٩١١ع ؟) کي (هن بہ سنگروانگر آمريڪي شهريت اختيار ڪئي هئي.)، ١٩٨١ع ۾ بلغاريا جي الياس ڪينيٽي (١٩٠٥ع -) کي، ١٩٨٢ع ۾ لاطيني آمريڪا (ڏکڻ آمريڪا) جي گبرائيل گارشيا مار ڪيز (١٩٢٨ع) کي، ١٩٨٣ع ۾ برطانيہ جي وليم گولڊنگ (١٩١١ع -) کي، ١٩٨٤ع ۾ چيڪو سلواڪيا (اڳوڻي) جي باروسلاف سيفري (١٩٠١ع - ١٩٨٦ع) کي، ١٩٨٥ع ۾ فرانس جي ڪلائيڊ سائمن (١٩٣١ع -) کي، ١٩٨٦ع ۾ نائيجيريا جي وول سوئنيڪا (١٩٣٤ع) کي، ١٩٨٧ع ۾ روس جي جوزف براڊسڪي (١٩٤٠ع -) کي (هاڻي براڊسڪي آمريڪا ۾ رهي ٿو.)، ١٩٨٨ع ۾ مصر جي نجيب محفوظ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

(١٩١١ع -) کي، ١٩٨٩ع ۾ اسپين جي ڪاميلو جوز سيلا (١٩١٦ع -) کي، ١٩٩٠ع ۾ لاطيني آمريڪا جي اوڪتاويوپاز (١٩١۴ع -) کي، ١٩٩١ع ۾ ڏکڻ آفريڪا جي نادينی گورڊيمير (١٩٢٣ع -) کي، ١٩٩٢ع ۾ اولهہ هند (East Indies) جي ڊيرڪ والڪاٽ ( ) کي، ١٩٩٣ع آمريڪا جي ٽوني موريسن کي، ١٩٩٤ع ۾ جاپان جي ڪنزاپورو اوو کي ۽ ١٩٩٥ع کي آئرلينڊ جي سيمس هيني کي، ١٩٩٦ع ۾ پولينڊ جي شاعرا وزالوا شيمبورسڪا کي ادب جو نوبل پرائيز مليو ۽ اهڙي طرح انهن ليکڪن جي ٻولي ۾ ادب نوبل ٿي ويو اهي ليکڪ هڪ ئي وقت مختلف صنفن جا لکاري هئا / آهن ڪي ٿورا هئا، جيڪي رڳو شاعر هئا /آهن نہ تہ انهن مان فلسفي، تحقيق، تاريخ، ناول، ڪهاڻي، شاعري، سائنس وغيره جا هڪ ئي وقت لکندڙ بہ هئا/آهن تہ . ٻن ٽن، صنفن جا لکاري پڻ هئا. انهن مان بجورنسن، سينڪيوز، رڊيارڊ ڪپلنگ، سليمي ليگراف، پال هيسي، ٽيگور، نٽ همسن، اناطول فرانس، ٿامس مان ، گالز وردي، وچ بنين، پيرآنديلو، پرل ايس بڪ، سيلاپنا، هرمن هيسي، فاڪنر، برٽرينڊرسل، هيمنگوي، ڪاميو، اسٽين بيڪ، سارتري، شولاخوف، شموئل اگنون، آسٽورياس، ڪاواباٽا، هينرخ بول، پيٽرڪ وائٽ، سال بيلو، سنگر، الياس ڪينيٽي، گارشيا مارڪيز، نجيب محفوظ، جوز سيلا، اوڪتاويوپاز، ناڊيمي گورڊيمير، ٽوني موريسن هڪ ٻن ٻين مون کي پنهنجي تخليقي سفرجو ساٿي بنايو ۽ ها، آئون اهو بہ ٻڌائيندي هلان تہ مون کان سواءِ ادب ٻسو آهي، ان ڪري آئون ادب جو لازمي حصو ۽ ماڻهن جي گهرج ٻنجي چڪي آهيان. اهو جيڪو ڪجهہ مون اوهان کي ٻڌايو منهنجي زندگيءَ جو تعارف آهي. اها منهنجي نوبيل ٿيڻ تائين جي ننڍڙي ڪٿا آهي. شايد آئون گهڻو ڪجهہ رهائي بہ وٺي آهيان. پر اميد اٿم تہ منهنجو سفر جيڪو اٺويهين صديءَ جي اڌ کان جديد هجڻ وارو شروع ٿيو آهي، اهو اڃان اوچائي ماٿو آهي، جيسين دنيا هلي ٿي، جيستائين ڪردار جيئرا آهن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جيستائين دنيا ۾ منظر آهن، ماڻهن جون ڳالهيون آهن، آئون جيئري رهندس ۽ آئون پڪ سان ٿي چوان ته مون کي جيئرو رهڻو آهي. ان ڪري توهان کان موڪلائڻ ناهي. بس توهان جي سات جي گهر جائو آهيان. باقي بحيثيت "ڪهاڻي" پنهجي متعلق توهانکي ڪڏهن تفصيل سان ٻڌائيندس ۽ توهان گهڻو ڪجهه ٻڌو به هوندو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

چونڊ نوبل ڪهاڻيون

(13 نوبل انعام يافته ليکڪن جون چونڊ ڪهاڻيون)

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

الفرڊ نوبل Nobel

١٨٣٣-١٨٩٦

سويڊن جو باشندو، مشهور ڪيميسٽ الفرڊ نوبل ١٨٣٣ع ۾ سويڊن ملڪ جي ئي شهر "اسٽاڪهوم" ۾ ڄائو ۽ ١٨٩٦ع ۾ سويڊن جي ئي شهر "سانريمو" ۾ فوت ٿيو. ١٨٦٦ع ۾ "ڊائناميٽ" ايجاد ڪيائين. مرڻ کان اڳ پنهنجي ملڪيت پنهنجي نالي پٺيان نوبل انعامن لاءِ وقت ڪري ويو، جيڪي انعام ١٩٠١ کان هر سال پنجن مختلف موضوعن جهڙوڪ، ادب، فزڪس، ڪيمسٽري، ڊاڪٽري ۽ امن ۾ دنيا جي گولي تي نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شخصيتن کي ڏنا وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

بجورنسٽرين بجورنسن
Bjornsterne Bjornson

ناروي جي هن اديب ۸ ڊسمبر ۱۸۳۲ع تي ڪيوَ بڪني ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ پادري هو. پر هن جو ذهن مذهبي لاڙن کان آجو هو. هن کي پڙهڻ سان شوق ضرور هو، پر هن يونيورسٽي يا ڪاليج مان ڪابه ڊگري حاصل نہ ڪئي. بنيادي طور تي هو شاعر هو. پر هن ڪيئي ڊراما لکيا. ڪهاڻيون لکيون. ڪهاڻيون گهٽيون ٿيون هن شروعاتي دؤر ۾ لکيون. هن ۱۸۵۷ع ڌاري شادي ڪئي. ناروي مان نڪرندڙ ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر رهيو. سندس ڪتاب انگريزي ۾ ترجمو ٿيا. خاص ڪري سندس

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

مجموعي "Poems and Songs" مقبوليت ماڻي. ١٨٦٣ع ۾ ڪيس حڪومت پاران اهوّ اعزاز مليو تہ هن کي ليکڪ جي حيثيت سان پگھار ملڻ شروع ٿي ۽ هو ناروي جو پهريون ليکڪ هو جنهن کي اهو اعزاز مليو. سندس ٺي هڪ نظم کي ناروي جو ”قومي ترانيٌ“ طور ڳايو وڃي ٿو. ان کانسواءِ تاريخي ڊرامن ۽ ڪهاڻين ۾ هن جو الڳ مقام آهي. هو ناروي جي اهم شخصيتن مان هڪ آهي. هو بهترين مقرر پڻ هو. ڪيس ايڪھتر ورهين جي ڄمار ۾ ١٩٠٣ع ۾ ادب جو ”نوبل پرائز“ مليو.

بجورنسٽرين بجورنسن ٢٦ اپريل ١٩١٠ تي وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پائر

بجو رنسترين بجورنسن (ناروي)

اسڪول جي استاد جو نالو بارڊ هو، ۽ سندس پيءُ جو نالو اينڊرس هئو. ٻئي هڪ ٻئي جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا. هڪ ئي شهر ۾ گڏ رهندا هئا ۽ جنگ تي به ٻئي گڏجي ويا. ٻنهي هڪ ئي ڪمپني ۾ جنگ ۾ حصو ورتو. ٻنهي Corporal جي عهدي تائين ترقي ڪئي. جڏهن گهر واپس وريا ته ماڻهن سندن جوانمرديءَ تي خوشي ڪئي.

هنن جو پيءُ مرڻ وقت تمام گهٽي ذاتي جائداد ڇڏي ويو، جيڪا ورهائڻ ڏاڍي ڏکي هئي. ٻنهي پائرن فيصلو ڪيو ته ايئن هو پاڻ وٽ ڪجهه به نه رکندا. پر جائداد ڪي وڏائڻ لاءِ نيلام ڪندا، جيئن هر هڪ پنهنجي مرضيءَ موجب، جيڪا شيءِ وٽيس سا خريد ڪري، ۽ اپت وڏائي. انهيءَ فيصلي تي ٻنهي پڪو پهه ڪيو.

پر سندن پيءُ هڪ اهڙي واچ به ڇڏي ويو هو، جيڪا ڏورانهين هنڌن تائين مشهور هئي. انهيءَ علائقي ۾ اهڙي قسم جي اها اڪيلي واچ هئي. اها واچ نيلامي لاءِ ڪڍڻي وئي ته ڪيترن ئي پيسي وارن ماڻهن حاصل ڪرڻ چاهي، جڏهن ٻنهي پائرن به واڪ ڏيڻ شروع ڪيا ته ٻيا همراهه پاسو ڪري بيهي رهيا. بارڊ سوچيو: اينڊرس اها واچ مون کي حاصل ڪرڻ ڏيندو. ۽ اينڊرس به ائين سوچيو ته بارڊ کيس واچ حاصل ڪرڻ ڏيندو. پر ٻئي واڪ ڏيندا رهيا... جڏهن واڪ ويهن ڊالرن تائين پهتو ته بارڊ محسوس ڪيو ته سندس پاءُ احترام ڪون ڪندو. ۽ هن ٽيهن ڊالرن تائين واڪ پهچائي ڇڏيو. جڏهن اينڊرس تڏهن به هٽ نه ڪئيو ته بارڊ سوچيو: اينڊرس کي شايد وسري ويو آهي ته ساٿس ڪيڏو نه سٺو هليو آهيان ان ڪانسواءِ ڪانئس به سال وڏو به آهيان.

اينڊرس پنهنجي ضد تي بيٺو رهيو. بارڊ چاليهن ڊالرن تائين اچي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پهتو، انهيءَ ڪمري ۾ خاموشي هئي. رڳو ڪمدار واڪ ڪٽائي رهيو هئو. اينڊرس سوچيو: جيڪڏهن بارڊ چاليهہ ڊالر ڏيئي سگهي ٿو تہ واچ ان ڏانهن هلي ويندي. ان ڪري مون کي هن کان وڌڻ کپي. هن هلڪي آواز ۾ پنجاهہ ڊالرن جو واڪ ڏنو. اتي ڪوڙ سارا ماڻهو بيٺا هئا. اينڊرس پنهنجو پاڻ کي چيو، ”مان هي بازي هارائي نٿو برداشت ڪري سگهان.“ هن پيهر واڪ ڏنو. اوچتو بارڊ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳو، ”هڪ سؤ ڊالر ۽ پنهنجي پائپ، هن سودي ۾ ڏيان ٿو.“ هو اٿي ڪڙيءَ تي ڦريو ۽ ڪمرو ڇڏي هليو ويو.

ٿوري دير پهريائين نيلام ۾ ورتل گهوڙي تي هنو رکي رهيو هئو تہ هڪ ماڻهو وٽس آيو، ”واچ تنهنجي آهي. اها اينڊرس توکي ڏني آهي.“

هن جهٽ ۾ اها خبر ٻڌي ۽ واچ ورتائين. پر هن کي واچ جو نہ پر پاءَ جي روپي جو خيال هئو. هو گهوڙي تي هنو رکندو رهيو.. ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. اينڊرس بہ انهن سان گڏ هو. جڏهن ڏٺائين تہ هو هنو رکي چڪو آهي ۽ وڃڻ لاءِ تيار آهي. تڏهن هن بارڊ کان ڄاڻڻ چاهيو تہ هن جي ذهن ۾ ڇا هي؟

”واچ جي مهرباني، بارڊ!“ هن واڪو ڪري چيو، ”هاڻي تون اهو ڏينهن ڪڏهن بہ نہ ڏسندين. جڏهن تنهنجو پاءُ تنهنجي پيرين اچي پوندو.“

”تون بہ اهو ڏينهن نہ ڏسندين جڏهن مان تنهنجو درٽپندس.“ بارڊ جواب ڏنو. هن جو چهرو پيلو ٿي ويو. هو گهوڙي تي چڙهي هليو ويو. ان ڏينهن کانپوءِ ٻنهي انهيءَ گهر ۾ پير بہ نہ پاتو. جتي هو پنهنجي پيءُ سان گڏجي رهندا هئا.

اينڊرس هڪ هنر مند جي خاندان مان شادي ڪئي.. پر بارڊ کي دعوت ڪون ڏنائين ۽ نہ ئي وري بارڊ چرچ ويو.

شاديءَ جي پهرين سال اينڊرس کي ڳئون جو نقصان ٿيو. جيڪا هن وٽ هڪ ئي هئي، ڳئون هن جي گهر جي اتر واري طرف کان مئل پئي هئي.... ڪوبہ ڄاڻي نہ سگهيو اها ڪيئن مئي؟ ٻي اهڙي بدقسمتي هن مٿان اچي پئي جو هن جي طبيعت ڏاڍي خراب ٿي پئي، پر وڏي ۾ وڏو نقصان هن مٿان تڏهن ڪڙڪيو، جڏهن هن جي سڪل گاهہ جو گدام سياري جي آخر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۾ هڪ ٿي رات ۾ سڙي ختم ٿي ويو. ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي تہ باهہ ڪيئن شروع ٿي؟

"اهو ان ئي ڪيو آهي، جيڪو مون کي بيمار ڏسڻ چاهي ٿو."
اينڊرس چيو، ۽ ان رات هو صبح تائين روئيندو رهيو. هو غريب ٿي ويو، هن سڀ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنا.

باهہ لڳڻ کانپوءِ ٻي شام جو بارڊ پنهنجي ڀاءُ جي گهر ويو. اينڊرس بستري تي ستل هئو. پر جڏهن بارڊ آيو تہ هو ٽپ ڏيئي اٿي وينو.

"تون هتي اڃان ڇا وٺڻ آيو آهين؟" هن پڇيو... ٿوري جهٽ رکي بارڊ چيو، "اينڊرس، مان تنهنجي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو. تون ڏاڍو غلط وچين پيو..."

"مان غلط نٿو هلان. جيئن تون ٿو چاهين! هتان وڃ، مان پنهنجو مالڪ پاڻ آهيان..."

"اينڊرس، تون غلطي ٿو ڪرين، مون کي افسوس..."

"بارڊ، وڃ، خدا جي واسطي اسان ٻنهيءَ تي رحم ڪر!"

بارڊ هڪ قدم پوئتي هٽيو. جيڪڏهن تون واچ ٿو چاهين." هو ڏڪندڙ آواز ۾ چئي رهيو هو. "توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

"بارڊ! وڃ." هن جي ڀاءُ رڙ ڪئي ۽ بارڊ هليو ويو.

هيستائين، انهيءَ دوران بارڊ جو حال هيئن هو: جيئن ئي هن ڀاءُ سان ڏکوئيندڙ وارتائون ٻڌيون.. هن جي دل کي ڏاڍو ڏک رسيو. پر هن جو گهمنڊ هن کي روڪي رهيو هو. هن چرچ وڃي مسئلي جي حل لاءِ منتون ميڄڻ چاهيون پر هو ايئن نہ ڪري سگهيو. هن ڪيئي ڀيرا اينڊرس جي گهر وڃڻ چاهيو... پر ايئن ڪنهن نہ ڪنهن سبب ڪري ڪري نہ سگهيو.

پر هڪڙي آچر تي، سياري جي پڇاڙ ۾ هو چرچ ويو ۽ انهيءَ ئي آچر تي اينڊرس بہ اتي هئو. بارڊ هن کي ڏٺو، هو پيلو ۽ سنهڙو ٿي چڪو هو ۽ هن کي اهي ئي ڪپڙا پهريل هئا جيڪي ڪڏهن ٻئي ڀائر گڏجي پائيندا هئا. جيتوڻيڪ هاڻي اهي پراڻا ۽ چتيون لڳل هئا... بارڊ کي نند پڻ جا ڏينهن ياد اچڻ لڳا جڏهن اينڊرس ڪيڏو نہ سهڻو هو. هن ان ڏينهن خدا اڳيان ٻاڏايو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

تہ هو ياءُ سان صلح ڪرڻ چاهي ٿو. ان لاءِ ڇا بہ ڪرڻو پئي... پر اينڊرس هن ڏانهن هڪ پيرو بہ نہ نهاريو. ان مهل اتي ڪوڙ ماڻهو ويٺا هئا. اينڊرس سان گڏ سندس زال بہ هئي. جيڪا هن کي خبر نہ هئي. هن فيصلو ڪيو تہ اهو بهتر ٿيندو تہ هو اينڊرس جي گهر وڃي سنجيدگيءَ سان ڳالهہ ڪري.

جڏهن سج لڙي ويو تہ هن جي گهر ويو ۽ دروازي وٽ بيٺو. اوچتو اندران سندس نالو ڪنيو ويو. اها اينڊرس جي زال ڳالهائي رهي هئي، "هو صبح جو عبادت لاءِ ويو هو." هوءَ چئي رهي هئي، "مونکي پڪ آهي تہ هو تولاءِ سوچي رهيو هئو."

"بلڪل نہ، هو مون لاءِ ڪونہ سوچي رهيو هو" اينڊرس وراڻيو. "مان ڄاڻان ٿو، هو رڳو ۽ رڳو پنهنجي لاءِ سوچي رهيو هئو."

توڙي جو ٿڌ هئي پر بارڊ کي پگهر اچي ويو... پار رنو.. جهٽ ڪانپوءِ زال ٻيهر ڳالهايو. "ڇگو پلا هاڻي پاڻ کي ٻيو ڪجهہ ڳالهائڻ گهرجي." اينڊرس اٿيو. بارڊ ڪاٺيءَ جي شيڊ هيٺان لڪي بيٺو. اينڊرس ٻاهران ڪاٺين جو پاڪر ڪٺي آيو. بارڊ کيس چڱيءَ ريت ڏسي رهيو هو. هن کي هاڻ آچر تي پاتل ڪپڙا نہ هئا. پر اهڙو ئي پهراڻ هئس. جهڙو بارڊ کي پاتل هئو. انهيءَ لاءِ پنهنجي واعدو ڪيو هو تہ پنهنجي ورثي طور ٻارن کي ڏيندا ۽ ڪڏهن نہ پائيندا... بارڊ جي کيسي ۾ سوني واچ ٽڪ ٽڪ ڪري رهي هئي... اينڊرس ڊينگرن وٽ آيو... ڪانيون ڪنيائين ۽ هو بارڊ جي ايڏو ويجهو لنگهيو جو هن جي ڇهري کي ڪاٺين جا پڇڙ ڇهي ويا.

هو ڏهہ منٽ اتي ئي بيٺو رهيو، اهو هن لاءِ ڏکيو هئو تہ آخر ڪيترو وقت اتي بيهي سگهندو. هو ڏکي رهيو هو. اتان ٻاهر نڪتو. هن پنهنجو پاڻ ئي مجيو تہ هاڻ هو ڊجي چڪو آهي ۽ اندر وڃي ڪون سگهندو. تنهنڪري هن نئين رٿ رٿي. ديال جي ڪاني ڪٺي، ڪوئلن جي پيپ مان اگر ڪنيائين ۽ پوءِ هو سڪل گاهہ جي گدام ۾ ويو. در بند ڪيائين هن ان ڪاٺيءَ تي رکيل تاندن سان روشني ڪئي. هو اها ڪلي ڳولڻ لڳو. جنهن تي اينڊرس صبح جو سوير اچي فانوس ٽنگيندو هئو. هن اها ڪلي ڳولهي لڌي ۽ ان ۾ واچ ٽنگي ڇڏيائين ۽ پاڻ ٻاهر هليو آيو. هو پاڻ کي آرام ۾ محسوس

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪري رهيو هئو.

۽ ٻي ڏينهن هن اها خبر پئي ته سچو گدام رات جو سڙي رک ٿي ويو آهي. هن سوچيو: شايد واچ ٽنگڻ مهل ڪجهه چڻنگون ڪريون هيون. ان ڪري باهه لڳي آهي.

ايئن سوچيندي بارڊ بيمار ٿي پيو. هن پنهنجو گيتن جو ڪتاب کنيو ۽ درد وچان ڳائڻ لڳو ۽ ماڻهو سمجهي ويا ته هن سان ڪجهه ٿيو آهي. هو شام جو ٻاهر نڪتو. چند جي هلڪي روشني ڦهليل هئي. هو ياءَ جي سڙيل جاءِ وٽ آيو ۽ واچ ڳولڻ لڳو. هن اها لڌي، پر هاڻ رڳو سون جو ڳنڍو ٿي چڪي هئي.

اها هن جي هٿ ۾ هئي. هن ياءَ ڏانهن وڃي پنهنجي اڻ تڻ ظاهر ڪرڻ چاهي ۽ هن سان صلح ڪرڻ لاءِ عرض ڪرڻ چاهيو...

پر جنهن مهل هو رک ڪوٽي رهيو هئو ته ڪيس هڪ ٻار ڏسي ورتو هو ۽ آچر واري شام به ڪجهه چوڪرن راند ڪرڻ دوران هن کي ياءَ جي گهر ويندي ڏٺو هو. ۽ سومر واري ڏينهن هن جي ويڳاڻائپ پڻ ماڻهن ڏٺي ۽ هڙ هڪ کي اها به ڄاڻ هئي ته ٻئي پائر هڪ ٻئي جا سخت دشمن آهن، اهي تفصيل اختياري وارن تائين به پهتا. جنهنڪري هنن پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. ڪوبه هن جي خلاف ثبوت ظاهر نه ڪري سگهيو. پر هن تي شڪ ضرور ظاهر ڪيو ويو...

اينڊرس ان وقت به بارڊ لاءِ ئي سوچيو هو. جڏهن گاهه جو گدام سڙي رهيو هو، پر هو ڪجيو ڪجهه به نه. ٻئي ڏينهن واري ڏينهن اختياري وارن اڳيان آيا. بارڊ کي سنا ڪپڙا پهريل هئا ۽ اينڊرس کي چتيون لڳل. بارڊ ياءَ کي ايندي ڏٺو، اينڊرس هوش سان هو... اينڊرس سوچيو: هو مونکي ڪجهه به چوڻ نٿو چاهي ۽ جڏهن اينڊرس کان ياءَ تي شڪ بابت پڇيو ويو ته هن صاف رڙ ڪندي چيو، ”نه!“

ان ڏينهن کانپوءِ اينڊرس تمام گهڻو شراب پيئڻ شروع ڪيو..... جيتوڻيڪ بارڊ جي به حالت خراب هئي پر هن پيتو ڪون. ماڻهو جيئن هن کي ڄاڻيندا هئا هو ان کان تبديل ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڏينھن ڪانپوءِ، ھڪ شام جو ھڪ غريب عورت بارڊ وٽ آئي ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ ھلڻ لاءِ چيائين. ھوءَ پاڻ کي اينڊرس جي زال ٻڌائي رھي ھئي..... بارڊ... ڪپڙا پائي .... ھن سان گڏ ھليو.. جڏھن بارڊ ٻيھر دروازي وٽ آيو تہ ڪيس ڏپ جو احساس ٿيو، جنھن سان ھو بيمار بہ ٿي پوندو ھو. ھو ٻئي اندر داخل ٿيا. ننڍڙو ٻار چلھہ وٽ ويٺل ھو ۽ ھو ڪوئلا ڪائي رھيو ھو. ھن جو منھن صفا ڪارو ھو. بس ڪلڻ مھل رڳو ھن جا ڏندئي اڇانظر ٿي آيا. اھو ھن جي پاءَ جو پٽ ھو.

اينڊرس ڪپڙا لاٿي ستل ھو. ھو پيلو ۽ ڏٻرو ٿيل ھو، پاءَ کي اکين سان آجيان ڪيائين. بارڊ ھن جي پيرن جي پڪ سان گوڏا کوڙي ويٺو ۽ ڏنڍ ڪار ڏيئي روئي پيو. بيمار ماٿھو ڏانھس گھرائي سان نھاري رھيو ھو. پر ڪجيو ڪجھ بہ نہ. ھن پنھنجي زال کي ٻاھر وڃڻ لاءِ چيو پر بارڊ کيس روڪيو. ۽ پوءِ ٻنھي ڀائرن... ھڪ ٻئي کي سڀ ڪجھ ٻڌايو. جيڪو واچ جي واڪ واري ڏھاڙي کانپوءِ ٿيو ھو. بارڊ آخر ۾ سوني واچ جو ٽڪيو ڏيکاريو. جيڪو ھو ھن لاءِ سدائين کنيو گھمندو ھو ۽ ٻنھيءَ جي ڳالھين مان صاف ظاھر ٿيو تہ ھنن ھڪ ڏينھن بہ خوشيءَ سان ناھي گذاريو.

اينڊرس پوءِ ڪجھ نہ چيو.... بارڊ ڏٺو تہ اينڊرس ڏينھون ڏينھن وڌيڪ بيمار ٿي رھيو ھيو.”مان ھاڻي بلڪل ٺيڪ آھيان.“ ھڪ صبح جو اينڊرس اٿڻ مھل چيو، ”ھاڻي ادا، پاڻ ٻئي سدائين گڏجي رھنداسين جيئن اڳ ۾ رھندا ھئاسون ۽ ھڪٻئي کي ڪڏھن بہ نہ ڇڏبو.“

پر ان ڏينھن ھو فوت ٿي ويو.

سندس بيوہ زال ۽ پٽ کي ھو پاڻ سان گھر وٺي آيو ۽ انکانپوءِ ھو سٺي پرگھور ۾ ھئا. ٻنھيءَ ڀائرن جيڪو ڪجھ بہ ڳالھايو ھو. سڄي واديءَ جي ماڻھن کي جاڻ پئجي وئي ۽ پوءِ بارڊ انھن جي وچ ۾ وڌيڪ عزت وارو ٿي ويو. .... ھو ھاڻي ديندار ماڻھو ھيو. اھو پراڻو نائڪ ھاڻ اسڪول جو استاد ٿي ويو. ھن ٻارن کي رڳو ۽ رڳو پيار جو سبق ڏنو ۽ ھن پاڻ بہ ان تي عمل ڪيو ۽ ٻار بہ ھن سان پيار ڪرڻ لڳا ۽ ڪيس ڀيءُ سمجھڻ لڳا.

سنڌيڪار: ممتاز بخاري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پيءُ

بجورنستن بجورنسن (ناروي)

تر جو پيسي وارو ۽ پريو مڙس ٿورڊ اوور هو. هڪ ڏهاڙي هو گرجاگهر ويو ۽ پادريءَ کي ٻڌايائين تہ هن کي پٽ ڄائو آهي ۽ هو ان کي عيسائي بڻائڻ واري رسم ادا ڪرڻ ٿو چاهي. پادري هن کان ٻار جو نالو پڇيو. پادريءَ کي ٻڌايائين تہ هو پٽ تي پنهنجي پيءُ وارو نالو رکڻ ٿو چاهي. ٿورڊ جي ان ڳالهہ ٻڌي پادريءَ ڪجهہ گهڙيون هڪ ٻئي سان ڪچهري ڪئي پادريءَ کانئس پڇيو، "ٻيو ڪجهہ چوڻو آهي؟"

"منهنجي خواهش آهي تہ پنهنجي پٽ جي رسم مان پاڻ ڪريان."

ٿورڊ جي ان ڳالهہ تي پادريءَ کي تعجب ٿيو. پر هن جي ڳالهہ مڃيندي رسم لاءِ ايندڙ ڇنڇر مقرر ڪيائين. ٿورڊ ٽوپي ڪنڌي ۾ اٿي بيٺو. پادري ٻانهن کان وٺندي کيس چيو، "منهنجي ڏٿيءَ در دعا آهي؟ هو تنهنجي پٽ تي ٻاجهہ ۽ ڪرم ڪري."

سورهن سالن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ٿورڊ پادري وٽ آيو. زماني جي ڦيري ٿورڊ جي صحت تي پائيءَ جيترو بہ اثر ڪونہ ڪيو هو. هو اڄ بہ سورهن سال اڳ جيان سگهارو ۽ متارو نظر اچي رهيو هو. پادريءَ کانئس پڇيو، "تنهنجي صحت تہ مونکي ريس ڏياري ڇڏي آهي. مون کي بہ تہ ڪجهہ ٻڌاءِ، تنهنجي صحت جو ڪهڙو ڳجهہ آهي؟"

"سائين، ان جو ڪارڻ رڳو اهو آهي تہ مون کي ڪابہ پريشاني ناهي." ٿورڊ ورندي ڏني.

پادري جواب ٻڌي جهٽ لاءِ چپ ٿي ويو. جهٽ رکي پڇيائين، "چڱو ڀلا، ٻڌاءِ تہ ڪيئن اڄ ڀلي پيو آهين؟"

"سڀاڻي منهنجو پٽ امتحان پاس ڪري ڊگري وٺندو."

"ها - ها، بلڪل، تنهنجو پٽ ڏاڍو ذهين آهي." پادري سندس پٽ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جي ذهانت مڃيندي چيو.

”مان به ان لاءِ حاضر ٿيو آهيان. دعا ڪريو ته منهنجو پٽ امتحان ۾ پهريون نمبر اچي“.

”هوسپ ڪان سنو آهي - نمبرون -“

”اهو مان به ٻڌو آهي.“ هن ڪيسي مان پيسا ڪڍيا ”هي ڏهه ڊالر اٿوَ نذرانو.“

پادري ڊالر وٺندي چيو، ”ٻي ڪا ڳالهه...“ ٽورڊ ڪابه ورندي نه ڏني ۽ اتان هليو ويو.

ان سالن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن پادري پنهنجي ڪمري جي ٻاهران ماڻهن جو لڙ ٻڌو. ٻاهر اچي ڏٺائين ته ٽورڊ ماڻهن سان گڏ ڏانهس اچي رهيو هو. ٽورڊ پادريءَ جي ڪمري ۾ داخل ٿيو. پادريءَ ڪائنس پڇيو، ”اڄ ڪيئن اچڻ ٿيو؟“

”منهنجو پٽ مونسان گڏ آيو آهي. ان جو ڪيرن سان وهانءُ ٿي رهيو آهي.“ ”واه! هوءَ ته هن تر جي پيسي واري ڇوڪري آهي.“

ٽورڊ مختصر جواب ڏيندي چيو، ”ها، ماڻهو به ائين ٿي چون ٿا.“

پادريءَ ظابطي پٽاندڙ ٽيڻ واري شادي رجسٽر ۾ داخل ڪئي. جن ماڻهن کان صحيون ڪرائيون هيون، ڪائن ڪرايون ويون. سڀ ڪجهه ٿيڻ ڪانپوءِ ٽورڊ ٽي ڊالر پادري جي اڳيان رکندي چيو، ”في الحال، مون وٽ اهي آهن..“

پادري پيسا ڳڻندي چيو، ”ٽورڊ تون مون وٽ ٽي ڀيرا آيو آهين ۽ ٽئي ڀيرا پٽ لاءِ آيو آهين.“

ٽورڊ جي چپن تي مرڪ آئي. ڪجهه چئي بنا پادريءَ کان موڪلائي هليو ويو. هي پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ جو واقعو آهي. ٽورڊ ۽ سندس پٽ شادي جي انتظامن لاءِ اسٽورليڊن وچي رهيا هئا. ٻئي ٻيڙيءَ تي ويٺل هئا. پٽ پيءُ کي چيو، ”ٻيڙيءَ جو هي تختو ڇڃو آهي.“ ايئن چئي هو اٿي بيٺو ۽ ان تختي کي سڌو ڪرڻ لڳو جنهن تي هو ويٺل هو. اوچتو تختو هن جي پيرن هيٺان

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

نڪري ويو.هن ٻانهون ڪيڙيون. رڙ ڪيائين ۽ پاڻيءَ ۾ ڪري پيو.

”ونجهه ڪي ٻ عڙا!“ پيءُ هن ڏانهن رڙ ڪري ونجهه وڌايو. پر هو ونجهه تائين پهچي ڪونه سگهيو. ”مان اجهو تو وٽ اچان ٿو. حوصلو رک.“ تورڊ هن ڏانهن ٻيڙي وڌائي سندس پٽ هن جي پهچڻ کان اڳ هٿ پير هڻندي ٻڏي ويو. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نه ٿي آيو. هو ان هنڌ نهاريندو رهيو جتي سندس پٽ ٻڏي ويو هو. ڪيس يقين هو ته اجهو ٿو هو ٻاهر نڪري. پر ڪجهه دير لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻڙ ٻڙ ٿي ۽ پوءِ پاڻيءَ جو مٿاڇرو شيشي جيان صاف ۽ هموار ٿي ويو.

ماٺهن ڏنو ته هو ٿي ڏينهن ٿي راتيون اچ ۽ ٻک ۾ اوجاڳو ڪندي پٽ کي پاڻيءَ ۾ ڳوليندو رهيو. ٽن ڏينهن کانپوءِ کيس پٽ جو لاش مليو. لاش ٻانهن تي کڻي پوک ڏانهن روانو ٿي ويو.

هڪ سال کانپوءِ پن چڻ مند جي هڪ اونداهي شام جو پادري ڪمري کان ٻاهر ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌو. هن ٻاهر اچي ڏٺو. هن جي سامهون هڪ نبل ۽ ڏکهو ماڻهو بيٺل هو. سندس چيلهه جهڪيل هئي. وار اڇا هئس. پادري هن کي دير سان سڃاتو. هو تورڊ هو. کيس ڪمري ۾ وٺي آيو. پڇيائينس، ”هن مهل جو ڪٿان ٿو اچين؟“

”ها، ديرته ٿي وئي آهي.“ ڪنڌ لوڏيندي وراڻيائين. ڪجهه دير لاءِ ٻئي خاموش هڪٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. تورڊ سانت ٽوڙيندي چيو، ”مون ٻاڻ سان گڏ ڪجهه پيسا آندا آهن چاهيان ٿو ته منهنجي پٽ جي صدقي غريبن ۾ ورهايا وڃن.“ اٿي پيسا ٽيبل تي رکيائين ۽ پوءِ ساڳي جاءِ تي اچي ويٺو. پادري پيسا ڪنيا، ڳڻي چيائين، ”هيءَ ته تمام گهڻا پيسا آهن.“ ”اڄ مان پنهنجو سڀ ڪجهه وڪڻي ڇڏيو آهي. هي ان جو اڌ آهي.“

پادري ڪجهه گهڙيون چپ رهيو. ڪجهه سوچي تورڊ کان پڇيائين،

”ڇڳو ڀلا ٻڌاءِ ته هاڻي توکي ڇيو ڇا گهرجي؟“

”ڇڱائي ٿو چاهيان.“

جهٽ لاءِ ٻئي خاموش ويٺا رهيا. تورڊ جون اکيون جهڪيل هيون

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پادري ڏانهس ڏسندو رهيو. نرميءَ ۾ ٻاجهه سان چيائينس، ”نيٺ تنهنجو پٽ تولاءِ ڀاڳ وارو ثابت ٿيو.“

”ها منهنجو به اهو خيال آهي.“ ٽورڊِ اکيون مٿي ڪئي ڏنو. سندس ڳلن تان به وڏا ڳوڙها ترڪي رهيا هئا.

سنڌيڪار: ممتاز بخاري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

رڊيارڊ ڪپلنگ

Rudyard Kippling

هن هڪ بت تراشيءَ جي پروفيسر جي گهر ۾ ١٨٦٥ع ڌاري، انڊيا جي شهر بمبئيءَ ۾ جنم ورتو. چو تہ سندس پيءُ ان وقت بمبئيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو. تعليم انگلينڊ ۾ حاصل ڪيائين. سترهن ورهين جي عمر ۾ انڊيا آيو ۽ لاهور جي "The Civil and Military Gazette" ۾ سب ايڊيٽر ٿي صحافت جي شروعات ڪيائين. هن ادب ۾ شروعات ڪهاڻين ۽ نظمن سان ڪئي. ان شعبي ۾ کيس چڱي خاصي مقبوليت ملي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سندس اهي لکڻيون گڏي ١٨٩٦ع ۾ Departmental Disttics ۽ ١٨٨٧ع ۾ "Plain Tales from the hills" جي صورت ۾ ڇپيون. سندس لکڻين ۾ هندستاني ۽ انگلستاني رچاءُ آهي. هن آمريڪا، آسٽريليا، ڏکڻ آفريڪا ۽ افغانستان جا دورا به ڪيا. هن جا ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا آمريڪا ۽ برطانيا ۾ اهم جاءِ والارڻ لڳا. تانجو کيس ١٩٠٧ع ۾ "نوبل پرائز" سان نوازيو ويو.

ڪهاڻيڪار، شاعر، ناول نگار ۽ صحافي رڊيارڊ ڪپلنگ ١٩٣٦ع ڌاري وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هڪ ٻار، جنهن کي ماريو ويو

رڊيارڊ ڪپلنگ (انگلينڊ)

ڪير آهي؟ جو خوش آهي
اهو، جيڪو پنهنجي گهر پرسان ننڍڙا ٻار ڏسي،
ٻار، جيڪي مٽي تي مٽي وسائيندا هجن،
ٽپ ڏيندا هجن، ڪرندا هجن،
۽ رڙيون ڪري روئيندا هجن.
(مني چنڊارا.)

پولو – بال تمام پراڻو هيو، ڏڪيل، ڪٽيل سٽيل ۽ گهاو پيل، اهو منهنجي تماڪ ڇڪڻ واري پائپ جي ڏنڊيءَ پرسان مينٽل پيس تي رکيل هو، جنهن کي امام دين خدمتگار، صاف ڪري رهيو هو.

”ڄاهي بهشت ڄايو، هن بال جي حسرت ڪري ٿو سگهي؟“ امام دين نماڻائيءَ سان چيو، ”هن ”بهشت ڄائي“ کي بال جي ڪهڙي ضرورت، ڇا ڪندو. هن بال جو هي ”بهشت ڄايو.“

”سائين جن کي اطلاع ڏيڻ فرض ٿو سمجهان ته مونکي هڪڙو ۽ ننڍڙو پٽ آهي. اهو هن بال کي ڏسي چڪو آهي ۽ چاهنا ڪري چڪو آهي ته هو هن بال سان کيڏڻ ٿو چاهي. هي بال مون کي پنهنجي لاءِ ڪونه گهرجي.“

مون وٽ ڪوبه جواز ڪونه هيو جنهن سان امام دين کي ان بال کڻڻ کان روڪجي ها. هن سمورو ڪن ڪچرو ميڙي سيڙي وراندي ۾ گڏ ڪيو. تڏهن هڪڙو معصوم ۽ خوشيءَ ڀريو آواز گونجيو ۽ پوءِ بال جو فرش تي ٽپا ڏيڻ جو آواز، تڊ، تڊ، تڊ ۽ پتڪڙن پيرن جي ڊڪڻ جو آواز اچڻ لڳو. حقيقت ۾ ٻار در جي اوٽ ۾ بيهي بال کڻڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. مگر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

مان سوچيان ٿو تہ ھن اھو بال اتي ڏنو ڪيئن؟

ٻي ڏينھن مان مقرر وقت کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ آفيس کان موٽيس ۽ ھڪڙي پتڪڙي وجود کي پنھنجي ڊرائنگ روم ۾ ڏسي حيران ٿي ويس. ننڍڙو ۽ مرجھايل بدن. تنھن تي ھڪ ڍلو ۽ ڇاڙيل، گھنجن ھاٺو چولو پيل ھو، جنھن ۾ ھن جو پتڪڙو ۽ لڙڪندڙ پيٽ چڻ تہ ڦوڪي رھيو ھو. ھو، وات ۾ آڱريون ڏيئي، ڪمري اندر ھيڏي ڏي حيرانيءَ سان تڪي رھيو ھو.تصويرن جو ايترو اسٽاڪ ڏسي اچرج ڪري رھيو ھو. مان سمجھي ويس تہ اھوئي خدمتگار جو "ننڍڙو ۽ ھڪڙو پٽ" آھي. ھن کي منھنجي ڪمري ۾ ڪوئي بہ ڪم نہ تو ٿي سگھي، پر اھو پنھنجي انوکي دريافت ۾ ايترو تہ گم ھو جو دروازي تي منھنجي موجودگيءَ جو ذرو بہ احساس نہ ٿيس.

مان ڪمري ۾ وڏي آيس. ھن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ مون کي ڏسي صفا پيلو پئجي ويو. ... ۽ پوءِ.... سھڪندو سھڪندو ھيٺ ڌرتيءَ تي ويھي رھيو. ھن جون اکيون ڊوڙن مان ٻاھر نڪري آيون ھيون ۽ وات پٽجي ويو ھوس. مون ڄاتو پئي تہ ڇا ٿيڻ وارو آھي. رڳو ھڪڙي پونڪ ٿي ۽ اھو ڇوڪرو منھنجي حڪم کان سواءِ ئي وقت کان اڳ ۾ سرونٽ ڪوارٽرس ۾ پڄايو ويو. ڏھن سيڪنڊن بعد امام دين منھنجي ڪمري ۾ موجود ھيو. تڏھن اوچتو ڪنھن جا ڪمري ۾ سڏڪا گونجڻ لڳا. مان موٽي اچي ڏٺو تہ امام دين ننڍڙي کي دڙڪا ڏئي رھيو ھو ... ۽ ڪيس رومال جيان نپوڙي ڇڏيو ھو. "ھي ڇوڪرو!" امام دين جج جيان ڪڙڪيو، "بدمعاش آھي، تمام وڏو بدمعاش... ھي بغير ڪنھن شڪ شبھي ۽ شاھديءَ جي جيل اماڻيو ويندو."

موٽ ۾ صرف دانھون ۽ ڪيھون گونجيون ... ۽ پوءِ امام دين مون کان معذرت گھرڻ لڳو.

"ٻالڪ کي ٻڌايو وڃي." مون چيو. "مان ڪاوڙيل نہ آھيان، ھاڻي ھتان کان ھلو.." امام دين منھنجا لفظ ۽ منھنجي معافي دکي ٻالڪ تائين پڄائي، جيڪو ڍپ وچان پنھنجي شرٽ کي گردن وٽ جمع ڪري چڪو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هيو. ٻئي ٻاهر وڃڻ لاءِ هليا. ”هن جو نالو“ امام دين حقارت وچان ائين چيو ڄڻ ڪنهن ڏوهه جو اعلان ڪندو هجي. ”هن جو نالو محمد دين آهي ۽ هي تمام وڏو بدمعاش آهي.“

اڳ واري خوف کان آزاد ٿي ويل محمد دين پيءُ طرف مڙيو ۽ نهايت ڏک وچان چوڻ لڳو، ”صحيح آهي ته مان محمد دين آهيان. مگر مان، بدمعاش نه آهيان، تاحب! مان ته هڪ مرد آهيان.“

هن واقعي کانپوءِ محمد دين وري منهنجي ڪمري ۾ نه آيو. مگر الاهي دفعا باغيچي ۾ اسان جو ٽڪراءُ ٿيندو هيو.. اسان هڪ ٻئي کي تعظيم ڏيندا هياسي. اسان جي وچ ۾ رڳو هي جملا هيا. ”تلام تاحب“ ۽ منهنجي موٽ ”سلام محمد دين“ ... ۽ بس.

روز منهنجي آفيس موٽڻ مهل، سفيد شرٽ ۽ ڦوڪيل پيٽ سان هڪڙو پاڇو باغ جي وڻن جي جهڳٽي مان ايرندو هيو. ۽ مان روز اتي پنهنجو پڌل گهوڙو ڏسي ويندو هوس، ۽ مان ائين سُجهائيندو هوس ته مون کي ڪجهه به پتو نه آهي.

محمد دين کي ڪوبه سنگتي ساٿي ڪونه هيو. انڪري پاڻ ۾ ئي مگن رهندو هو. اڳڻ ۾ يا ٻاهر... پيو کيڏندو هو. هڪ ڏينهن مان هن جي ڪيرايل ڪنهن شيءِ تان ٿابڙجي پيس. هو اڌ تائين پولو بال کي زمين ۾ پوريون ويٺو هو. ۽ ڇهه خوبصورت گل انهيءَ جي چوڌاري گول دائري ۾ ٽنبي رکيا هيائين. دائري کان ٻاهر پڪل سرن جا ٻيگل ٽوٽا چين جيان سجائي رکيا هٿائين. اهي چورس ۾ رکيل هيا ۽ اهو سڀ ڪجهه وري هڪ ننيڙي بند سان گهيراؤ ڪيل هو ۽ مالهي پاڻيءَ جو ڀريل لوٽو ڪيس ڏئي رهيو هو. هن صفائي پيش ڪندي چيو، ”سائين هي راند صرف ٻارن جي راند آهي ۽ ان سان باغ ۾ ڪابه بدصورتي ڪانه ٿي اچي.“ خدا ڄاڻي. مان ڪڏهن به هن ٻالڪ جي ڪم ۾ رهت اتڪائڻ نه چاهيو هو ۽ نه ئي چاهيندس. پر انهيءَ شام مون کي ٿوري ڪڙڪ پئجي وئي ۽ مان تڪڙن قدمن سان انهيءَ جهڳٽي ڏانهن وڌيس، تڏهن خبر پئي ته ٻال چوڌاري ٽنبيل گل هتان پٽيا ويا هيا ۽ اهي هاٿي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪڏهن به جڙي نه سگهندس، ڪڏهن به ملي نه سگهندا.

ٻي صبح مان، محمد دين مٿان آيس. هو هوريان هوريان روئي رهيو هو ۽ منهنجو تابڙ سان ڏاٿل سمورو ڪالهوڪو ڪيل وڪريو پيو هو. ڪنهن هن کي ٻڌايو هو ته صاحب، توتي ڏاڍو ڪاوڙيل آهي ته تون هن باغ کي خراب ڪيو ۽ گندي زبان استعمال ڪئي.

محمد دين هڪ ڪلاڪ تائين ساندهه پنهنجو ڪيل منڊل وري جوڙڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. مگر هو وري اهڙو ڪيل نه جوڙي سگهيو. هڪ ڏينهن جڏهن مان آفيس مان موٽيس .هن مون کي ڏٺو، نماڻن نيڻن ۽ سڏڪن ساڻ "تلام، تاحب..." چيو. هڪڙي تڪڙي انڪوائري امام دين ذمي ڪئي وئي ته هو محمد دين کي احساس ڏيارائي ته هو پنهنجي رضا سان، جيڪو ڪجهه وٽيس پيو ڪري.... تنهن تي ٻالڪ وري دل جهلي ۽ زمين تي ڏاٿل منڊل کي وري جيئارڻ جي ڪوشش ڪيائين. مگر هو ائين نه ڪري سگهيو ۽ وري به ناڪام رهيو.

ڪجهه مهينن کان هن جي سياءَ ۾ ڏرتيءَ جي ان ٽڪري ۽ باغ جي ان جهڳٽي لاءِ عجيب تبديلي محسوس ٿي.

هميشه سڻن ۽ سهڻن هنڌن تان مرجهايل گل هٽايا ويندا آهن ۽ اڇليا ويندا آهن. گهسيل پٿرن جا ٽڪرا، ڀڳل شيشن جا ٽڪرا، ۽ چٽيل ٻن، مان محسوس ڪيو ته مان پڻ هڪ پڪي آهيان، جنهن جا پر هوريان هوريان پٽيا وڃن پيا.

هڪ چٽڪبرو، سامونڊي ڪوڏ. هن جي ننڍڙي گهوڙي پرسان ڪريو ۽ مون چاتو ته محمد دين ضرور هڪ اهڙي شيءِ ٺاهيندو، جيڪا هن جي عمر وارا ڇوڪرا نه ٺاهيندا آهن. مان قطعي پريشان نه هيس. هن پنهنجو ٽائيم هڪ عجيب ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو ۽ پوءِ هوريان هوريان هن جي ڳائڻ جو آواز هوا ۾ لهرون بڻائڻ لڳو. اوچتو هو ڌرتيءَ تي ليڪا پائڻ لڳو. صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو ته هو هڪ عجيب ۽ خوبصورت محل بڻائڻ لڳو آهي، اهو محل، ٻه گز ڊگهو ۽ هڪ گز ويڪرو هو. پر اهو محل مڪمل نه ٿي سگهيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ٻي ڏينهن محمد دين ڪونہ هيو ۽ نہ ئي هن جو اڻ پورو ۽ خوبصورت محل ۽ نہ ئي منهنجي مهل تي. ”تلام - تاحب ...“ جو وٽندڙ آواز. منهنجي اندر مان عجيب احساس اٿيا ۽ مان دکي ٿي ويس.

”هن وٽ ڪابہ طاقت يا سگهہ ڪانهي. ۽ هي ٻار تہ...“ ڊاڪٽر ائين چيو ۽ امام دين جي ڪوارٽر مان هليو ويو.

هڪ هفتي ڪان پوءِ، مون، جيڪو ان مسئلي ڪان منهن موڙيل رهيس ۽ بي خبر رهيس. امام دين کي مسلمانن جي قبرستان منجهہ ڏٺو، جتي هو پنهنجي ماٿهن سان گڏجي هڪ سفيد ٻَنڙي هٿ ۾ کنيو، قبرستان مان نڪري رهيو هو... هُو، محمد دين کي پوئتي ڇڏي آيا هيا.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

رابندر ناٿ ٽيگور

Rabinder Nath Taigor

بنگالي ٻوليءَ جي هن شاعر، ڊرامانگار، ناول نويس، موسيقار، مصور ۽ ڪهاڻيڪار هڪ برهمڻ جي گهر ۾ ۷ مئي ۱۸۶۱ع تي ڪلڪتي ۾ جنم ورتو. سندس پيءُ تمام وڏو جاگيردار هو. ان ڪري ٽيگور ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي ڊگري حاصل نہ ڪئي. کيس گهر ۾ ئي پڙهايو ويو. هن سياست ۾ بہ ڀرپور حصو ورتو تہ ادب سان بہ لڳاءُ رکيائين. ان سان گڏ کيس مصوري ۽ موسيقيءَ جو چاهہ هيو. سندس لکڻيون بنگاليءَ ۾ هيون. هن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڊراما لکيا، ڪهاڻيون لکيائين ۽ ناول لکيائين، مضمون پڻ.

جڏهن ييٽس هن جي شعري مجموعي گيتانجلي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ کيس ۱۹۱۳ع ۾ ادب جو ”نوبل پرائز“ ڏنو ويو. مذهبي طور کيس ”گرو ديو“ جو درجو حاصل هو. هن کي ۱۹۱۵ع ۾ ”سر“ جو بہ خطاب ڏنو ويو.

رابندر ناٿ ٽيگور ۷ آگسٽ ۱۹۴۱ع تي وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هارايل خواهش

رابندر نات ٽيگور (بنگالي)

دارجيلنگ پهچي ڏٺم ته چؤ ڌس ڪڪر ئي ڪڪر هئا. گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ من نه ٿي چاهيو پر گهر ۾ ويهندي به مزو نٿي آيو. هوٽل ۾ صبح جو ناشتو ڪري، واندو ٿي، پيرن ۾ ٿلهو بوٽ پائي ۽ مٿي کان پيرن تائين ميڪنيٽش پائي سير لاءِ نڪتم. هلڪو هلڪو مينهن وسي رهيو هو. چئني ڏسائن ۾ ڪڪر ڇانيل هجڻ ڪري ائين پئي ڀاسيو ڄڻ ته هماليا جي جبلن ۾ ئي سڄي ڪائنات جي نقشي کي ڏٽي ٻاڪ ربڙ سان گسائي مٽائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. ڪڪرن جي انهيءَ ديس ۾ منهنجو من نه ٿي لڳو. ڇو ته هتي ڪنهن به شيءِ سان لڳاءُ نه ٿي رهيو هو. پنجن رنگن واري ڌرتيءَ کي پنهنجي ڇهين حس سان ڀيهر پڪڙ لاءِ منهنجومن بيقرار ٿي رهيو هو.

ايتري ۾ ويجهو کان ڪنهن ڏکويل عورت جي روئڻ جو آواز آيو. آواز هلڪو هو. هن ڏکن سان ڀريل دنيا ۾ روئڻ جو آواز ڪو وڏو واقعو نه هو. ڪنهن ٻئي هنڌ اهو آواز ٻڌان ها ته شايد ڌيان نه ڏيان ها. پر هنن ڪڪرن سان گهيريل ملڪ ۾ مون کي اهو آواز سڄي دنيا جو اڪيلو ڏکارو آواز لڳو. مان ان کان لنوائي نه سگهيس. آواز ڏانهن ڪن ڏيئي اڳتي وڌيم. ڏٺم ته گيڙو رنگ جا ڪپڙا پهريل هڪ عورت رستي جي ڪناري، پٿر تي ويهي هوريان هوريان روئي رهي هئي. هن جي سونهري وارن جو جوڙو مٿي ڏانهن ٻڌل هو. ائين ته نه هو ته هاڻي ئي هاڻي هن تي ڪو صدمو گذريو هو. ائين پي لڳو ته ڪيترن ڏينهن کان ڪو ڏک هن جي دل ۾ ڌيري ڌيري وڌي ويجهي رهيو هو. جيڪو اڄ بادلن سان گهيريل اونداهي جي وزن سان اوچتو ايري پيو.

مون چيو، ”واه“ هي هڪ پيار ڀري ڪهاڻي جي شروعات ٿي. دامن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪوهہ ۾ ڪنهن وينل جوڳڻ ڪي روئيندو ڀنهنجي اکين سان ڏسندس اهو تہ مون کي ڪڏهن گمان بہ نہ هو. اها عورت ڪهڙي قوم جي هئي؟ مان سڃاڻي نہ سگهيس. همدرديءَ سان هندي ۾ پڇيم، ”تون ڪير آهين؟ توکي ڇا ٿيو آهي؟“

ڀهريون هن ڪابہ ورندي نہ ڏني، رڳو ڪڪرن سان ڏنڌليءَ فضا ۾ هن ڀنهنجي ڳوڙهن ڀريل چمڪندڙ اکين سان مونتي هڪ نظر وڌي.

مون ڀيهر چيو، ”مون کان نہ ڊڄ مان شريف ماڻهو آهيان.“

اهو ٻڌي هن کلي ڏنو ۽ پڪي هندستاني ٻوليءَ ۾ چيائين، ”گهڻا ڏينهن ٿيا آهن ڊپ ۽ ڀوَ ڇڏي ڏنو اٿم ۽ هاڻي تہ شرم ۽ حيا بہ ناهي. بابوجي اهي بہ ڏينهن هئا تہ مان اهڙي پردي ۾ هوندي هئس جتي منهنجي سڳي ڀاءُ کي بہ اندر اچڻ لاءِ اجازت وٺڻي پوندي هئي. اڄ منهنجو سڄي دنيا کان ڪو پردو هليو ويو آهي.“

ڀهريائين مونکي ٿوري ڪاوڙ آئي. منهنجي ڏيٺ ويٺ بلڪل انگريزن جيان هئي پوءِ بہ نياڳيءَ عورت آلائي چو مونسان بابو چئي ڳالهايو. سوچيم ڪهاڻيءَ کي اتي ئي ختم ڪري ولائتي صاحب بهادرن جيان ڀرون چاڙهي، سگريٽ مان دونهون ڪيندي، ڪاوڙ سان ڌرتيءَ تي پير هڻندي، تڪڙ ۾ روانو ٿي پوان. پر منهنجي تجسس جي ذوق ائين ڪرڻ نہ ڏنو.

حڪم ڏيڻ واري انداز ۾ پڇيم، ”ڇا مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟ ۽ تون ڪجهہ چوڻ چاهيندين؟“

هن سڪون سان مون ڏانهن ڏٺو. ٿوري دير رکي مختصر جواب ڏنائين، ”مان بدراون جي نواب غلام قادر خان جي ڌيءَ آهيان.“

بدراون ڪهڙي ملڪ ۾ آهي ۽ نواب غلام قادر خان ڪهڙا نواب آهن. ۽ ان جي ڇوڪري ڪهڙي ڏک ۾ جوڳڻ بڻجي دارجيلنگ ۾ ڪلڪتي روڊ جي ڪناري ويهي سگهي ٿي؟ ان جي مونکي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي ۽ نہ ئي اعتبار ٿي آيو. مون سوچيو اهو لطيفو ٻڌوئي وڃي. دلچسپي بہ پيدا ٿيڻ لڳي هئي. هڪدم جهڪي ادب سان سلام ڪندي چيم، ”بيگم صاحبا، معاف

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪجو. مان توهان کي سجاڻي ڪون سگهيو هوس."

هن کي نہ سڃاڻڻ جا ڪيئي ڪارڻ هئا، پهريون ڪارڻ اهو هو تہ هن کي مان اڳ ۾ ڪون ڏٺو هو. انڪانسواءِ ايڏو ڏند هئو جو پنهنجو هٿ پير سڃاڻڻ بہ ڏکيو هو. بيگم صاحبا بہ ڪاوڙ ڪون ڪئي. هن پنهنجي ويجهو ويهڻ لاءِ ساڄي هٿ سان اشارو ڪندي چيو، "ويهو."

ڏٺم تہ حڪم ڪري چاڻي، آلي پٿر تي ويهڻ جي اجازت ملڻ سان مونکي توقع کان وڌيڪ اعزاز مليو. بدراون جي نواب غلام قادرخان جي ڌيءَ نور النساء يا مهر النساء يا بانو الملڪ مون کي پنهنجي ويجهو ويهڻ لاءِ ان گندي هنڌ ويهڻ جي اجازت ڏني، جنهن لاءِ ميڪنتش پائي هوٽل کان ٻاهر نڪرڻ مهل منهنجي خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ ٿي اچي سگهيو تہ منهنجي ايڏي عزت ٿيندي. ٻن رستي ويندڙن ۾ ڳجهہ جون ڳالهيون شاعري لڳنديون آهن. ۽ ان سان ڏسندڙن جي دل ۾ ڏور ڪنهن پهاڙ جي غار مان آبشار جو آواز ۽ ڪالي داس جي لکيل ميگهہ دوت، ڪمار سيو جوسنگيت اجاگر ٿي ويندو آهي. پر هيءَ ڳالهہ هر شخص کي مڃڻي پوندي تہ بوٽ ۽ ميڪنتش پائي ڪلڪتي روڊ جي ڪناري تي گندي پٿر تي هڪ پينو عورت سان ويهي اهو سمجهڻ تہ منهنجي عزت ۾ ڪوبہ فرق نٿو اچي، هاڻوڪي دؤر ۾ اهو خيال بنگالين ۾ ٿورن کي ٿي آهي. پر ان ڏينهن گهاٽي ڏند سني فضا کي خراب ڪري ڇڏيو هو ۽ اتي ٻيو اهڙو ڪوبہ نہ هو جنهن سامهون شرم ڪجي. هر وقت چانيل ڪڪرن ۽ ڏند جي انهي ديس ۾ ان مهل رڳو بدراون جي غلام قادر خان جي ڌيءَ ۽ مان هڪ جديد استائل جو بنگالي اتي هئا سين. ائين پيو لڳي جڻ سڄي دنيا تباهہ ٿي وئي آهي. رڳو اسان ٻئي پٿرن تي ويهي بچي ويا آهيون. ان اوچتو ملڻ جي سڌ رڳو اسان ٻنهي کي هئي. ٽيون ڪوبہ ڏسي ڪون رهيو هو.

مون پڇيو، "بيگم صاحبا اوهان جي هي اهڙي حالت ڪنهن ڪئي آهي؟"

... مون کي هندستاني ٻولي تمام ٿوري ايندي هئي. اها ٿوري ٽڪي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هوٽل جي بيرن سان ڳالهائي سگهي هئم.

.... بيگم صاحبا چيو، ”منهنجي زندگيءَ جي حيرت انگيز ڪهاڻي اڄ پوري ٿي آهي. توهان ٻڌڻ چاهيو ته عرض ڪيان.“

مون چيو، ”اهو توهان ڇا ٿيون چئو؟ ان ۾ چاهڻ يا نه چاهڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. جيڪڏهن توهان ٻڌايو ته مان پنهنجي مان جي وڏائي سمجهندس.“ ڪو اهو نه سمجهي ته مان مٿين ڳالهه هندستاني ٻولي ۾ ڪئي هئي. چوڻ جو ارادو ضرور هو پر چئي نه ٿي سگهيس. بيگم صاحبا جڏهن ڳالهائيندي هئي ته ائين پئي لڳم ڄڻ ماڪ سان ڌوتل ڪٽڪ جي فصل جي سونهري چوٽين تي صبح جي تازي هوا لهرون ڏيندي وڃي رهي آهي.... مان هن جي ڳالهين جو جواب ڪنهن ڇٽ جيان لفظ لفظ جوڙي ڏيئي رهيو هوس. منهنجي زبان ۾ هن وانگر رواني ۽ مٺاڻ نه هو. هن سان ڳالهه ڪندي مون کي پنهنجي انهيءَ ڪمزوريءَ جو احساس گهڙي گهڙي ٿي رهيو هو.“

هن چيو، ”منهنجو تعلق مغل شهنشاهن سان آهي. ان خاندان جي وقار کي قائم رکڻ لاءِ منهنجي شادي ٿيڻ ڏکي ڳالهه هئي. جو ته منهنجي مقابلي جو ڪوبه ڇوڪرو نه ٿي مليو. نيٺ لکنؤ جي هڪ نواب منهنجو رشتو گهريو. منهنجو پيءُ ان بابت ويچار ڪري ئي رهيو هو ته ايتري ۾ بندوق جي ڪارتوسن کي ڏندن سان ڪپڻ جي ڳالهه تي انگريز سرڪار جي سپاهين سان لڙائي شروع ٿي وئي. توبن جي دونهين سان هندستان تي اوندهه ڇانئجي وئي.

عورت جي آواز ۾ مون ڪڏهن به هندستاني ٻولي نه ٻڌي هئي ۽ خاص ڪري ڪنهن اعليٰ خاندان جي. پوءِ چڱيءَ طرح سمجهي ويم ته اها زبان اميراڻي آهي. اها جنهن زماني جي زبان هئي. اهوزمانو هاڻي ناهي رهيو. هاڻي ريل، ٽيليگراف ۽ تجارت جي رش ۾ اميرن جي طبقي گم ٿيڻ ڪري ان ڳالهين جي زينت هلي وئي آهي ۽ ترقي پڻ.

نواب زادي کان ڳالهيون ٻڌندي ئي انگريزن جي آباد ڪيل هاٿوڪي دؤر جي پهاڙي شهر دارجيلنگ ۾ ڌنڌ جي گهري ۽ گهاٽي چار مان مغل

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

شهنشاهن جي زماني جون وارتائون عقيدت جي چڪ سان منهنجي تصور جي اکين اڳيان اچڻ لڳيون. پٿرن سان جڙيل آسمان ڪي ڇهندڙ محلن جي قطار، رستي تي تيز رفتار گهوڙن تي خوبصورت زين. هاٿين جي پٺين تي زريءَ جون جهالرن لڳل هود. شهري ماڻهن جي متن تي رنگ برنگي ٽوپيون. شالون، ريشمي ڪپڙا، چيلهه ۾ پٽا ٻڌل. زريءَ جون نهيل ڇهنب واريون جتيون. رسمن جي پابندي. انهن سڀني شين ڪي منهنجي دل جي اک ڏسي ورتو.

نواب زاديءَ چيو، ”اسان جو قلعو جمنا جي ڪناري هو. اسانجي فوج جو آفيسر هڪ هندو هو. سندس نانءُ ڪبشر لال هو.“ عورت پنهنجي زبان جي سمورو مٺاڻ هڪ لمحي لاءِ لفظ ڪيشر لال ۾ اوتي ڇڏي. پنهنجي لڪڻ ڪي ڌرتيءَ تي رکي ڏيان سان ٽي وينس. ”ڪيشر لال ڪٽر هندو هو. مان روزانو پرهه ڦٽيءَ جو اٿي عورتاڻي گهر جي جهروڪي مان ڏسندي هيس، ڪيشر لال سيني تائين جمنا جي پاڻيءَ ۾ لهي، غوطو هڻندو هو ۽ طواف ڪندو هو. جڏهن سج اڀرندو هو ته هٿ ٻڌي، سج ڏانهن منهن ڪري عبوديت جو اظهار ڪندي پاڻيءَ جي نذر چڙهائيندو هو ۽ آلن ڪپڙن سان گهير وٽ ويهي نياز ۽ نوڙت سان پوڄا ڪندو، ان ڪانپوءِ پيروي جي راڳڻي ۾ ڀڄن ڳائيندو گهر هليو ويندو هو.

مان مسلمان ڇوڪري هيس. پر مان پنهنجي مذهب بابت ڪجهه به نه ٻڌو هو ۽ اسان جي مذهب ۾ ڪيئن عبادت ٿيندي آهي؟ اهو به نه ڄاڻندي هيم. ان زماني ۾ اسانجي گهر جا ڀاتي شراب ۽ عياشي ۾ رڌل هوندا هئا. هنن جو مذهب سان ڪوبه واسطو نه هو. عورتاڻي حصي ۾ به مذهب جي پڪڙ ڍري ٿي وئي هئي. عورتن جا ذهن به ڪلنديءَ دل لڳي ڪندي گذرندا هئا.

شايد ٻالڪپڻ منهنجي طبيعت ۾ ڪي مذهب لاءِ چاهه رکي ڇڏيو هو. يا ٻيو ڪو ڪارڻ هجي، جنهن جي مون کي خبر نه هئي. پر هرروز صبح جو سج جي نڪرڻ سان ئي سمهيل جمنا جي گهير وٽ اچي ڏاکڻ تي اڪيلو ويهي ڪيشر لال پوڄا ڪندو هو ته ان ڪي ڏسي منهنجي دل خاموش ۽ چاهه

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

واري ڇڪ سان احترام ۾ پرجي ويندي هئي.

سدائين پابندي سان عبادت ۽ رياضت ڪرڻ جي ڪري ڪيشر لال جو سنهڙو، اڇو ۽ سهڻو بدن هڪ اهڙي مشعل جيان پاسندو هو جنهن ۾ دونهين جو نالوئي نہ هو. هن سنيءَ سيرت واري برهمڻ جي غير معمولي ڇڪ هڪ اٿسمجهہ مسلمان ڇوڪريءَ جي دل نرم ڪري ڇڏي هئي.

هڪ هندوستاني عورت منهنجي نوڪرياڻي هئي. جيڪا روزانو ڪنڌ جهڪائي ڪيشرلال کي پرنام ڪندي هئي. ۽ هن جي پيرن هيٺان مٽيءَ جي چپٽي کڻي پنهنجي مٿي ۾ وجهندي هئي. ان کي ڏسي مون کي سرهائي بہ ٿيندي هئي ۽ ريس بہ ايندي هئي. ڪريا ڪرم ۽ خوشيءَ ڏڻن تي هوءَ ڪڏهن ڪڏهن برهمڻ کي پوڄن ڪرائيندي هئي ۽ هن کي نذرانو بہ ڏيندي هئي.

مان پاڻ ئي هن کي ڪجهہ پيسا ڏيئي چيو. "تون ڪيشر لال کي دعوت نہ ڏيندين؟" هن ڏندن ۾ زبان آڻي چيو. "ٺاڪر ڪيشر لال نہ ڪنهنجي دعوت قبول ڪندو آهي ۽ نہ ئي نذرانو وٺندو آهي."

سڏي پا اڻ سڏي طرح ڪيشر تائين پنهنجي ڀڳتي نہ پهچڻ ڪري منهنجي بڪايل دل سسي وئي.

منهنجي خاندان ۾ هڪ مرد هندو عورت کي زوريءَ سان پرڻائي آيو هو. محل سرا ۾ ويهي انهيءَ جو پوتررت پنهنجي رڳن ۾ ڊوڙندو محسوس ڪري ۽ انهيءَ رت جي رشتي سان، ڪيشر لال سان هيڪڙائي جو تصور ڪري، ڪجهہ سڪون محسوس ٿيندو هو.

پنهنجي هندو نوڪرياڻي کان هندو ڌرم جي عبادت جا رڪن ۽ رسمون سکي ورتيم. رامائڻ ۽ مهاڀارت جي پر اسرار ڪهاڻين کي چڱيءَ طرح ٻڌم ۽ محل سرا ۾ ويهي منهنجي من ۾ هندو دنيا جي حيرت جهڙي تصوير لهي آئي. بت، مورتيون، سنک وڄڻ جو آواز، سونهري گنبذ وارا مندر، لوبان ۽ اگربتين جي خوشبوءِ، چندن جي مهڪ سان گلن جو واس، جوڳين جي فطرت کان مٿاهين سگهہ، برهمڻن جا ڪارناما، انسانن جي روپ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۾ ديوتائن جي ليلا. اهي سڀ شيون گڏجي ڏاڍيون پراڻيون، ڦهليل ۽ ڏور. هڪ اهڙي مايا ڀريل دنيا ڪي منهنجي نظر سامهون پيش ڪنديون هيون جيڪي انسان جي عقل ۽ سمجهه کان ٻاهر هيون... منهنجي ننڍڙي دل ۾ هندو گهراڻو هڪ پرستان جو رومانوي روپ اختيار ڪري چڪو هو.

ايتري ۾ ڪمپني جي بهادر سان سپاهين جي جنگ شروع ٿي وئي. بدراون جي ننڍڙي قلعي ۾ به بغاوت جي لهر اچي وئي.

ڪيشر لال چيو، ”ڀهريون ڪِٿون ڪائيندڙن ڪي آريا ورت مان ٻاهر ڪڍيو وڃي. ان ڪانپوءِ ئي هندستان جي سلطنت لاءِ هندن ۽ مسلمانن ۾ اڪرمهر ڪري پاڻهي ئي فيصلو ڪيو ويندو.“

منهنجوپيءُ غلام قادر خان هوشيار ماڻهو هو. هو انگريزن ڪي هڪ خاص رشتي سان ياد ڪندي چوندو هو، ”جنهن ڳالهه جو ٿيڻ ممڪن ناهي ان ڪي به هو ڪري سگهن ٿا. هندستاني هنن جو مقابلو نٽا ڪري سگهن ڪوڙي اميد تي مان پنهنجي هن ننڍڙي قلعي ڪي وڃائڻ نٽو چاهيان. مان ڪمپني بهادر سان ڪونه وڙهندس.“

هندستان جي هندن ۽ مسلمانن جو رت جنهن وقت گرم ٿي چڪو هو ان ويل منهنجي پيءُ جي واٽڪي عمل ڪري سيني جي دلين ۾ هن لاءِ نفرت ڀرجي وئي. منهنجون بيگم مائرون به بي چين ٿي رهيون هيون.

ايتري ۾ ڪيشر لال هٿيارن سان ڀريل هڪ دستي سان اچي پهتو ۽ منهنجي پيءُ کي چيائين، ”نواب صاحب جيڪڏهن توهان اسانجي مدد نه ڪندؤ ته جيستائين لڙائي جاري رهندي اوستائين توهان کي هن قلعي ۾ قيد ڪيو ويندو ۽ هي قلعو مان پنهنجي قبضي ۾ رکندس.“ منهنجي پيءُ چيو، ”جهيڙو يا گوڙ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي مان توهان جو ساٿ ڏيندس.“

ڪيشر لال چيو، ”۽ خزاني مان ڪجهه پيسا به ڪڍڻا پوندا.“ منهنجي پيءُ وڌيڪ ته نه ڏنو. چيائين، ”جڏهن به جهڙي ضرورت پئي، ڏيندو رهندس.“

مون وٽ پيرن کان مٿي تائين جيڪي به زيور هئا. لاهي نوڪرياڻي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هتان ڪيشر لال ڏانهن اماڻيم. هن قبول ڪيا. زيورن کان خالي منهنجي بدن جي انگ انگ ۾ خوشي ۽ جذبن جي لهر ڊوڙي وئي.

ڪيشر لال بندوقن ۽تلوارن کي صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو. اوچتو هڪ ڏينهن ٽيهري جو ضلعي جو ڪمشنر صاحب گورن جي ڳاڙهي ڪرتي واري فوج سان متي اڏائيندو، اسان جي قلعي ۾ اچي داخل ٿيو. منهنجي پيءُ ڳجهه ڳجهه ۾ هن کي بغاوت جي خبر اماڻي ڇڏي هئي. بدروان جي فوج تي ڪيشر لال جو ايڏو اثر هو جو هن جي حڪم سان پيگل بندوقن ۽ ڪٽيل تلوارن سان به وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

پنهنجي غدار پيءُ جو گهر مون کي جهنم جيان لڳي رهيو هو. درد ۽ پيڙا، شرم ۽ نفرت سان منهنجو سينو ڦاٽي رهيو هو. پوءِ به اکين مان هڪ لڙڪ نه وهيو. پنهنجي بزدل پاءُ جا ڪپڙا پائي گهر کان ٻاهر نڪتم. ڪنهن کي به ڏسڻ جي فرصت نه هئي.

ان وقت تائين دز ۽ بارود جو دونهون، سپاهين جي گوڙ ۽ بندوقن جا آواز، سڀ بند ٿي چڪا هئا. ان جي جاءِ تي مردن جي درد ناڪ خاموشي ڌرتي ۽ آڪاش تي پکڙيل هئي. جمنا جي پاڻيءَ کي رت هاڻو ڪري سج به الهي چڪو هو، ۽ آسمان تي پورو چنڊ شام جو ئي نڪتو بيٺو هو.

لڙائي جي ميدان ۾ چوڌس لاشن جو هجڻ، خوفائتو منظر هو. پيو ڪو موقعو هجي ها ته درد ۽ غم سان منهنجي دل پرجي وڃي ها. پر ان ڏينهن خواب ۾ گم ٿيل شخص جيان ميدان ۾ گهمي رهي هيس. ڳولي رهي هئم ته ڪيشر لال ڪٿي آهي. انهيءَ هڪ ڏيان ڪانسواءِ باقي سڀ ڪجهه بي حقيقت ڀاسي رهيو هوم. ڳوليندي ڳوليندي اڌ رات گذرڻ ڪانپوءِ چنڊ جي روشنيءَ ۾، ميدان جي ويجهو جمنا ڪناري انب جي باغ هيٺان ڪيشر لال ۽ سندس نمڪ حلال نوڪر دويڪي نندن جا لاش پيا هئا. مان سمجهي ويس ته زخمي ٿيڻ ڪانپوءِ آقا نوڪر کي يا نوڪر آقا کي هن محفوظ جاءِ تي ڪٺي آيو ۽ پاڻ مري ويو.

پهرياڻين ته مان ڪيترن ئي ڏينهن جو ارمان پورو ڪيو جيڪو پورو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ٿيڻ ممڪن نہ هو. ڪيشر لال جي قدمن ۾ ويهي، پنهنجن گوڏن تائين لڙڪندڙ وارن سان هن جي پيرن کي صاف ڪيم. هن جي برف جهڙي پوتر پيرن کي پنهنجي گرم پيشاني تائين آندم. هن جا پير چمندي ڪيترن ئي ڏينهن کان رڪيل لڙڪ وهي پيا.

ايتري ۾ ڪيشر لال جي بدن ۾ ٿورو چرپر ٿي. اوچتو هن جو درد ڀريل آواز ٻڌي ڇرڪي ويم. هن جو پير ڇڏي اٿي بيٺم. هن بند اکين ۽ خشڪ ڳلي سان هڪ ڀيرو ٻيهر چيو، ”پاڻي.“

هڪدم مان پنهنجي ڪپڙي جي ڪنڊ جمنا مان آلي ڪري آيس ۽ ڪيشر لال جي وات ۾ ڪپڙو نپوڙي پاڻي وجهڻ لڳس. مان پنهنجي ڪپڙي جو آلو حصو ڦاڙي، هن جي زخمي ٿيل ڪاهي اک ۽ پيشاني تي ٻڌي ڇڏيو.

اهڙي طرح ڪوڙ ڀيرا پاڻي هن جي وات ۾ وجهندي ۽ چهري تي ڇنڊا هڻندي، هن کي هوريان هوريان هوش اچڻ لڳو. مان ڪيس چيو، ”ٻيو پاڻي آڻيان؟“ ڪيشر لال پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“ مون چيو، ”هي ٻاندي اوهان جي نوڪرياڻي آهي. مان نواب غلام قادر خان جي ڌيءَ آهيان.“ مون سوچيو هو تہ ڪيشر لال مرندي پنهنجي هڪ شيدائي جي سڃاڻ ساڻ کڻي ويندو ۽ ان خوشيءَ کان مون کي ڪوبہ محروم نہ ڪري سگهندو.

منهنجي سڃاڻ ٻڌي ڪيشر لال شينهن جيان رڙ ڪري چيو، ”بي ايمان، بي ڌرم ڇوڪري، مون کي مرڻ وقت بي دين هٿن سان پاڻي ڏيئي منهنجو ڌرم نشٽ ڪري ڇڏيئي.“ ائين چئي هن سڄي هٿ سان منهنجي نرڙ تي ايڏي زور سان ٿڦ هڻئي جو مان هيٺ ڪري پيس ۽ منهنجي اکين ۾ اوندهہ اچي وئي.

ان وقت مان سورهن سالن جي هيس ۽ اهو پهريون ڏينهن هو جڏهن مان گهران نڪتي هيس. ان وقت تائين ٻاهر جي آڪاس تي سج جي لالڇي ڪرڻن منهنجي جوانيءَ جي لوٽياٽ کي ڇورايو نہ هو. ٻاهر جي سماج ۾ پير رکندي ئي سماج ۽ خاص ڪري منهنجي ديوتا اهڙي طرح آڌر ڀاءُ ڪيو هو.“

ايستائين مان وساميل سگريٽ هٿ ۾ وجهي مورت جيان وينو هيس.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۽ ڪهاڻي ٻڌي رهيو هوم... مون کان ڇڙجي ويو، ”جانور!“ نواب زادي چيو، ”ڪير جانور؟ ڇا جانور موت جي اذيت ويل وات تي آيل پاڻي ناهي پيئندو ڇا؟“

مان شرمائجي ويس. پوءِ چيم، ”ها ٺيڪ آهي. هو ته ديوتا آهي.“ نواب زادي چيو، ”ڪهڙو ديوتا ڇا ديو تاپنهنجي چاهڻ واري جي خلوص کي ٺڪرائي سگهي ٿو.“

مون چيو، ”ها، اهو به ٺيڪ آهي.“

نواب زادي چوڻ لڳي، ”پهريائين ته ڏاڍو ڏک ٿيو. ائين لڳو ڄڻ سڄو جهان ٽڪرا ٽڪرا ٿي منهنجي مٿي تي اچي ڪريو آهي. جهٽ ڪانپوءِ هوش آيو ته مان ان ڪنور، بي مروت ۽ بي حس پوتر، برهمڻ کي پري کان پيرين پيس. پنهنجي دل ۾ چيم، ”اي برهمڻ تون غريب جي شيوا، غير جو اَنَ جل، امير جو عطيو، جوانڙيءَ جو جوبن، عورت جو پريم، ڪجهه به قبول نه ٿو ڪرين.تون آزاد آهين. اڪيلو ۽ بي لغام آهين ۽ توکي پهچڻ ڏکيو آهي. تو وٽ پنهنجو پاڻ حوالي ڪرڻ جو به مون وٽ اختيار ڪونهي.“

نواب زادي جو ڏرتيءَ تي مٿو رکيل ڏسي ان جو پرنام ڪندي ڪيشر لال ڇا سوچيو هوندو. مان نه ٿي چئي سگهان. پر هن جي مک مان تعجب يا اهڙي ٻي ڪنهن به تبديليءَ جو اظهار نه ٿيو. اطمينان سان هڪ ڀيرو مون ڏانهن ڏٺائين. پوءِ هوريان هوريان اٿڻ لڳو مون ڪيس سهارو ڏيڻ چاهيو. پر هن منهنجو هٿ هٽائي ڇڏيو، ڏاڍي ڏکيائي سان جمنا جي ڪناري آيو. جتي مسافرن کي پار پهچائڻ واري ٻيڙي بڌل هئي. ڪيشر لال اُن کي کولي ٻيڙيءَ ۾ وينو ٻيڙي وچ دريا ۾ پهچي ڏيري ڏيري اکين اڳيان گم ٿي وئي. منهنجي من ۾ آيو، پنهنجي دل جو سمورو بار، پنهنجي حسن ۽ ٺڪرايل محبت جو بار پاڻ سان گڏ کڻي، نظرکان گم ٿيل ان ٻيڙيءَ ڏانهن منهن ڪري، پنهنجا ٻئي هٿ گڏي ادرات جي ڇُپ ۾، وقت کان ڀهريون لام کان ڪريل مکڙيءَ وانگر، پنهنجي بنا ڪنهن ڪم واري زندگيءَ کي چانڊوڪيءَ ۾ چلڪندڙ سانتيڪي جمنا ۾ پاڻ کي اڇلي ڇڏيان. پر ائين نه

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪري سگهيم. آسمان تي چنڊ، جمنا جي هن پار اوندهه، گهاٽي ٻيلي ۾ وڻن جون قطارون، جمنا چپ، سانورو پاڻي، انهن سڀني بنا آواز موت جو گيت ڳايو. ان اڌرات جو چنڊ، ستارن ۽ سيارن سان ٽهيل تنهي جهانن هڪ زبان ٿي مون کي موت جي دعوت ڏني. رڳو چپ چاپ ۽ پرسڪون جمنا ۾ ويندڙ نظرن کان ڏور هڪ پراڻي ٻيڙي هن چانڊوڪيءَ ۾ مون کي موت جي هنج مان ڪڍي زندگيءَ جي ڏڳ تي وٺي هلڻ لڳي. ننڊ ۾ هلندڙ شخص جيان جمنا جي ڪناري، ڪڏهن ته جهنگ جي چيندڙ گاهه تي ڪڏهن ريگستان جي واريءَ تي، ڪڏهن پٿرن جي پهاڙن تي ۽ ڪڏهن گهاٽي جهنگ مان لنگهندي رهيس.“

ائين چئي هوءَ چپ ٿي وئي ۽ مان به خاموش رهيس. چڱي خاصي جهڙ ڪانپوءِ نواب زادي چيو، ”ان ڪانپوءِ جا واقعا ڏاڍا الجهيل آهن. انهن کي ڪيئن سلجهائي بيان ڪيان. مون کي ته سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي. هڪ گهاٽي ۽ ڏکي ٻيلي مان هلي هيم. ڪهڙي رستي سان ٺيڪ هلي هيم ۽ ڪڏهن؟ اهو ٻڌائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪٿان شروع ڪيان ۽ ڪٿي انت ڪيان. ڪهڙيون ڳالهيون ڪيان. ڪهڙيون ڇڏيان؟ عمل کان ٻاهر ۽ فطرت جي ابتڙ معلوم نه ٿئي. پر اهو مان ضرور سمجهي وئي آهيان ته ڏکي يا عمل کان ٻاهر ڪا به شيءِ ناهي. هڪ نواب زاديءَ جو محل مان نڪرڻ هڪ پوائتي ڳالهه لڳي ٿي. اهو سوچڻ واري جو وهم آهي. هڪ پيرو ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ چارو ملي ويندو آهي. ها پر اهو رڳو نوابي ناهي هوندو. پر رستو ته آهي. انهيءَ رستي تي ماڻهو لڳاتار هلندو آيو آهي. بيشڪ! اهو چارو تمام وڏو، لاهن چاڙهن وارو ۽ ڏکيو آهي. ۽ مختلف سٽڪن ۾ ورهايل آهي. اهو رستو ڏک، سک ۽ رڪاوٽن ۾ الجهيل آهي. پر رستو ته آهي.

انهيءَ عام رستي تي نواب زاديءَ جي اڪيلي سفر جي وارتا ٻڌندي ڪو مزو نه ايندو. جيڪڏهن مزو اچي به ته ان کي بيان ڪرڻ لاءِ منهنجو من نه مڃيندو. مختصر هي ته مون کي ڏاڍي تڪليف ۽ ذلت ڪٽڻي پئي هئي. تڏهن به پنهنجي جيون مان ڪڪ نه ٿيم. باهه جي راند جيان جيترو سڙندي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ويم اوترونئي ايرندي ويس. جيستائين تيز هلي رهي هئس ان وقت مون کي احساس نہ هوتہ ڪو مان سڙي بہ رهي آهيان. اڄ ان انتهائي اذيت ۽ غير محدود سرهائيءَ جي مينھ بتي اوچتو وسامي وڃڻ تي مان اڄ هن رستي تي بي جان ٿي ويهي رهي آهيان. اڄ منهنجي پنڌ جي پڄاڻي ٿئي آهي. منهنجي ڪهاڻي بہ هتي ختم ٿئي ٿي.“

ايترو چئي نواب زادي چپ ٿي وئي. سوچيم ائين تہ ڪهاڻي ختم ٿي نہ ٿي سگهي ٿي. جهٽ رکي مان ٿتل هندي ۾ عرض ڪيو، ”بي ادبي معاف ڪجو. آخر وارو حصو جيڪڏهن ٿوري وضاحت سان بيان ڪرڻ جي عنايت ڪندؤ تہ منهنجي دل جي الجهن ڪجھ گهٽ ٿي ويندي.“

نواب زاديءَ ڪلي ڏنو. مون ڏنو تہ منهنجي ٿتل ڦتل هندي ڪم اچي وئي.. هن ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”ڪيشر لال جي سڌ مون کي اڪثر پوندي هئي. پر هن سان ملڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو. تانيتا ٽوپي جي ٽولي ۾ شامل ٿي، هو بغاوت واري آسمان هيٺان هو. ڪڏهن پورب ڏانهن تہ ڪڏهن پڇم جي ڏس ۾، ڪڏهن اتر ڏانهن تہ ڪڏهن ڏکڻ ۾، ڪنوڻ وانگر چمڪي ظاهر ٿي ۽ گم ٿي ويندو هو.

مان ان وقت جوڳڻ ٻڻجي ڪاشي جي شيب آند سوامي کي بابا چئي، ان وٽ سنسڪرت شاستر سکي رهي هئس. هندستان جون سموريون خبرون هن وٽ ايندڙيون هيون. مان اعتقاد سان شاستر سکي رهي هيس ۽ درد سان پرجي بي چينيءَ سان گڏ لڙائي جو خبرون پڙدي رهي هيس.

هوريان هوريان برٽش راڄ هندستان ۾ بغاوت جي باهہ کي پيرن سان ڪچلي وسائي ڇڏيو. پوءِ تہ ڪيشر لال جون خبرون بہ هڪدم بند ٿي ويون. انقلاب جي خطرناڪ فضا ۾ رت جي شعاعن سان پارت جي جن شينهن مڙسن جون تصويرون منهنجي اکين ۾ ايندڙيون هيون. اهي بہ اوچتو اوندهہ ۾ لڪي ويون.

تڏهن مان اتي بہ نہ رهي سگهيس، پنهنجي گروءَ جي چانو ڇڏي، بيراڳڻ جو ويس اوڍي نڪري پيم. رستن تي رليم، ڪيترن ئي مندرن ۽

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

تيرٿن جا چڪر هنيم. ڪيشر لال ڪٿي بہ نہ مليو. ڪجھہ اهڙا ماڻهو ضرور مليا، جيڪي هن جي نالي کان واقف هئا. انهن چيو، ”ياهو لڙائي ۾ شهيد ٿي ويو آهي يا ڪنهن قيد خاني ۾ بند آهي.“ منهنجي من جي گهراين مان آواز آيو. ڪڏهن بہ ڪيشر لال مري نٿو سگهي....

هندو شاستر ۾ آهي تہ علم، عبادت ۽ رياضت سان شودر برهمڻ ٿي ويو آهي. مسلمان برهمڻ ٿي سگهي ٿو يا نہ، ان جو ڪٿي بہ ذڪر ناهي. ان جو ڪارڻ اهوئي ٿي سگهي ٿو جو ان وقت مسلمان نہ هئا.

مان چاٽيان پئي تہ ڪيشر لال سان ملڻ لاءِ مونکي اجان بہ دير لڳندي ان جو ڪارڻ اهو هو تہ مونکي ان لاءِ پهريائين برهمڻ ٿيڻو هو. هڪ هڪ ڪري ٽيهہ سال گذري ويا. مان هلت چلت ۽ طور طريقن سان اندر ۽ ٻاهر پنهنجي دل ۽ جان سان برهمڻ ٿي ويس. منهنجي برهمڻ ڏاڏيءَ جو پوترخون منهنجي سموري جسم ۾ پيهي ويو هو. جوان ٿيڻ ويل دل ئي دل ۾ برهمڻ ٿيڻ جي شروعات ٿي هئي ۽ جواني گذري وڃڻ ڪانپوءِ مان چڱي ريت برهمڻ ٿي ويس. تڏهن ئي تہ مان بنا رنڊڪ جي پنهنجي سموري جهان جي هڪ برهمڻ جي پيرن تي فنا ۽ بقا جي چمڪندڙ زندگي پاتي.

انقلابي جنگ دوران ڪيشر لال جي بهادري جون ڳالهيون ڏاڍيون ٻڌيون هيم، پر انهن ڳالهين جو منهنجي دل تي ڪو خاص اثر نہ ٿيو هو. مان جيڪو ڏٺو هو چانڊوڪي رات ۾ جمنا جي وچ ۾ ڪيشر لال هڪ ٻيڙيءَ تي چپ چاپ اڪيلو وهندو وڃي رهيو آهي. اهوئي نقشو منهنجي من ۾ رهجي ويو هو. مان هر وقت اهو ڏسي رهي هئس برهمڻ اڪيلو درياهہ جي موج تي ٻيڙيءَ ۾ وهندو ڪنهن اڻ ڏٺي هنڌ ڏانهن، ڪنهن قصد جي ڳولا ۾ وڃي رهيو آهي. نہ ان جو ڪو سنگتي آهي ۽ نہ ئي نوڪر، هن کي ڪنهن جي بہ گهرج ناهي. هو بي عيب ۽ خود دار جوان پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڪوڙ آهي. آڪاش تي چنڊ، ستارا ۽ سيارا خاموشيءَ سان هن جو مشاهدو ڪري رهيا آهن.

ايتري ۾ سڌ مليم تہ ڪيشر لال شاهي سزا کان بچي نيپال وڃي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

لکيو آهي. مان نيپال ويس. اتي ڪوڙ ڏينهن ڪانپوء خبر پئي تہ ڪيشر لال نيپال ڇڏي هليو ويو آهي. تڏهن کان مان پهاڙي پربت ۾ گهمي رهي آهيان. هي هندن جو ديس ناهي. پوتيا ۽ پچا، ناپاڪ ۽ مليچ قوم آهي. هنن ۾ کائڻ پيئڻ ۽ رهڻ جو ڪو فرق ناهي. هنن جا ديوتا ۽ پوڄاپاٺ سڀ ئي الڳ آهن. ڪوڙ ڏينهن جي رياضت ڪانپوء مان جيڪا خاص پاڪائي حاصل ڪئي هئي، ڊڄي رهي هيس تہ ڪٿي ان ۾ داغ نہ لڳي وڃي. مون ڏاڍي ڏکيائي سان ناپاڪي کي پاڻ کان پري رکيو. مان چاٺي رهي هيس تہ منهنجي ناوَ ڪناري اچي لڳي آهي ۽ منهنجي زندگيءَ جي آخري منزل ويجهو آهي. انکانپوء ٻيو چا چوان؟آخري ڳالهہ تمام مختصر آهي. ڏيئو جڏهن وسامندو آهي تہ هڪ ڦوڪ سان وسامندو آهي. ان کي وضاحت سان ڇا بيان ڪيان؟

اٺتيهن سالن ڪانپوء هن ئي دارجيلنگ ۾اچي اڄ صبح جو ڪيشر لال کي ڏٺم. "هن کي چپ ڏسي بي چينيءَ سان پڇيم، "توهان ڇا ڏٺو؟"

نواب زادي چيو، "مون ڏٺو تہ ڦاٽل پراڻن ڪپڙن ۾ اداس ۽ غمگين حالت ۾ پوڙهو ڪيشر لال هڪ پوتين جي ڳوٺ ۾ پنهنجي پوتيا پوڙهي زال ۽ انهيءَ مان ڄڻن ۽ ڌيئين سان ڪم ڪري رهيو آهي."

ڪهاڻي ختم ٿي وئي. سوچيم هن جي دلجوئي لاء ڪجهہ چوڻ کپي، چيم، "اٺتيهہ سال لڳاتار جنهن شخص کي پنهنجي جان لاء ۽ هي مذهب جي ماڻهن سان هر وقت ملنو پيو آهي. اهو ڪيئن ايترا ڏينهن پنهنجي طريقن ۽ عادتن کي هڪ جهڙو رکي سگهيو آهي؟" نواب زادي چيو، " چا مان اها ڳالهہ نہ ٿي سمجهان. پر ايترا ڏينهن مان ڪهڙي ڌوکي ۾ ڦاسي گهمي رهي هيس. مون کي ڪهڙي خبر تہ جنهن چڪ منهنجي ننڊ پڻ جو من موهيو. اها روحانيت نہ هئي پر هڪ ساڙهيو ۽ گهڻن ڏينهن جي عادت جو اظهار هو. پر مون سمجهيو هو تہ اها هڪ الوهيت (رب جو هجڻ) هئي. جنهن جو نہ منڍ آهي ۽ نہ ئي انت. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پوء ڪهڙو ڪارڻ هو جو جڏهن سورهن ورهين جي ڄمار ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي گهر مان نڪتس ۽ ان چانڊوڪيءَ رات ۾ ويڪري دل سان پنهنجي جند جان وارڻ جي موٽ ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

مون کي برهمڻ جي ٿڦ ملي. اها برداشت کان وڌيڪ ذلت هئي. تڏهن بہ چپ چاپ ان کي بہ پنهنجي گرو جو انعام سمجهي، اجان بہ وڌيڪ احترام سان هن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

اي برهمڻ! تون تہ پنهنجي هڪ عادت جي جاءِ تي بي عادت اختيار ڪئي آهي. مان پنهنجي هڪ ئي جوين ۾ هڪ ئي زندگيءَ جي عيوض بيو جوين ۾ بي زندگي ڪٿان وٺان؟."

ائين چئي هوءَ اٿي بيٺي ۽ مونکي چيائين، "نمسڪار بابوجي." تڪڙ ۾ پنهنجي غلطي محسوس ڪندي ٻيهر چيائين، "سلام سائين" انهيءَ مسلماني خطاب سان جڻ تہ هن متيءَ ۾ مليل برهمڻيت کي آخري پيرو الوداع ڪئي. منهنجي ڪجهہ چوڻ کان ئي اڳ هوءَ اونڌاهي ڏنڌ سان گهريل هماليا پهاڙ ۾ ڪڪر جيان گم تي وئي.

مان ڪجهہ دير تائين اکيون بند ڪري انهن سمورن واقعن جي نقشي کي پنهنجي دل جي آئيني ۾ ڏسندو رهيس. ڏٺم تہ پنهجي محل ۾ جمنا ڪناري جي جهروڪي سان لڳي، سورهن سالن جي نواب زادي آرام سان ويٺي آهي. پوءِ هن کي تيرٿ يا ترا ڪندي مندرن ۾ صبح شام نياز ۽ نوڙت سان عبادت ۽ رياضت ۾ ڏٺم. ان کانپوءِ هن دارجيلنگ ۾ ڪلڪتي روڊ جي ڪناري ڏنڌ سان گهريل هن دل هاري ڏکياري جو مايوس منهن ڏٺم. هڪ جوانڙي جي رڳن ۾ هندو ۽ مسلمان رتن جي ٽڪرائڻ سان جيڪو سنگيت نڪري رهيو هو، اهو مٺي زبان جي ملڻ سان منهنجي ذهن ۾ گونجڻ لڳو.

اڪ ڪولي ڏٺم تہ اوچتو ڪڪرن جي هٽڻ سان خوشگوار اس ۾ آڪاش چمڪي رهيو آهي. انگريز عورتون رڪشن ۾ ۽ مرد انگريز گهوڙن تي سوار ٿي هوا کائڻ لاءِ نڪتا آهن. هڪ ٻن بنگالين جا پٽ ۾ ويڙهيل چهرا بہ نظر اچن ٿا. انهن مان ڪجهہ مون ڏانهن بہ ڏسندا وڃن ٿا.

تڪڙ ۾ اٿي بيٺم. سج ۾ چمڪندڙ چوڌس دنيا ڏسي مونکي ڪڪرن ۾ لڪل اها ڪهاڻي سچي معلوم نہ ٿي ٿئي. هاڻي منهنجو خيال آهي تہ ڏنڌ سان پنهنجي سگريٽ جو دونهون چڱي طرح ملائي مان هڪ فرضي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪھاڻي گھڙي ھئي.

ھوءَ مسلمان برھمڻ، ھو بھادر برھمڻ، ھو جمنا ڪناري جو قلعو، شايد ڪابہ شيءِ سچ نہ ھجي!.

سنڌيڪار: ممتاز بخاري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

نٽ همسن

Nit Hemson

هن ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ١٤ آگسٽ ١٨٥٩ع تي ناروي ۾ جنم ورتو. ننڍي پڻ کان ئي ذهن ۾ آزاد خياليءَ پيدا ٿي پيس. هن تعليم ڪاليج تائين بہ حاصل ڪون ڪئي. هن گهمڻ ڦرڻ کي وڏيڪ وقت ڏنو. ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر گهمندو رهيو. سندس اهي عڪس لکڻين ۾ چٽيءَ طرح ظاهر آهن. پر هو ٿڪجي پيو ۽ واپس اچي هاري ٿيو. ۽ ان سان گڏ لکڻ پڙهڻ بہ شروع ڪيائين، تانجو هو ناروي جو بهترين ليکڪ ٿي ويو. هن کي ١٨٩٠ع

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۾ سندس لکيل ناول "The Hunger" عروج تي پهچائي ڇڏيو ۽ پوءِ وري "Growth of the Soul" ناول کيس عالمي شهرت ڏني. هن کي ١٩٢٠ع ۾ ادب جو "نوبل پرائز" مليو. انڪانسواءِ ١٩٣٤ع ۾ کيس گوئٽي ميڊل به پارايو ويو.

ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار نٽ همسن ١٩ فيبروروي ١٩٥٢ع تي انتقال ڪيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

... ۽ ايئن رات ...!

نٽ همسن (نارويي)

ڪوپن هيگن ۾ بندرگاهه پرسان لاهيءَ ۾ ٺي هڪ گهٽي آهي، جنهن جو نالو استرولڊ استريٽ آهي. ويجهڙائيءَ ۾ تعمير ٿيندڙ هن گهٽيءَ ۾ ڏينهن جو به چپ چپات لڳي پئي هوندي آهي. گهر هڪ ٻئي کان ڪافي مفاصلي تي ٿهيل آهن ۽ ڪجهه جڳهن تي ته روشنيءَ جو انتظام به نه آهي. اڄ ڪلهه گرمين جي موسم آهي، مگر هن گهٽي ۾ ورلي ئي ڪو شخص سير ڪندي نظر ايندو.

ڪلهه رات انهيءَ گهٽيءَ ۾ مون ڪي هڪ عجيب واقعو پيش آيو. مان هتي ٽهل ڪري رهيو هوس جو هڪ عورت سامهون کان ايندي ڏسڻ ۾ آئي. هيڏي هوڏي ڪوبه شخص نظر نه پئي آيو. گهٽيءَ ۾ گئس جون بتيون ٻاري ڇڏيون ويون هيون. مگر پوءِ به انڌيري جو ٿورو گهڻو راڄ هيو، ان ڪري انهيءَ عورت جو چهرو نظر نه پئي آيو. منهنجو اندازو هو ته هوءَ به انهن عورتن مان آهي جيڪي رات مهل شڪار ڦاسائڻ نڪرنديون آهن. ۽ مان هن جي پرسان کان گذري هليو ويس.

گهٽيءَ جي مهڙ وٽ وڃي مان واپس مڙيس هوءَ به واپس اچي رهي هئي. اسان جو وري مڪاميلو ٿي پيو. مون کي خيال آيو ته هوءَ ڪنهن جو انتظار ڪندي هوندي. پر ڪنهنجو؟ مون کي بي چيني ٿي رهي هئي. پر مان وري به هن جي پرسان گذري ويس.

جڏهن اسان ٽيهر هڪ ٻئي جي سامهون آياسي ته مون ٽوپي لاهي ڇڏي، ”هيلو، شايد توهان کي ڪنهن جو انتظار آهي؟“ هوءَ ڇرڪي پئي، ”نه نه... ها....ها مان انتظار ڪري رهي آهيان.“

”چا ان ماڻهو جي اچڻ تائين، مان توهان جو ساٿ ڏئي سگهان ٿو. توهان کي ان تي ڪوئي اعتراض ته نه ٿيندو؟“ مون پڇيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”نہ...نہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي، توهان جي مان ٿورائتي ٿيندس. هونءَ بہ مان ڪنهن جوخاص طور تي انتظار نہ پئي ڪريان. هيءَ جڳهہ ڏاڍي سڪون ڏيندڙ آهي. ان ڪري ايئن مان هوا کائڻ ٻاهر نڪري پيئي آهيان.“

هاڻي اسان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ٽهل ڪرڻ لڳاسين. هيڏانهن هوڏانهن جون گهٽيون ڳالهيون ٿيون. مون هن کي پنهنجي ٻانهن جو سهارو ڏيڻ چاهيو. پر هن ٿورن ساڻ منهنجي ٻانهن موٽائي ڇڏي.

مون کي ائين اوندهہ ۾ پتڪڻ سٺو نہ لڳي رهيو هو. انڌيرو الاهي هو، ان ڪري هن جي شڪل ٺيڪ طرح سان ڏسڻ ۾ نہ پئي آئي. مون ڪيسي مان ماچيس ڪڍيو ۽ وقت ڏسڻ جي بهاني تيليءَ کي مٿي ڪري هن کي بہ ڏسي ورتو. هوءَ ائين ٿر ٿر ڏڪي رهي هئي ڄڻ سيءَ کان بي حال هجي. مون انهيءَ موقعي مان فائدو ورتو.

”توهان کي سيءُ پيو ٿئي. اچو تہ ريسٽورينٽ ۾ هلي ڪري ڪجهہ پيئون، ٽراليءَ هلئون يا نيشنل؟“

”پر مان تہ هن مهل ڪٿي بہ نہ ٿي وڃي سگهان. توهان شايد ڏٺو ڪونہ.“

۽ هاڻي مون ڇتائي ڏٺو. هوءَ هڪ ڪاري چاريءَ وارو پردو وڌيون بيٺي هئي. مون معافي چاهي تہ اوندهہ ۾ مان ان کي نہ ڏسي سگهيس. هن جنهن انداز سان منهنجي معافي قبول ڪئي ان مان اندازو لڳايم تہ هوءَ بازاري عورت نہ آهي.

”ڇا توهان منهنجي ٻانهن جو سهارو نہ وٺندؤ؟“ مون ٿوري جرئت ڪئي، ”شايد ائين توهان کي ٿوري گهڻي گرمي ملي پئي.“ ۽ هن منهنجي ٻانهن جو سهارو ورتو. پوءِ هن مون کان وقت پڇيو. ”ڏهہ ٿيا آهن.“ مون جواب ڏنو ۽ گڏو گڏ هڪ سوال بہ لڙڪائي ڏنم. ”توهان ڪٿي رهنديون آهيو؟“ ”گاملي گانگيوي ۾.“

”ڇا توهان کي ڇڏي اچان؟“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”نہ ائين مناسب نہ آهي“ هن هبڪندي چيو ”توهان تہ برڊگيڊ ۾ رهندا آهيو نہ.“

”توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو؟“ مون حيرت وچان پڇيو.

”اوه... مان تہ اوهان کان چڱي ريت واقف آهيان.“

اسان هٿ هٿ ۾ ڏنيون روشن گهٽين مان لنگهندا ويا سي. هوءَ مون کان الاهي تڪڙي انداز ۾ پير کڻي رهي هئي. هن جو ڪارو نقاب هوا ۾ اڏري رهيو هو.

”توکي تڪڙو هلڻ گهرجي.“ هن بي تابيءَ مان چيو.

گاملي گانگيوي ۾ پنهنجي گهر جي در وٽ بيهي هوءَ مون طرف مڙي... شايد شڪريو ادا ڪرڻ چاهيائين پئي. مون شائستگيءَ جو اظهار ڪندي هن جي لاءِ دروازو کوليو. هوءَ هوريان هوريان اندر داخل ٿي وئي.... مان بہ لاشعوري طور هن جي پوٺتان اندر هليو ويس. هن منهنجو هٿ زور سان پڪڙيو. اسان ڏاڪڻين تان جلدي جلدي چڙهندي ٽئين منزل تي پهچي وياسي. هن تالو کوليو. ۽ پوءِ هڪ ڪمري جو دروازو کوليو ۽ مون کي هٿ کان وٺي اندر هلي. هيءُ ڪمرو شايد ڊائننگ هال هيو هڪ وڏو گهڙيال ڊيوار تي سجايل هيو ۽ ٽڪ ٽڪ جو پڙاڏو پوري ڪمري ۾ ڦري رهيو هو.

اندر اچي هوءَ هڪ پل خاموش بيٺي رهي. پوءِ اوچتو هن پنهنجيون ٻانهون منهنجي ڳچي ۾ حائل ڪري ڇڏيون ۽ ڌڪندڙ ڪو سا چپ منهنجي چپن تي رکي ڇڏيائين.

هڪ ڀرپور چمي وٺي هن مون کي صوفي تي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ ليمپ ٻارڻ هلي وئي. ليمپ جي روشنيءَ ۾ مون کي ارد گرد ڏسڻ جو موقعو مليو. هي هڪ ڪشادو ۽ سينگاريل ڊرائننگ روم هيو. هن جا ڪيئي دروازا ٻين ڪمرن ۾ کلن پيا. مونکي الجهن ٿي رهي هئي تہ مان آخر ڪهڙي قسم جي عورت ساڻ هليو آيو آهيان.

”ڏاڍو سهڻو ڪمرو آهي. ڇا توهان هتي رهنديون آهيون؟“ مون پڇيو. ”هي منهنجو گهر آهي.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”هي توهان جو گهر آهي تہ توهان پنهنجي ماءُ پيءُ سان هتڙي رهنديون آهيو.“

هوءَ کلي پئي... ”نہ.. مان تہ پوڙهي عورت آهيان، اجهو معلوم ٿي ويندو.“

ايئن چئي هن نقاب وارو پردو مٿي اچلائي ڇڏيو. ”ڏسو مون غلط چيو هو؟“ ۽ هن ٻانهون منهنجي گردن ۾ وجهي مون کي جڪڙي ڇڏيو. هوءَ جذبات جي شديد وهڪري جو شڪار ٿي پئي لڳي، جڻ تہ پاڳل ٿي وئي هجي.

هن جي عمر ويهن ٻاويهن کان مٿي ڪانہ هئي. آڳر ۾ پيل منڊي ظاهر طور هن جي شادي شده هجڻ جي شاهدي ڏئي رهي هئي. هوءَ خوبصورت تہ هرگز نہ هئي. سڄي چهري تي موهيڙا هيس، پرن جا وار ذري گهٽ غائب ٿي رهيا هيس. مگر هن جي روڻ ڌوڻ مان زندگي ڦٽي رهي هئي ۽ نندڙو وات تہ غضب جو هيس.

مون هن کان پڇڻ چاهيو... هوءَ ڪير آهي؟ هن جو مڙس اگر آهي تہ ڪٿي آهي ۽ مان ڪنهن جي گهر ۾ آهيان. پر جڏهن بہ مان ڪجهہ پڇڻ لاءِ چپ کوليا پئي، هوءَ منهنجي منهن تي هٿ رکي پئي ڇڏي. ۽ وڏيڪ ڳالهين کان روڪي پئي ڇڏي.

پر اوچتو ٻاڻ ئي چئي ڏنائين، ”منهنجو نانءُ هيلن آهي.. تون ڪجهہ پيئڻ پسند ڪندين؟ مان گهنٽي وڄائيندس تہ ڪنهن جي بہ ننڊ ۾ خلل نہ پوندو، توهان مطمئن رهو. منهنجو خيال آهي توهان خواب گاهہ ۾ ويهڻ وڌيڪ پسند ڪندؤ، هلو، اتي ٿا هلئون.“ مان خواب گاهہ ۾ هليو ويس.

خواب گاهہ ۾ ڊرائنگ روم مان ڇني ڇني ڪنهن قدر روشني اچي رهي هئي ۽ بہ بسترا وڇايل هئا. اسان شراب گهرائي. هوءَ در وٽ ڪي پل بيٺي رهي. مان هن سان ملڻ لاءِ چند قدم اڳتي وڌيس تہ هن جي منهن مان هلڪي چيٺ نڪتي، ائين جيئن اوچتو ڪيس ڪنهن خوف وڪوڙي وڌو هجي ۽ پوءِ ٻاڻ مون طرف هلي آئي.

هي ڪلهہ رات جي ڳالهہ آهي.. پوءِ ڇا ٿيو؟ ... ٿورو صبر ڪريو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڀڄائڻ لاءِ اجان ڪافي ڪجھ آھي.

جڏھن منھنجي اک کلي تہ ڏينھن الاھي چڙھي آيو ھيو. سج جا ڪرڻا پردن مان ڇڻي ڇڻي اندر اچي رھيا ھئا. ھيلن بہ جاڳي پئي ھئي ۽ مون طرف ھڪ مطمئن مرڪ سان تڪي رھي ھئي. ھن جون ٻانھون کير جيان اڇيون ۽ ريشم جيان ملائم ھنيون. مون ھن جي ڪن ۾ ڪجھ چوڻ چاھيو. پر ھن پنھنجن چپن سان منھنجا چپ سبي ڇڏيا. ڏاڍي ڪو ملتا ۽ نرمي ساڻ ڏينھن جو سفر شروع ٿي چڪو ھو.

تقريباً ٻن ڪلاڪن بعد مان بستر تان اٿي بيٺس. ھيلن بہ اٿي ڪپڙا پائڻ لڳي. ھن جنگھون ھيٺ ڪري چپل پاتو ۽ ڪنھن ڪم سان ٻئي ڪمري طرف ھلي. اوچتو مون ھڪ اھڙي شيءِ ڏٺي جو مون کي ھي سڀ ڪجھ خواب جيان لڳڻ لڳو. ھيلن جيئن ئي دروازو کوليو مون گردن موڙي ھن طرف ڏٺو ۽ منھنجي بدن مان سيسرات نڪري ويو.

ڪمري جي وچ ۾ ھڪ ميز تي ھڪ لاش پيو ھيو، سفيد ڪفن ۾ لپٽيل لاش ڪنھن پوڙھي شخص جو ھو، ھن جي ڏاڙھي اڇي ھئي. ھن جا گوڏا ڪفن اندر نڪتل ھيا ۽ منيون ٻيڪوڙيل ھيون. ھن جي چھري تي وحشناڪ ھيبت وسي رھي ھئي.

مونکي ھي سڀ ڪجھ صاف نظر اچي رھيو ھو. مون منھن ڦيري ڇڏيو. جڏھن ھيلن موٽي تہ مان ڪپڙا پھري چڪو ھوس ۽ ٻاھر نڪرڻ لاءِ بلڪل تيار ھيس. مون تي اھڙي ڪيفيت طاري ھئي جو مان ھن جي پيار جو جواب ڏيڻ کان معذور ھيس. ھن بہ تي ٻيا ڪپڙا بہ پھريا ۽ مون کي ھيٺ تائين ڇڏڻ آئي. مگر دروازي وٽ پھچي ھوءَ ديوار سان لڳي بيٺي. جيئن ٻاھر جي ماڻھن جي متس نظر نہ پوي.

”خدا حافظ.“ ھن ھوريان چيو.

”سڀان تائين.“ مون ائين ھن کي آزمائڻ خاطر چيو.

”نہ نہ، سڀان نہ....“ ھن جواب ڏنو.

”ڇو...؟“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”ايترا سوال نہ پڇ. منهنجي هڪ مائٽ جي وفات ٿي وئي آهي. سڀان ان لاءِ ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻو آهي. انتظام ڪرڻو آهي. سمجهي ويئين نہ...“

”پر ائين...“ مون پڇيو.

”ها، ٻي ڏينهن ... مان هن ئي در وٽ توکي ملنديس... خدا حافظ“

مان گهر موٽي آيس. مگر اڻ ڳڻيا سوال منهنجي ذهن ۾ گردش ڪري رهيا هئا.

هوءَ ڪير آهي؟ ۽ اهو لاش ڪنهن جو هيو؟... منيون پيڪوزيل ۽ چيڻ جون ڪنڊون موتازيل..... پرينئڻ هن ڪي منهنجو انتظار ڪرڻو آهي، ڇا مون ڪي وري هن وٽ وڃڻ کپي؟

مان سڏوڪيفي برنينا هليو ويس ۽ ٽيلي فون ڊائريڪٽري طلب ڪيم، گاملي گانگيوي تي اهو نمبر ڳوليم. اتي هن جو نانءُ لکيل هيو. مان اتي ويٺي ويٺي صبح واريون اخبارون ڏسندو رهيس. سڀ کان پهرين مون مر تين واري فهرست تي نظر ڊوڙائي. سڀ کان مٿي سرخيءَ ۾ هڪ اعلان هيو.

”منهنجو مڙس هڪ وڏو عرصو بيمار رهڻ بعد اڄ وفات ڪري ويو آهي. هن جي عمر ٽيونجاهہ سال هئي.“

..سوڳوار... هيلن...

اعلان تي ٽين ڏينهن واري تاريخ هئي.

مان دير تائين اتي خيالن ۾ وچڙيو رهيس. هڪ مرد شادي ڪري ٿو. هن جي زال هن کان ٽيهہ ورهہ ننڍي آهي. هڪ ڏينهن هو مري وڃي ٿو ۽ هن جي بيوه هن کي منزل تي رسائڻ کان اڳ۾ پنهنجي منزل تي رسي ٿي.

آخرڪار سازيندڙ ڏينهن پڄاڻيءَ تي پهچي ٿو.

اڄ، اسات واري رات ڊلندي ڊلندي، اڄ اجهائي وڃهي ٿي ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿي... هوءَ سک جو ساهہ کڻي ٿي.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پرل ايس بڪ

Pearl S-Buck

هن ڪهاڻيڪارا ۽ ناول نگار ٢٦ جون ١٨٩٢ع تي آمريڪا ۾ جنم ورتو. هن آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ چين هلي هلي آئي. جتي هوءَ ١٩٢١ع کان شانڪنگ يونيورسٽيءَ ۾، ١٩٣٤ع تائين پڙهائيندي رهي. چين ۾ رهڻ ڪري سندس لکڻين ۾ اتي جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي جا چٽا عڪس آهن. سندس ڪيئي لکڻيون چين جي ٻوليءَ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي پس منظر ۾ آهن. هن ڪيئي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا. سندس ڪتابن جو تعداد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

اسيءَ جي ويجهو آهي. سندس خدمتن جي عيوض کيس ١٩٢٦ع ڌاري ڪورينل يونيورسٽيءَ پاران ”لارا مينجر پرائز“، ١٩٣١ع ۾ پلٽزر پرائز (Pluterz prize) ۽ آمريڪن ايڪيڊمي آف آرٽس اينڊ ليٽرز پاران ١٩٣٥ع ۾ ”هاولز ميڊل“ جهڙا اعزاز ڏنا ويا. کيس "The Good earth" تي تمام گهڻي شهرت ملي. هن کي ١٩٣٨ع ۾ ادب جي ”نوبل برائز“ سان نوازيو ويو.

پرل ايس بڪ ٦ مارچ ١٩٧٣ع تي وفات ڪري وئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سادگي

پرل ايس بڪ (امريڪا)

وانگ اُن ڳوٺ جو سيني ڪان جهونو ماڻهو هو. سندس اها عادت هئي ته سدائين پنهنجي غريبي، اڻ ڄاڻائي ۽ ڏکيءَ زندگي جا پيو پار پٽيندو هو. ان جي ابتڙ حقيقت هي هئي ته نه ئي هو ايترو غريب هو ۽ نه ئي اڻ ڄاڻ هو ۽ نه ئي سندس زندگي ۾ ڪا تڪليف هئي. ڪيس به ڄاڻ هئي ته هو پاڻ کي جيئن ظاهر ڪري ٿو ائين هو ناهي.

پنهنجي سمورين ڏکاين جو ذميوار هو پنهنجي آفيسرن کي سمجهندو هو. سوچيندو هو ته جيڪڏهن ڪنهن اوچتي آفت ۾ سيئي آفيسر برباد ٿي وڃن ته هن جون هڙيئي ڏکايون ڏور ٿي وڃن ۽ جيون جنت ٿي پئي. پر اها آفت ڪنهن ريت به نه ٿي آئي.

هيئن هيو جو وانگ چڱو ڀلو زميندار هو. ڪيس پنج ايڪڙ سٺي اپت ڏيندڙ زرعي زمين هئي. چڱو گهر هيس. ڪوهه هيس. ڪجين جا ڪوڙ سارا وڻ هئس. هڪ صوف جو وڻ ۽ هڪ انگورن جي ول به هئس. مطلب ته بنيادي گهرجن جو اهي سموريون شيون هيس، جيڪي سندس ننڍڙي خاندان کي گهربل هيون. رڳو ڪيس چانهه ۽ ڪپڙائي ملهه وٺڻا پوندا هيا. يا وري ڪڏهن ڪڏهن مڇي ۽ گوشت، اجان گوشت به گهٽ وٺندو هو. ڇو ته گهر ۾ ننڍيون وڏيون جام بدڪون هيس. جن جا آنا به هوندا هئا. اتو به سندس زال ۽ ننهن پيهنديون هيون.

هن کي رڳو آفيسرن جي ئي پريشاني هئي ۽ پيو ته هن جا به جوان پٽ به هئا. وڏي پٽ جي شادي به ٿيل هئي. جيڪا ويجهي ئي ڳوٺ مان پنهنجي پراڻي دوست جي ڌيءَ سان ڪرائي هئائينس. جڏهن وانگ ۽ ان جو دوست نئين جواني ۾ هئا ته سندن شادي هڪ ئي مهيني ۾ ٿي هئي. ان وقت ٻنهي پڪو پهه ڪيو هو ته جيڪڏهن هڪ جي گهر ڌيءَ ٻي جي گهر پٽ

چائو تہ ہنهيءَ جي شادي ڪرائبي. وانگ کي پٽ چائو ۽ سندس دوست جي گهر ڏيءَ. اهڙي ريت ٻنهي واعدي موجب انهن جي شادي ڪرائي ڇڏي هئي. وانگ پنهنجي ڳالهہ تي اهڙو پڪو هو جو جيڪڏهن ڪيس ڏيءُ ڄمي ها ۽ دوست کي پٽ تہ هو بہ خوشيءَ سان ٻنهي جي شادي ڪرائي ڇڏي ها.... سندس ننهن سٺي سڀاءُ واري هئي. ۽ ان کي ٻہ جاڙا ٻار بہ هئا.

وانگ پنهنجي ننڍي پٽ جو مڱڻو پڻ ويجهي ڳوٺ جي هڪ ڇوڪريءَ سان ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ مهيني ڪانپوءِ شادي بہ ٿيڻي هئي.

.... هن جو ننڍو پٽ ڪجهہ ڪمزور هو، ڇاڪاڻ جو ننڍي هوندي ان کي وڏي ماتا نڪتي هئي.... جنهن ڪري سندس قد بہ وڌو نہ ٿي سگهيو. ننڍي قد هجڻ سان گڏ هو ڪمزور بہ هو.

انهيءَ ڪري وانگ هن جو مڱڻو ريشمي ڪپڙو ٺاهڻ واري ڇوڪريءَ سان ڪرايو. جيئن هن جي گهر ۾ بہ ريشمي ڪپڙو ٺهي ۽ پنهنجي پٽ کي هارپ تان هٽائي، ريشمي ڪپڙي ٺاهڻ جي ڪم ۾ شامل ڪري.

وانگ پنهنجي ٽيندڙ ننڍي ننهن کي ڏٺو تہ ڪون هو پر ماڻهو ان جي ڏاڍي واکاڻ ڪندا هئا. هن اهو بہ ٻڌو تہ: ”هن جا هٿ ٺي نهيا ان ڪري آهن. جيئن هوءِ ريشمي ڪپڙا ٺي سهگي. هوءَ ريشم جي جيتن جي پالنا ڪندي آهي تہ جيت منارا ٺي ويندا آهن، جڏهن ريشم جا تهہ تيار ٿي ويندا آهن تہ هوءِ ريشم جي پريءَ وانگر انهن کي ڪيندي آهي.“

هو واکاڻ ٻڌي خوش ٿيندو هو. جڏهن مڱڻو پڪو ٿي ويو تڏهن کيس خيال آيو تہ ڇوڪريءَ جي شبيهہ بہ ڇاڻڻ کپي ها. پر هاڻي تہ وقت گذري چڪو هو. ان ٻيو ڪان تہ متان ننڍي ننهن ڪوجهي نہ هجي، هن پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪرڻ شروع ڪئي. ”پٽ - سهڻي زال وڏو جنهجهٽ هوندي آهي. نہ ڪاڏو تيار ڪري سگهندي آهي ۽ نہ ئي ڪپڙو ٺي سگهي ٿي. اها سست هوندي آهي ۽ مرد کي پڻ سست ڪري ڇڏيندي آهي. ڪم جي وقت بہ مرد کي بستري جو خيال هوندو آهي. اصل ۾ خوبصورت زال خدا جو ڏمر هوندي آهي.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پر جڏهن هن ماڻهن کان پڇو تہ سندس ننڍي ننهن سٺهي بہ اهي تڏهن هن پنهنجي پٽ کي ڪجهہ نہ چيو.

نيٺ شادي ٿي وئي... ۽ شادي واري رات وانگ جي وڏي ننهن پٽ ڄڻيو. اها ڏاڍي بخت جي نشاني هئي.

وانگ کي ٿورن ئي مهينن ۾ سڌ پئجي وئي تہ ماڻهن سندس ننهن جي جيتري بہ واکاڻ ڪئي ٿي سا صحيح هئي. هن ڏاڍي اوچي قسم جو ريشم تيار ڪيو. وانگ ريشم ڏسي زمين جي وڏي ٽڪري ۾ شهتوت جا وڻ پوکرايا. ڇو تہ ريشم مان چڱي خاصي اپت ٿيڻ جا امڪان هئا.

وانگ جو ڪاروبار ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو... پي ڪا پريشاني نہ هيس. رڳو پريشاني هيس تہ آفيسرن جي. وانگ اهڙن ماڻهن مان هو جيڪي موت کان بہ ناهن ڊڄندا. هو فصل جي خرابيءَ لاءِ بہ پريشان نہ ٿيندو هو. جڏهن وانگ جا پيءُ ماءُ گذاري ويا ۽ هو گهر جو وڏو ٿيو تہ هن پنهنجي ماءُ پيءُ جو سوڳ بہ ڪيو ۽ انهن جي قبرن تي خوشبوءِ ٻاريائين. هو ڄاڻيندو هو تہ زندگيءَ کان پوءِ موت جو اچڻ اڻ ٽر آهي. جڏهن ڄمار وڏي وڃي تہ ابدي ننڊ سمهڻ ئي بهتر آهي. ان ڪري جڏهن هن جي ننڍي ننهن کي مٿل ٻار ڄائو تہ کيس ڪا بہ پريشاني نہ ٿي. هن چيو. "اهي ننڍڙو روح غلطيءَ سان هن گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ جڏهن کيس غلطيءَ جو احساس ٿيو تہ ڏاڍي اخلاق سان واپس هليو ويو." سندس ننهن ۽ پٽ کي ٻار جي مرڻ جو ڏک ٿيو. پر اهي وانگ جي سامهون اظهار نہ ڪري سگهيا.

سال کان پوءِ هن کي ڌيءُ ڄائي! جيڪا ڏاڍي خوبصورت هئي. ننڍي پٽ کي ڌيءَ پيدا ٿيڻ تي ڪا بہ سرهائي نہ ٿي. هو پٽ جو گهر ڄائو هو. وانگ پٽ جي اها ڳالهہ سمجهي ورتي ۽ چوڻ لڳو. "واهہ واهہ!" هن کلي ڏنو. "گهر ۾ آخر عورتن جي بہ تہ گهرج هوندي آهي ۽ ممڪن آهي ايندڙ ڀيري پٽ پيدا ٿئي."

وانگ جي ڳالهہ سچ نڪتي سال کانپوءِ ننڍيءَ ننهن پٽ ڄڻيو. وانگ ڄاتي پيو تہ قدرت هن تي مهربان آهي ۽ هو خدا جا ٿورا مڃيندو هو. پر هن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪي آفيسرن جي ڳڻتي هئي.

وانگ جي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو ڏڪر به ٿيو هو. جيتوڻيڪ ڏڪر ڏاڍو خطرناڪ ٿيو هو. پر هن اهو به ڪلندي سهيو هيو. ڏڪر شروع ٿيڻ کان اڳ ئي هو سمجهي ويو هو ته هن سال مينهن ڪونه وسندو ۽ ڏڪر ٿيندو ۽ ٿيو به ائين ئي. ... پر هن اڳواٽ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو. ڏڪر دوران هن جي ننڍڙي خاندان هڪ ويلوبه بک تي ڪونه گذاريو. رڳو ڪين ايترو ڪرڻو پيو جو کاڌي کائڻ جو مقدار گهٽايو ويو ۽ سمهڻ جو وقت وڌايو ويو.... ڏڪر ختم ٿيو ته وانگ ڌرتيءَ جا ٿورا مڃيا. پنهنجي پٽن کي چيائين، "اسان ان ڪري به ڌرتيءَ سان شڪوه به نه ٿا ڪري سگهون ڇو ته ڏڪر تمام گهڻن سالن کانپوءِ ٿيو آهي. اها ڳالهه ئي ناهي...."

بهر حال انهن سڀني ڏکاين مان پڌرو ٿئي ٿو ته هن جي زندگيءَ ۾ ڪو فڪر ۽ پريشاني نه هئي.

رڳو هڪ ئي فڪر هيس! هڪ ئي پريشاني هيس. آفيسر ڪنهن به ريت نه ٿي ويا.

آخر ڇو؟ هو آفيسرن کان ايڏو تنگ ڇو هو؟

هن جي علائقي جو وڏي ۾ وڏو زميندار اي چنگ هو.

وانگ کي چڱي ريت خبر هئي ته اي چنگ زميندار ڪيئن ٿيو؟ بحرحال هو هن علائقي جو عزت وارو زميندار هو. وڏي جاگير هيس ۽ سدائين وڌيڪ زمين خريد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندو هو. ڏڪر وارن سالن ۾ هن جا ماڻهو بکايلن جون زمينون کاڌي جي عيوض حاصل ڪندا هئا. وانگ ان ڳالهه کان ڏاڍو ڏڪل هوندو هو. رڳو ان ڪري جو اي چنگ اثر وارو ۽ دولت وارو ماڻهو هو ۽ ٻيو ته هو راهڪن جيان ڳوٺ ۾ ته رهندو ئي نه هو. هو وڏن وڏن شهرن ۾ سک سان ڏينهن گذاريندو هو ۽ زمين جي اپت حاصل ڪندو هو.

اي چنگ جي هڪ ماڻهوءَ جو وانگ سان وير هو. ڇو ته وانگ زمين جو هڪ انچ به وڪڻڻ لاءِ تيار نه هو ۽ اي چنگ جو ماڻهو وانگ جي زمين

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

خريد ڪرڻ لاءِ ان ڪري ضد ڪري رهيو هو جيئن زمينون سڌيون ٿي وڃن. پر وانگ جون زمينون وچ ۾ هيون ۽ وانگ کي سدائين اي چنگ جي مقابلي ۾ اڇٽو پوندو هو. چو تہ اي چنگ جو ماٿهو سدائين گاهہ جي قيمت ڪيري ڇڏيندو هو. جيئن وانگ کي نقصان ٿئي. ان ڪري ئي وانگ پريشان هو.

علائقي جو مئجسٽريٽ بہ وانگ لاءِ متي جو سور بڻيل هو. وانگ ان کي ڪڏهن ڏٺو تہ نہ هو پر ان جي ڪري بہ پريشان رهندو هو.

شهنشاهي دور ۾ تہ ائين هوندو هو جو ڪنهن علائقي جا ماٿهو جيڪڏهن مئجسٽريٽ مان مطمئن نہ هجن تہ شهنشاهہ کي درخواست ڏبي هئي ۽ گهڻو ڪري ائين ٿيندو هو. مئجسٽريٽ جي بدلي ٿي ويندي هئي. پر هاڻي تہ وقت ئي بدلجي ويو هو. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن جي حاڪم جي خلاف مظاهرو ٿيندو هوتہ مئجسٽريٽ اجان وڌيڪ سختي ڪندو هو ۽ چگو خاصو وير وٺندو هو.

وانگ لڳاتار ڏسندو رهيو تہ ماٿهن کي اجايو ۽ هرو پرو سزائون ملي رهيون آهن. هو چپ رهندو هو. لڳاتار سموري ڍل ڏيندو رهيو. ها ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي ڪتنب کي ضرور چوندو هو، ”ائين پيو پاسي تہ حڪومت سان گڏ خدا بہ بدلجي ويو آهي. هاڻي تہ خدا جي قاعدن موجب بہ ڪو ڪم ئي نٿو ڪيو وڃي ۽ ڪنهن جون دعائون بہ قبول نٿيون ٿين. هاڻي تہ شهنشاهہ بہ ناهي رهيو. فرياد ڪير ٻڌي؟ پهرين زماني ۾ تہ رڳو هڪ مئجسٽريٽ جو پيٽ ڀرڻو پوندو هو. پر هاڻي جمهوريت جي دؤر ۾ اڻ ڳڻيا آفيسر ۽ حڪمران آهن ۽ جنهن کي ڏسو سو بڪيو آهي. پيو پيسا گهرندو ۽ اهو چوڻ تي ان همراهہ کي جيل ۾ رهڻو پيو. جيڪو تي سال جيل ۾ بنا مقدمي جي مري ويو!“

انڪانسواءِ هڪ پيو بہ حاڪم هو. هي حڪومت کان باغي هو. جنهن بغاوت ڪئي هئي. هو ڌاڙا هڻندو هو. ڳوٺن تي ڇاپا هڻندو هو. ماٿهن کي لٽيندو هو. ماٿهو ماريندو، جيڏانهن بہ ويندو، قيامت هن سان ساڻ هوندي هئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڏاڙيل جي ڊپ کان وانگ هڪ بندوق پڻ خريد ڪئي هئي. پر هو اها هلائي نہ سگهندو هو. گهر جي چوگرد مضبوط ديوار ڪيرايائين، هڪ لوهو دروازو هڻايائين. هي جنگجو سردار ڏاڍو بي چين طبيعت وارو شيطان قسم جو ماڻهو هو. جنهن کي جنگ ۾ قتل سان محبت، امن ۽ سک سان نفرت هئي. هن جو خيال هو تہ هو عوام کي حڪومت جي ظلم کان بچائي انهن جو بادشاهہ بڻجي ويندو. پر حقيقت ۾ هو عوام کي ڏاڍو ڇيهو پهچائي رهيو هو. گهڻا ماڻهو لالچ ۽ ڪجهہ ماڻهو ڀؤ کان هن سان ملي ويا هئا.

اهي هئا وانگ ۽ ان جهڙن ڪيترن ئي ابوجهہ ماڻهن جا حاڪم. هو دل ئي دل ۾ سوچيندا هئا تہ ڪنهن نموني انهن حاڪمن کان آجپو ملي. نہ گورنر کي پنهنجن فرضن جو احساس هو، ۽ نہ ئي جاگيردار کي پنهنجي زمين سان محبت هئي. هنن کي جهيڙي سان ايڏي دلچسپي هئي جو امن ٽيڻ ئي نہ ڏيندا هئا. هر غريب ۽ مظلوم جي من ۾ رکو اهوئي احساس هو تہ انهن آفيسرن جو ڪيئن خاتمو ٿئي؟ جيئن ماڻهو امن ۽ سک سان جيون گهاري سگهن.

"هنن وڏن ماڻهن ڪانسواءِ مونکي ڀيو ڪوبہ ڏک ناهي". وانگ پٽن کي چوندو هو، "توڙي جو نہ ئي اهي مون کي سجاڻن ٿا ۽ نہ ئي مان انهن کي. مان انهن جو وڃايو بہ ڪجهہ ناهي. تڏهن بہ منهنجي محنت جو ثمر کٽي ٿا وڃن ۽ مون کي تباهہ ڪرڻ لاءِ تيار وينا آهن."

هر ڪنهن ماڻهو وٽ ساڳيائي خيال هئا، پر ڪنهن جي همٿ ڪنهن ۾ بہ نہ هئي.

وانگ ڇا ڇا نہ سنو؟ هو حد کان وڌيڪ ڀل ڏيندو هو ۽ انڪانسواءِ اي چنگ سان هڪ ڏکيو مقدمو بہ وڙهنو پيس. ڇو تہ اي چنگ هن جي ڏهہ فوٽ زمين کي پنهنجو حق سمجهي رهيو هو. باغي سردار کي پيسا نہ ڏنائين تہ ڪيس پنهنجو فصل سڙندو ڏسڻو پيو. انهن حاڪمن جي ڪري هن جي زندگي دوزخ بڻيل هئي. جن کي هن نہ ڏنو هوءِ نہ ئي هنن جي ڪا رقم هن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڏانهن بقايا هئي. "جيستائين انهن ماڻهن جي تلوار منهنجي مٿي تي لڙڪي رهي آهي. مان پنهنجي ڪنهن به نعمت مان لطف حاصل نٿو ڪري سگهان."
هو چوندو هو.

هو پنهنجي ڪتب ڏانهن ڏسي ڏڪارو ٿي ويندو هو ۽ سوچيندو هو ته هو بلڪل مجبور آهي. ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. ڇو ته هن جي سموري محنت جو ثمر هنن ڏاڙيلن کي ملي رهيو هو. جن جي هٿن ۾ هو بي وس ۽ مجبور آهي.

پر گهڻي عرصي کان پوءِ آخرڪار هن انهن فڪرن کان آجپي جو طريقو ڳولي لڌو. ماڻهن سمجهيو ته وانگ چريو ٿي ويو آهي. هن جا پاڙ ۽ پاڙيسري غمگين ٿي ويا.... هن جي زال منٿون ڪيون. سيڪو چاڻي پيو ته پريشانين ۽ فڪر هن کي چريو ڪري ڇڏيو آهي.

وانگ ڪنهن جي به پرواهه نه ڪئي. هن جيڪو ڪجهه به سوچيو هو. ان تي عمل ڪرڻ لاءِ پڪو پهه ڪري ڇڏيو هئو.

هن پنهنجا سڀ وڻ ڪٽي، پنهنجي گهر کي باهه ڏنائين. جنهن سان سمورو سامان سڙي ويو. هن بينل پوک کي باهه ڏني. واهه ڪٽي سموري زمين ۾ پاڻي پري ڇڏيائين. اهڙي ريت هن وٽ جيڪو ڪجهه هو سڀ تباهه ٿي ويو.

"هاڻي اسين آزاد آهيون، هر فڪر ۽ پريشانيءَ کان آزاد آهيون. اسين فقير ٿي سهي پر بي فڪر ته آهيون."

ڇاوانگ ديوانو هو؟

وانگ نه ديوانو هو نه چريو هو. هو پنهنجي سوچن جو شڪار هو ۽ ڪير آهي جو انهن فڪرن جو شڪار نه هجي!!

سنڌيڪار: ممتاز بخاري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com



وليم فاڪنر

William Faukner

هو ١٨٩٧ع ڏاري نيوالباني (New Albani) Mississippi ۾ پيدا ٿيو، پر ١٩٠٢ع ۾ خاندان سميت آڪسفورڊ هليو آيو. هن هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي پر پنهنجي الڳ مزاج جي ڪري گريجوئيشن ڪرڻ کانسواءِ ئي اسڪول ڇڏي ڏنائين. هن ڪيترائي پورهئي وارا ڪم ڪيا ۽ جڏهن New Orleans شهر ۾ سندس ملاقات مشهور ليکڪ شروڊ اينڊرسن (Sherwood Anderson) سان ٿي تہ هن بہ لکڻ شروع ڪيو. شروعات

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

شاعريءَ سان ڪيائين. هن جو پهريون شاعريءَ جو مجموعو "The Marble Fann" ١٩٢٦ع ۾ ڇپيو. هن ناول به لکيا ۽ ڪهاڻيون به سندس پهريون ناول Soldier's pay ١٩٢٥ع ۾ ڇپيو. هن جون ڪهاڻيون ۽ ناول الڳ مزاج ۽ اسٽائيل جي ڪري مقبول ٿيڻ لڳا. تانجو هو دنيا ۾ پاڻ مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. کيس ١٩٤٩ع ۾ ادب جو "نوبل پرائز" مليو. سندس ڪهاڻيون ٻن وڏن جلدن ۾ سهيڙي ١٩٥٠ع ۽ ١٩٧٩ع ۾ ڇپرايون ويون آهن.

وليم فاڪنر ١٩٦٢ع ۾ هن دنيا مان لاڏائو ڪيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۰۰۰۰۰ ۽ سورج ٻڏي ويو

وليم فاڪنر

هي ٽي لفظ پهريون دفعو هڪ خاڪي طور نيو اورلينڊ جي اخبار ٽامز - پڪايون جي ۲۴ مئي ۱۹۲۵ واري شماري ۾ ظاهر ٿيا.

" ڪارو شينهن مارجي ويو."

اهو حبشي جنهن ٻن ڏينهن کان ان علائقي ۾ خوف ۽ حراس ڦهلائي رکيو هيو ۽ ٽن ماڻهن يعني هڪ ڪاري ۽ ٻن گورن کي قتل ڪري چڪو هو، گذريل رات اسٽيٽ نيشنل گارڊ جي رجمنٽ جي هڪ دستي هٿان مشين گن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو. دستي جي جوانن پنهنجي مشين گن وٽن جي جهڳٽي سامهون نصب ڪري ڇڏي هئي ۽ جڏهن هن جي فائر جو آواز اچڻ بند ٿي ويو ته ڪيپٽن والس جهڳٽي اندر داخل ٿيو ۽ حبشي اتي مئو پيو هو. حبشيءَ جي ديوانه وار فرار جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو باقي خيال اهو ڪيو ويندو آهي ته هو پاڳل هيو ۽ هن کي لاوارث قرار ڏنو ويو.

هن رستي جو ڪجهه حصو سامان سان ڀريل ڍڳن جي هينيان مٿان ۽ اندران طي ڪيو مگر وڏيڪ رستو هن کي پيادل هلي ئي طئي ڪرڻو پيو. شاهراه ڪارلٽن کان ڪينال اسٽريٽ تائين پهچڻ ۾ هن کي ٻه ڏينهن لڳا، ڇو جو هو ٽرئفڪ کان تمام گهڻو ڊڄندو هو. آخرڪار هو ڪينال اسٽريٽ ۾ پنهنجي بندوق ۽ ڳنڙي ڪنيون گهبرايل گهبرايل ۽خوفزده ٿيو بيٺو هو. ڏڪا ڪائڻ ڪري ۽ پنهنجي نسل وارن ماڻهن جي تذليل ۽ پوليس وارن جي دڙڪن داٻن ڪري هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيوته هو ڇا ڪري، سواءِ هن جي ته هن کي هيءَ اسٽريٽ هر صورت ۾ ڪراس ڪرڻي آهي.

آخر هن ..... اکيون بند ڪيون ۽ واءُ ميڻهن وانگي بلاڪ جي وچان کان هلڻ لڳو، هن جي اردگرد ڪارون هيون. هڪ ٽيڪسي ڊرائيور رڙيون ڪري هن کي لک لعنت ڪئي، مگر پنهنجي بندوق ۽ ڳنڙي پڪڙيون هو آخر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هن پار پهچي ويو. هن جي پڇڻ تي هڪ نرم دل گوري شخص هن کي درياءَ جي رستي تي لائي ڇڏيو.

هتي هڪ ٻيڙي هُئي، ڪناري سان ٻڌل، چڻ تہ هن جي منتظر. ان تائين پڄندي پڄندي هن جي بندوق ڇهہ فٽ گهري پاڻيءَ ۾ ڪرندي بچي. پر اتي هڪ گوري ماڻهو هن کي گاريون ڏيندي ٻيڙيءَ کان پري هٽايو. ”مگر ڪئپٽن صاحب!“ هن هلڪو هلڪو احتجاج ڪيو. ”مان تہ آفريقہ وڃڻ ٿو چاهيان. مون وٽ ڀاڙو بہ آهي.“ ”آفريقہ.“ گوري حيرت مان پڇيو. ”تون جهنم ۾ وڃ، پر هن ٻيڙيءَ کان پري رهہ. آئنده ڪڏهن جيڪڏهن هيڏي اچڻ جي ڪوشش ڪيئي تہ مان توکي گولي هڻي ڇڏيندس. جيڪڏهن تون سوار ٿيڻ چاهين ٿوتہ هوڏانهن پر تئون وڃ ۽ ٽڪيٽ وٺي آ.“

”ها - ها - واقعي غلطي ٿي وئي ڪئپٽن صاحب!“

”چا!؟“ ٽڪٽ ڪلرڪ حيرانيءَ مان پڇيو.

”مون کي آفريقہ جو ٽڪيٽ ڏئي ڇڏيو. وڏي مهرباني ٿيندي.“

”تنهنجو مطلب آهي الجزائر؟“

”نا - آفريقہ.“

”توکي هن گهٽ جي ٻيڙي جي ٽڪيٽ گهرجي نہ.“

”ها منهنجو خيال آهي تہ جيئن مان پرين ٻينل ٻيڙيءَ تي سوار ٿي سگهان.“

”هل ڙي - هل - تون. اڙي هل.“ هن جي پويان قطار مان هڪ آواز آيو. سو هن ٽڪيٽ ورتي ۽ دروازي تي آيو. ڏکن سان هڪ دفعو ٻيهر ٻيڙيءَ تي پڄي ويو.

هن کي هڪ ڏنڌلو تصور هيو تہ آفريقہ ڪٿي درياه جي وهڻ واري رخ تي آهي. مگر جڏهن ٻيڙي ويڪرائيءَ جي رخ تي هلڻ لڳي تہ هو حيران رهجي ويو ۽ هن کي هڪ رڍ وانگر هڪلي ڪناري تي ڪڙو ڪيو ويو. بندوق سان چهتيل هن پنهنجي اردگرد نهايت بي وسيءَ وچان ڏٺو. آخرڪار ڊچندي ڊچندي هو هڪ پوليس جي سپاهيءَ وٽ ويو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

" ڪئپٽن سائين! ڇاهي آفريقہ آهي."

" هون ...!" آفيسر ڇرڪندي چيو.

"مان آفريقہ پهچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. سائين، ڇا هي رستو صحيح آهي؟"

" آفريقہ ... ڪٿ ۾ ... " هن بہ انهي اسٽيمر بوٽ واري ماڻهوءَ وانگر جواب ڏنو. " هي ٻڌاءِ تہ ... تنهنجي نيت ڇا آهي؟"

" مان واپس وڃڻ ٿو چاهيان.... واعظ ٻڌائيندو آهي تہ اسان اتان کان آيا آهيون." "حبشي! تون رهندو ڪٿي آهين؟"

" پوئتان ڏور پري هڪ ڳوٺ ۾."

" ڪهڙي ڳوٺ ۾؟"

"سائين! ڪوئي ڳوٺ ناهي. اتي مسٽر بوب، هن جي گهروارن ۽ هن جي ڪارن ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ناهي رهندو."

" مسيپي يا لوسيانا .. ؟"

" ها - ها - منهنجو خيال آ، ڪجهہ ائين ئي آهي."

" ٻڌ! مان توکي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو. تون پهرين گاڏي وٺ ۽ واپس هليو وڃ. اهي جڳهہ تنهنجي رهڻ جي ناهي."

" مگر ڪئپٽن! مان آفريقہ وڃڻ چاهيان ٿو..."

" تون آفريقہ ڪي وساري ڇڏ ۽ ٽرين جي جيتري بہ ڊگهي ٽڪيٽ وٺي سگهين، وٺ. ٻڌين ٿو نہ!؟"

" ليڪن ڪئپٽن!"

" هاڻي بس ڪر - ڇا تون چاهين ٿو تہ مان توکي هتي ئي هٿڪڙيون هڻي ويهاري ڇڏيان؟"

ڪينال اسٽريٽ ٻاهران بينل هو حيرانيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هو. ڪوئي آفريقہ ڪيئن ٿو پهچي، هو ڏڪا ڪائيندو ڪڏهن هيڏي نڪري وڃي پيو ڪڏهن هوڏي. هن پنهنجو پاڻ ڪي قسمت حوالي ڪري ڇڏيو جيڪا هن ڪي دريا ، ڪناري ساڻ ساڻ ڪنيو وٺي وئي هئي. هڪ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ٻي ٻيڙي گهٽ سان ٻڌل ٻيني هئي ۽ ڪيئي حبشي ڪاٺ جي تختي تان هلي مٿي فرش تي سامان ڍير ڪري رهيا هئا. اتي هڪ بغير ڪوٽ جي گورو ماڻهو نمايان هيو. ڪڙڪڙ ڪندڙ ڇڪڙن ڪي ڌڪندي حبشي ڳائيندا ٿري رهيا هئا. هو اجان ٻه ڌڪا کائي رهيو هو. هڪ ڇڪڙي جي رستي تان ٽپ ڏئي هتي پٽي ويو ته ٻئي جي آڌو اچي پئي ويو. ”او ڪارا ماڻهو ڌيان سان هل.“ اوچتو آقا ٿري هن ڏانهن آيو. ”لعنتر! هي تون ڇا تون ڪرين؟ ڪوئي ڪم ڪر نه ته گم ٿي. مون کي هتي تماشا ڏسندڙن جي ڪابه ضرورت نه آهي. ٻڌين ٿو؟“

”ها - ڪئپٽن!“ هن هوريان ۽ سڪون سان جواب ڏنو ۽ ٻوء جلدئي هو ٻه ٻوريون ڍوئي رهيو هو. ڪم ڪرڻ سان هن جي رت ۾ گرمي اچي وئي، هن کي پگهر اچي ويا، ۽ هن ڳائڻ شروع ڪيو. هيءَ اها جڳهه هئي جتي ڪيس گهر جو ماحول مليو. مگر هن کي ياد نه آيو ته ڪيڏي عرصي کانپوء ٻهريون ٻيرو، ”آفريقه! تون ڪٿي آهين؟“ هن جي چپن منجهان ڪان نڪري ويو.

ڪم جو وقت ختم ٿي ويو. اولهه طرف سرخ سج ڇڻ ته لڙڪي رهيو هو ۽ سڪتي ۾ ورتل ٻاڇا ليٽيا ليٽيا انڌيري جو انتظار ڪري رهيا هئا.ڇڪر ڪائيندڙ سنهرا ذرا سج جي آخري روشنيءَ ۾ نرم نرم ٻيرڙن سان حرڪت ڪري رهيا هيا. ڪم ڪندڙ هاٿي ڪوٽ ۽ منجهند جي مانيءَ جا ٽفن باڪس ميڙي رهيا هئا ۽ بازار جي چمڪندڙ روشنين ۾ رات جي ڪاڌي ڏانهن روانه ٿي رهيا هئا. هو پنهنجي بندوق ۽ ڳنڙي کڻي ۽ ٻيڙي تي چڙهي ويو.

نرم ۽ وزني ٻورين جي وچ ۾ هو ماني کائڻ کانپوءِ ليٽي پيو. جا هن خريد ڪئي هئي. انڌيرو مڪمل طور چڙهي آيو هو. جهاز سان ٽڪرائيندڙ، پاڻيءَ جي آواز ۽ ٻورين ۾ بند ڪٽڪ جي خوشبوءِ هن کي جلدئي ننڊ جي وادين ۾ اماڻي ڇڏيو.

حرڪت مان هن جي اک کلي پئي. هوريان هوريان هچڪولا لڳي رهيا هئا ۽ انجڻ جي هلڻ جو آواز باقائده اچي رهيو هو. هن جي ارد گرد روشني

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هئي ۽ هو سڪون جي اهڙي سستيءَ ۾ ورتل هيو جو ڪجهه سوچي به نه پيو سگهي. پوءِ ڪيس احساس ٿيو ته هو بکيو آهي ۽ حيران ٿيندي ته هو ڪٿي آهي، اٿي وينو.

جيئن ئي هو عرشي تي آيو هڪ گورو چريو ماڻهو سندس آڏو اچي ويو. ”مان آفريقه وڃڻ چاهيان ٿو. ڪيئن!“ هن احتجاج ڪندي چيو، ”مان جڏهن ڪالهه انهن ڪارن سان مال ڍوئڻ ۾ مدد ڪري رهيو هوس ته سمجهيم پئي اسان سيئي هن ٻيڙي تي ڪنا ايندا‌سي.“ گوري ماڻهوءَ هن کي حقارت ۽ بي عزتي وارن نظرن سان ڏٺو. ”او آسمانن جا خدا! توهان ڪارا مون کي چريو ڪري ڇڏيندؤ. ڇا توکي ناهي خبر ته هيءَ ٻيڙي ڪٿي پئي وڃي؟ هيءَ نات شيز وڃي ٿي.“

”هيءَ مون لاءِ خوشيءَ جي ڳاالهه آهي. تڏهن ته هيءَ آفريقه وچان گذرندي جڏهن اسان اتي پهچون ته توهان مون کي ٿورو ہٽائي ڇڏجو ۽ جيڪڏهن اتي نه بيهندي هجي ته به مان پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏيندس ۽ تري ڪناري تي پهچي ويندس.“

هو ماڻهو اڻڄاڻ ڪيفيت مان بس ڪيس ڏسندو رهيو.

”۽ ڀاڙي جي ڳڻتي به نه ڪجانءِ. ها.“ .... ”تون وٽ گهڻي رقم آهي؟“

”ڪيٽن ڪافي آهي.“ هن جيبن ۾ هٿ وجهندي وڏي شان وچان چيو ۽ هن جي ٿهليل هٿن تي چانديءَ جا چار ڊالر ۽ ڪجهه سڪا هيا. گوري چار ڊالر کنيا. ”ٺيڪ آهي - مان رقم بدلي توکي آفريقه پهچائيندس. جيستائين اسان اتي نه ٿا پڄون تون هتي - مٿي وڃي ڪري ٻين ڪارن سان سامان کڻائڻ ۾ مدد ڪندين.“

”ٺيڪ سائين!“ هن نهايت شوق ۽ ڦڙتيءَ وچان چيو، پرپوري بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو، ”ڏسو مون کي ٺيڪ جڳهه تي ضرور ہٽائجو. ڪيٽن! مون کي ہٽائيندؤ ني.“

”ها - بلڪل - هاڻي هل ۽ ٻين ڇوڪرن سان هٿ ونڊاءِ - هل.“ هو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ٻين ڇوڪرن سان ڪم ڪرڻ لڳو. حالانڪ ٻيڙي سنئي ۽ روشن ڏينهن ۾ ..... درياءَ جي هڪ مقام کان ٻي مقام طرف رواني هئي. هڪ دفعو ٻيهر سرخ سرخ سج اولهه ۾ لڙڪي پيو. ڪنارن کان گهنٽيون وڄڻ جو آواز اچي رهيو هو ۽ ٻيڙي ڪناري طرف مڙي پئي ۽ پوءِ الاهي گهنٽن جو آواز اچڻ لڳو. ٻيڙيءَ جي رفتار بلڪل گهٽجي ويئي ۽ پوءِ ڊرمن جي هڪ قطار هيٺيان ڪچ ۽ گپ ۾ نڪ رڳڙيندي بيهي رهي. گورو ڪئپٽن اهوئي پاڳل هن جي سر مٿان کان ٽهيل ڏکي تان جهڪي جهڪي رڙيون ڪري رهيو هو، "جيڪ! ڇوڪرن سان هي ڊرم ڊوئرا ۽ آفريقه انهن ٻري وارن ڪيتن کان تقريباً هڪ ميل اڳي آهي."

هو ٻيڙيءَ کي ڪناري کان پوئتي هٽندي ڏسڻ لاءِ بيٺو هيو. ڊگهين چمنين مان دونهون ابتي رخ گهلجندو وڃي رهيو هو. تنهن بعد هن بندوق ڪلهي تي رکي ۽ طويل سفر لاءِ هلي پيو. اجان هو ٿورو ئي پري هليوهو جو هن کي شينهن ۽رڇن جو خيال آيو جن سان مهاڏي جو امڪان هو. هو بيهي رهيو ۽ بندوق ۾ گولي ڀريائين.

روشني ختم ٿيڻ بعد تائين هلندي هلندي هن ڇاتو ته هو آفريقه جي ڪافي اندر ۽ وچ واري علائقي ۾ هوندو. ۽ هي ته ٻيهر ڪاٺڻ ۽ نڊ ڪرڻ جو تائيم ٿي ويو هو، جيئن ته هو ڪائي نه پيو سگهي ان ڪري سمهڻ لاءِ محفوظ ٺڪاڻو تلاش ڪرڻ جو پهه ڪيائين. صبح تائين ڪجهه نه ڪجهه يا سيهڙ وغيره ماري سگهندو. اوچتو ڪيس پنهنجي ويجهو هڪ واڙو محسوس ٿيو ۽ ان کان پار ڪجهه ڏنڌلو ڏيکاءُ ڏيڻ لڳو! جيڪو سڪل گاهه جو ڍير ٿي سگهي پيو. جڏهن هو واڙي جي هن پار پڳو ته تقريباً هن جي پيرن وٽان کان ڪائي شيءِ خوفناڪ انداز ۾ اٿي. هو ڊيجاريندڙ ۽ دهشت ناڪ خوف کان آشنا هيو. هن جي بندوق ڪنڌ ڏانهن جهپٽ هنئي ۽ گرجي، چمڪي ۽ شينهن يا جو ڪجهه به هيو رڙيون ڪندو رات ۾ گم ٿي ويو. ٿامي جي ٽڪرن وانگر ٿڌو ٿڌو پگهر، هو پنهنجي چهري تي محسوس ڪري پئي سگهيو. هن گاهه جي ڍير ڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ ان تي چڙهڻ جي ڪوشش ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ديوانن جيان ان تي هٿ هلائڻ لڳو. هن جي ان فضول ڪوشش سان گڏو گڏ هن جو خوف وڌي رهيو هو ۽ وڌندو پئي ويو ۽ پوءِ اهو خوف هوريان هوريان گهٽ ٿيڻ لڳس ۽ پوءِ هو ان ترڪڻي ڏير تي چڙهي ويو. هڪ وار چوٽيءَ تي چڙهي ويو ته پنهنجو پاڻ کي ڪجهه محفوظ محسوس ڪيائين. جڏهن هو پيٽ ڀر سٽل رات ۾ واجهائي رهيو هو. هن بندوق هٿ جي ويجهو ڪئي، جنهن شيءِ کي هن گولي هنئي هئي اها ته هاڻي خاموش هئي، مگر ڪو آواز رات تي چڙهي ته ٽٽي پيو هو.

زمين تي هڪ روشني ٽمڪندي اچي رهي هئي جلدئي هن ڏٺو ته ٽنگون ضرب جو نشان بنائيندڙيون اچي رهيون هيون. هن کي ڪجهه آواز ٻڌڻ ۾ آيا جن کي هو سمجهي نه پئي سگهيو. هن سوچيو: ”وحشي هوندا اهي جيڪي ماڻهوءَ کي کائي ويندا آهن.“ هو گاهه ۾ اجان هيٺ جهڪي ويهي رهيو. روشنيءَ ۽ آواز ان رخ تي وڃڻ لڳا. جيڏانهن هو جانور ويو هو. جنهن کي هن گولي هنئي هئي. جلد روشني هڪ ڏيکي تي بيهي رهي جيڪو زمين تان اڀري آيو هو ۽ پوءِ پٽڻ پاراتن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا.

”دوستو!“ هن ڏکهو ساهه کڻندي چيو، ”مون ضرور هنن جي ذاتي شينهن کي ماري وڌو آهي.“ شينهن، شينهن ٿيندو آهي، هو لڪو وينو رهيو ۽ روشني وري ڏور هٽڻ لڳي ۽ آخر گر تي وئي ستارا هن جي مٿان ڏڙڪي رهيا هيا ۽ هو ننڊ پئجي ويو.

هڪ جهٽڪي سان هن جي ننڊ اڏري ۽ هن پانهون اکين تي رکي ڇڏيون، اهائي چاتل آواز هن جي ڪنن ۾ اچي رهيا هئا. هن اکيون کوليون ته هڪ ننڍڙو گهري رنگن وارو ماڻهو پستول کنيو هن تي جهڪيو بيٺو هيو. زبان ته هو نه پيو سمجهي، باقي جيڪا زبان پستول ٻولي رهيو هو اها هن جي سمجهه ۾ اچي رهي هئي.

هن سوچيو هي ماڻهو ته مون کي کائي ويندا. هن جون ٽنگون گڏ ٿيون ۽ وري کليون. گهري رنگن وارو ماڻهو پوئين پاسي چڙهي ته لڙهندو ويو. هن پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جانور وانگر اڇلايو. پستول هلڻ جو آواز آيو ۽

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪنهن شيءِ هڪ مڏو وڌ هن جي ڪنڌ جي مٿين حصي ۾ ڏنو. هن جواب ڏنو ۽ هڪ ماڻهو ڏرتيءَ تي ڍير تي پيو. هو ڦڙتي سان اٿيو ۽ ڀڳو. گوليون هن جي پرسان ڪان گذري رهيون هيون. سامهون واڙو هئو ۽ هو مڙي دروازي جي تلاش ۾ ان سان گڏ گڏ ڊڪڻ لڳو.

هن جي ڪاٻي ٻانهن گرم ۽ آلي هئي. اتي واڙي جي موڙ تي ئي دروازو هو. جڏهن هن دروازي تي هڪ شخص کي رستي روڪڻ لاءِ ڊڪندي ايندي ڏٺو تہ هن جي پڪڙ بندوق تي اچان بہ وڌيڪ مضبوط ٿي وئي. جڏهن هوهڪيئي جي ويجهو ٿيا تہ هن ڏٺو تہ اهو ماڻهو بہ هنجي نسل جوئي هيو. ”حبشي! رستي تان هٽي وڃ.“ هن انهي شخص کي ٻانهون لوڏائيندي ڏٺو تہ سهڪندي رڙ ڪيائين جڏهن هن جي بندوق هڪ دفعو ٻيهر گرجي تہ هن کي ٻئي ماڻهوءَ جي چهري تي مذاق جوڳي حيراني جا تاثر ڏسڻ ۾ آيا. هو ڦقڙ ٻري ٻري ساه جا ڊڪ ٻري رهيو هو. ٻيهڻ ضروري ٿي پيو هو. هتي هڪ ڪڏ هئي ۽ ڊگهو ڪنارو هو. ٿورو اڳتي جتي اهڙو ئي ٻيو ڪنارو، ان کي ڪاٽي رهيوهو. اتي وٽن جو جهڳتو هيو. هو ان ۾ گهري لڪي ويو ۽ چيلهہ ڀر سمهي ڊگها ڊگاه ساهہ کڻڻ لڳو. هن جا سهڪندڙ ڦقڙ وري هوريان هوريان سامت ۾ اچڻ لڳا. هاڻي هن کي ڪنڌ جو زخم بہ محسوس ٿيڻ لڳو. هن حيرانيءَ وچان پنهنجي رت تي نظر وڌي. ”هاڻي تون اهو سڀ ڪجهہ گذرندي ڏسي رهيو آهين.“ هن خيال ڪيو. ”عجيب ڳالهہ آهي تہ هي آفريقي بہ حبشين تي گوليون هلائين ٿا. جيئن گورا هلائيندا آهن“.

هن زخم کي اڊنگي انداز ۾ ٻڌي ڇڏيو. هن کي هڪ شيءِ ملليل هئي اها ئي پناهہ گاهہ ۽ بس -- هن وٽ ارڙهن گوليون باقي هيون ۽ هن کي تن جي ضرورت پئجي پئي سگهي..... هڪ ماڻهو بندوق جهليون ڪوئي ٻن سون فوٽن جي فاصلي تي هن جهڳتي کي جاچي رهيو هو. ”معلوم ٿئي ٿو هو فوري طور مون کي تنگ نہ ڪندا.“ هن فيصلو ڪيو. ”مان انڌيرو ٿيڻ تائين هتي آرام ڪندس. ان ڪانپوءِ مسٽر بوب وٽ واپس هليو ويندس. آفريقہ يقينا مهذب ماڻهن جي رهڻ جي جڳهہ ناهي. شينهن تي ٻير پئجي ٿو وڃي تہ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

توهان تي گوليون هلايون ٽيون وجن ۽ پوءِ ماڻهوءَ کي پاڻ ماڻهو تي گولي هلائڻي ٿي پوي. مگر منهنجو اندازو آهي تہ اهي آفريڪي ان طرح جي شين جا عادي آهن."

هن جي ڪنڌ وٽ ڪو مڏو ڏڙڪو جاڳيو. تيز ٽينڊڙ بخار ۾ هن پاسو بدلايو. هو ڪيترو تہ اڃارو هو. پهرين هو بکيو بہ هيو مگر هاڻي رڳو اڃاروهو. هن کي ...... جهنگل جي ٿڌي چشمي جو خيال آيو. هن پگهر ۾ ٻڏل چهرو ڪنيو ۽ ڏٺو تہ اهو پهريدار الاهي ويجهو کسڪي آيو هو. هن بندوق کڻي ۽ هڪ هٿ سان جيترو سنو نشانو ٻڌي پئي سگهيو ٻڌائين ۽ گولي هلايائين. پهريدار پٺيءَ ڀر ڪري پيو ۽ پوءِ جلدي سان پير سنڀالي ڪاٻي ساڄي ڏڪندو هن جي زد منجهان نڪري ويو. "صرف توکي ڏيڄارڻ لاءِ."
هو پاڻ سان ٻڌڪيو. شيون هاڻي عجيب ۽ غريب لڳيون پئي ۽ هن جي ڪنڌ مان خوفناڪ درد اٿي رهيو هو. پل ڪن لاءِ هن کي ننڊ اچي وئي ۽ هن ائين ڀانئيو ڄڻ پنهنجي گهر ۾ آهي. هو درد جي شدت وچان جاڳي پيو. پرووري ننڊ ۾ ٻڏي ويو ۽ انهي ننڊ جاڳ ۾ هن ڏکهو ڏينهن ڪٽائي ڇڏيو. سواءِ ان جي تہ وقفي وقفي سان هو ريڙهيون پائيندو هڪ ڪُڏي مان مٽيءَ هاٿو پاڻي پي پيو اچي. آخر ۾ جڏهن جاڳيو تہ رات هئي، لائيٽيون هيونءِ ٻاهہ هئي ٻاهہ جي روشنيءَ ۾ ماڻهو گهمي ڦري رهيا هئا.ڳالهيون ڪري رهيا هئا.

هو پاڻي پيئڻ خاطر پاڻ کي گهليندو ڪناري تي وٺي ويو هو ۽ جيئن ئي مڙيو تہ هڪ گاڏيءَ جون روشنيون هن تي ڪِتل هيون ۽ هڪ آواز اٿيو ۽ هن جي اردگرد گوليون وسي رهيون هيون. هو ٽپ ڏئي واپس وڻن جي جهڳٽي ۾ هليو ويو ۽ روشنين جي رخ تي اندا ڌنڌ گوليون وسائڻ لڳو. هڪ ماڻهوءَ جو آواز بلند ٿيو ۽ گوليون جهڳٽي جي وڻ کي چيرينديون پئي ويون. شاخون ۽ ٽاريون ائين لڏي رهيون هيون جيئن ڪا تيز آنڌي هجي. هو ائين محسوس ڪري رهيو هو جيئن گرم لوهہ سان ڏنب ڏنا ويندا آهن. هن پنهنجو مٿو هيٺ ڪيو ۽ گپ تي پنهنجو چهرو رکي ڇڏيائين.

اوچتوگوليون هلڻ بند ٿي ويون ۽ سانت هن کي لفظي معنائن ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

فراموشيءَ جي دائرن ڪان گهلي وئي آئي. هن انتظار ۾ پنهنجي بندوق اڳي وڌائي. آخر انڌيرو ختم ٿيو ۽ هن شين ۾ ورهائجي ويو. سامهون شعلن جي ڌماڪن ۾ هن ٻه ماڻهو ٻيٽ ٻر ليٽيا ڏٺا. ان مان هڪ پستول تقريبا هن جي چهري تي هلائي ڏنو ۽ ٻجي ويو. وري صبح ٿي رهي هئي. سج ابريو گرم ٿيو ۽ هلندو هن جي مٿان تي بيٺو. هو پنهنجي گهر هيو. پنهنجي ڪيتن ۾ ڪم ڪري رهيو هو. هو ننڊ ڪري رهيو هو ۽ وڙهندو ٻيانڪ خواب منجهان ٻاهر نڪري رهيو هو. هو وري هڪ ٻارُ هيو. نه هڪ پکي هيو. هڪ وڏي پکي باز وانگر نيري آڪاش ۾ اڻ ڳڻ دائرا ٺاهيندو اڏري رهيو هو.

سج وري ٻڏي ويو. اولهه رت جيان لال هو. اهو هن جو پنهنجو ئي رت هيو. جيڪو ديوار تي رنگيو ويو هو. رات جي ماني ديڳڙيءَ ۾ پئي هئي ۽ رات ٻه اهڙي جنهن ۾ ڪائي ٻه ٻاهه نه هئي ۽ نه ئي هن جي ارد گرد گهمندڙ ماڻهو هيا. پوءِ سيئي ٻيهي رهيا. چڻ ڪجهه ٿيڻ جي انتظار ۾ هجن. ها، سيان هو پنهنجي گهر هوندو ۽ ڪم ڪندو هوندو هن گپ تان پنهنجو چهرو ڪنيو. هن جي اردگرد شاخن ۽ ٻوڙن ۾ اهڙي ته آنڌي هلي رهي هئي چڻ اڳ ۾ ڪڏهن نه آئي هجي. انهيءَ آنڌيءَ آڏو شاخون ۽ ٻوڙا ڏڪي اٿيا...... هو ٻاڻ ٻه هڪ وڻ جيان هو جيڪو انهيءَ آنڌيءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويوهو. هن انهيءَ جالوڌاءِ ٿڦيڙا محسوس ڪيا ۽ ٻاڻ ٽنندي، ليڙ ليڙ ٿيندي ۽ وکرندي پاتائين.

آنڌي ختم ٿي وئي ۽ سيئي ٽٽل شيون بي حرڪت هيون. هن جو ڪارو شفيق، سادو ۽ ڪڏهن خوش رهڻ وارو چهرو آڪاش ۽ ٿڌن ٿڌن ستارن طرف اٿيل هيو. آفريڪه هجي يا لوسيانا. هو پرواه ٿوري ئي ڪندا آهن!؟

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com



ارنيسٽ هيمنگوي

Ernest Hemingway

هو چڪاگو(Chicago) آمريڪا جي علائقي ۾ ١٢ جولاءِ ١٨٩٩ع تي ڄائو. هاءِ اسڪول ۾ گريجوئيشن ڪيائين ۽ پوءِ عملي زندگيءَ ۾ صحافت جي حوالي سان داخل ٿيو. هن "Kansas city star" (ڪنساس سٽي اسٽار) لاءِ رپورٽنگ شروع ڪئي ۽ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي ته والنٽيئر جي حيثيت سان آمريڪا جي ريڊ ڪراس ايمبولنس جو ڊرائيور ٿي ١٩١٨ع ۾ فرانس آيو. جتي ٽن هفتن ڪانپوءِ هو زخمي ٿي پيو. هو واپس

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

گهر آيو. جنگ ڪانپوءِ هو (Toronto star) ٽورنٽو اسٽار لاءِ يورپ جي نمائندي طور پيرس آيو. جتي هن جي ملاقات تخليقي ماڻهن ۽ فنڪارن سان ٿي. خاص ڪري ايذرا پائونڊ جي سنگت هن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي. هن جي لکڻين ۾ پختگي آئي. سندس پهريون ڪتاب Three stories and Ten poems ١٩٢٣ع ڌاري ڇپيو ۽ جڏهن سندس ناول The sun also rises ١٩٢٦ع ۾ ڇپيو تہ هو آمريڪا جي بهترين ڪهاڻيڪارن ۽ ناول نگارن ۾ ڳڻجڻ لڳو، ۽ پوءِ جڏهن هن جو ناول A Farwell to Arms ڇپيو تہ ڪيس عالمي ليول تي شهرت ملي. هن جا ناول ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپبا رهيا ۽ مقبوليت ماڻيندا رهيا. هن جي ناول The old man and the sea جي ڇپجڻ ڪانپوءِ، ڪيس ادب جي "نوبل پرائز" ڏيڻ لاءِ سوچيو ويو. جيڪو ڪيس ١٩٥٤ع ۾ مليو. هو نہ رڳو اديب جي حيثيت سان وڏو ماڻهو هو پر شخصي حوالي سان بہ هن جي اوچائي بہ اوتري ئي آهي. جيتري ادب ۾. هن جذباتي وهڪري ۾ اچي پنهنجو انت پاڻ آندو.

ارنيسٽ هيمنگوي ٢ جولاءِ ١٩٦١ع تي پاڻ کي گولي هڻي ماري وڌو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هڪ صاف سٿري ۽ روشن جاءِ

ارنيسٽ هيمنگوي (آمريڪا)

سڀ ماڻهو ڪيفي مان وڃي چڪا هئا. رات ڪافي گذري چڪي هئي. بلب جي روشنيءَ سان وڻ جي پاڇي ۾ هڪ پوڙهو ويٺل هو. سڄو ڏينهن گهٽيءَ ۾ دز اڏامندي رهندي هئي پر رات جو ماڪ پوڻ جي ڪري دز ويهجي ويندي هئي، اهو پوڙهو روزانو رات جو چڱي دير تائين ڪيفي ۾ ويٺل رهندو هو. هو ٻوڙو هو ان ڪري رات جي سانت ڪيس سٺي لڳندي هئي. ڪيفي ۾ ويٺل ويٽرن کي پڪي پڪ ڄاڻ هئي ته پوڙهو نشي ۾ آهي. کين خبر هئي ته جيڪڏهن هو گهڻو پي ويو ته پيسا ڪونه ڏيندو ۽ ائين ئي هليو ويندو. ڇو ته هو پراڻو گراهڪ هو. ان ڪري هو ٻئي هن تي ڪرڙي نظر وڌيون ويٺا هئا.

”گذريل هفتي هن آپگهات جي ڪوشش ڪئي هئي.“ هڪ ويٽر چيو.

”ڇو؟“

”هي مايوس ٿي چڪو هو.“

”ڪا خاص ڳالهه ناهي.“

”توکي ڪيئن سڌ پئي ته ڪا خاص ڳالهه ڪونهي.“

”هن کي پيسي جي کوٽ ناهي.“

ٻئي ويٽر دروازي واري ديوار جي پڪ ۾ رکيل ميز تي ويٺل هئا... سڀ ميزون خالي پيون هيون. رڳو هڪ ميز وٽ پوڙهو ويٺل هو. اها ميز وڻ جي پنن جي ڇانو ۾ رکيل هئي. وڻ هوا ۾ آهستي آهستي لڏي رهيو هو. هڪ فوجي ۽ ان سان گڏ ڇوڪري گهٽيءَ مان لنگهيا. گهٽيءَ جي بلب جي روشنيءَ سان فوجيءَ جي ڪالر تي لڳل پتل چمڪي رهيو هو. ڇوڪري مٿي اگهاڙي، فوجيءَ پٺيان تڪڙ ۾ هلي رهي هئي.

”پهري وارا هن کي پڪڙي وٺندا.“ هڪ ويٽر چيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”جيڪڏهن هن کي پنهنجي مرضيءَ واري شيءِ ملي وڃي ته پوءِ هن کي ڪهڙي پرواه آهي.“

”پرهن کي هاڻي گهڻيءَ مان نڪري وڃڻ کپي. پهري وارا پنج منٽ اڳ هتان ٽپيا آهن. اهي ته پهچي ويندا.“

پوڙهي گلاس جو ڪڙڪو ڪيو. نوجوان ويٽر ڏانهس ويو. ”هاڻي ڇا کپي؟“

پوڙهي هن ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”هڪ ٻي برانڊي.“

”صفا نشي ۾ ڌت ٿي ويندين“ ويٽر چيو. پوڙهي هن ڏانهن ڏٺو. ويٽر واپس هليو ويو.

”هي هاڻي سڄي رات ويٺو رهندو.“ هن پنهنجي سنگتي کي چيو، ”مونکي ننڊ ٿي اچي. ڪڏهن به ٽين بجي کان اڳ سمهڻ نصيب ئي ڪونهي ٿيو. ان کان ته سٺو هو هي گذريل هفتي آپگهات ڪري ڇڏي ها.“

ڪيفي جي ڪائونٽر تان برانڊي جي بوتل ۽ هڪ پليٽ کڻي پوڙهي وٽ آيو. پليٽ ميز تي رکيائين ۽ گلاس برانڊي سان پُري ڇڏيائين.

”تون گذريل هفتي پنهنجي پڄاڻي ڪري ڇڏين ها ته چڱو هو.“ هن ٻوڙي همراهہ کي چيو. پوڙهي-آڱر جو اشارو ڪندي چيو، ”ٿوري ٻي وجهہ.“ ويٽر گلاس ڪنان تار ڪري پري ڇڏيو ۽ برانڊي ڇلڪي گلاس ۾ هارجڻ لڳي.

”ٿورا تنهنجا.“ پوڙهي چيو ويٽر بچيل برانڊي جي بوتل ڪيفي ۾ کڻي آيو ۽ پنهنجي سنگتي سان اچي ويٺو.

”هي هاڻي ڌت ٿي چڪو آهي.“ هن چيو.

”هي هر رات ائين ئي ٽيندو آهي.“

”هن آپگهات جي ڪوشش ڇو ڪئي؟“

”مون کي ڪهڙي خبر؟“

”هن آپگهات لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪيو.“

”هي رسي ۾ لڙڪيو هو.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”هن کي هيٺ ڪنهن لاتو؟“

”سندس ياڻني.“

”هن ائين ڇو ڪيو؟“

”روح کي پوڙهپڻ کان بچائڻ لاءِ.“

”هن وٽ دولت ڪيتري آهي؟“

”تمام گهڻي.“

”هي اسي ورهين جو تہ هوندو؟“

”پڪ سان اسي ورهين جو آهي.“

”ڪاش هي هاڻي گهر هليو وڃي. مان ڪڏهن بہ ٽين وڳي کان اڳي ناهيان سمهيو ۽ اهو بہ ڪو سمهڻ جو وقت آهي!“

”هن کي دير تائين ويهڻ سٺو لڳندو آهي.“

”هو تہ اڪيلو آهي. پر مان اڪيلو ناهيان. منهنجي زال بستري تي منهنجو انتظار ڪندي هوندي“.

”ڪڏهن هن جي بہ زال هئي.“

”هاڻي اها جيڪڏهن جيئري بہ هجي تہ هن جي ڪهڙي ڪم جي.“

”اسان ڇا ٿا چئي سگهون. ممڪن آهي گهرواريءَ جي هجڻ سان هن جي حالت ايڏي خراب نہ هجي ها.“

”سندس ياڻني خيال ڪندي اٿس؟“

”ها، تون جو چيو تہ ڪيس ياڻني هن کي بچايو.“

”مان ايترو پوڙهو ٿيڻ پسند ڪون ڪندس. پوڙهاڻپ بہ آفت آهي.“

”ڪو ضروري ناهي، هي پوڙهو ڏاڍو صاف سٿرو آهي. شراب ڇلڪڻ ئي ناهي ڏيندو. هاڻي بہ ڏٽ آهي، تڏهن بہ ڏس“

”مون کي ڏسڻ جي خواهش ناهي. بس مان چاهيان ٿو تہ هو گهر هليو وڃي. هن کي پنهنجي ڪم جو بہ خيال ڪونهي.“

پوڙهي گلاس مان نظرون ڪڍيون. چوڪ ڏانهن ڏنائين ۽ پوءِ ڦري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ويٽرن ڏانهن نهاريائين. هن گلاس ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”هڪ ٻيو برانديءَ جو.“ جنهن ويٽر کي گهر وڃڻ جي تڪڙ هئي. اهو اتي پوڙهي ڏانهن ويو، چيائين، ”ختم.“ ويٽر ساڻس نشي ۾ ٻڌل يا پرڏيهي ماڻهن جيان مختصر جملن ۾ ڳالهائڻ لڳو. ”اڄ رات ٻي نہ -- بند.“

پوڙهي چيو، ”هڪ ٻيو گلاس آڻ.“

”نہ -- ختم.“ ويٽر صافي سان ٽيبل صاف ڪندي چيو. پوڙهو اٿي بيٺو ۽ آهستي آهستي پليٽون ڳڻڻ لڳو. کيسي مان پئسا ڪڍيائين. ٿوري ٽپ سان گڏ بل ادا ڪيائين. ۽ پوءِ روانو ٿيو.

ويٽر گهٽيءَ ۾ ويندو ڏسندو رهيس. پوڙهو ماڻهو ٿاٻڙندو، پر وقار سان وڃي رهيو هو.

”تو هن کي چو اٿاريو؟ پيئڻ ڏينس ها!“ جنهن ويٽر کي تڪڙ نہ هئي ان پڇيو. هو ڪيفي جا شٽر هيٺ ڪرڻ لڳا. ”اڃان تہ اڍائي بہ ناهن ٿيا.“

”مان گهر وڃي سمهڻ چاهيان ٿو.“

”هڪ ڪلاڪ سان ڪهڙو فرق پئي ها؟“

”هن کي نہ پوي تہ نہ پوي پر مون لاءِ تہ وڏو فرق پئي ٿو.“

”وقت تہ سڀني لاءِ هڪ جيترو آهي.“

”يار! تون وري بزرگن واريون ڪهڙيون ڳالهيون شروع ٿو ڪرين. جيڪڏهن هو چاهي تہ بوتل خريد ڪري گهر بہ وڃي پي سگهي ٿو.“

”پر گهر ۾ اهو مزو ڪٿي!“

”ها بلڪل.“ زال واري ويٽر سهمت ٿيندي چيو. هو پاڻ ائين نہ پيو ڪرڻ چاهي. پر الائجي چو هن کان تڪڙ ٿي وئي.“

”۽ توکي -- وقت کان اڳ گهر وڃڻ تي ڀؤ ناهي ٿيندو؟“

”ڇا تون منهنجي بيعزتي ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪرين؟“

”اڙي نہ يار! مان تہ چرچو پيو ڪيان.“

”نہ.“ ٻيهرين ويٽر شٽر بند ڪندي چيو، ”مون کي اعتماد آهي -- پڪو اعتماد.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”ها تو وٽ جواني آهي، اعتماد آهي، بي روزگار بہ ناهين.“ پوڙهي ويٽر چيو.

”تو وٽ بہ سڀ ڪجهہ آهي.“

”۽ توکي وري ڪهڙي شيءِ جي کوٽ آهي.“

”روزگار کان سواءِ هر شيءِ جي--“

”پر تو وٽ بہ تہ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو مون وٽ آهي.“

”اعتماد تہ مون ڪي ڪڏهن پيي ناهي ٿيو ۽ هاڻي تہ اها جواني بہ گذري چڪي آهي.“

”ڇڏ واندين ڳالهين کي -- تالو هڻ.“

”مان بہ انهن ماڻهن مان آهيان جيڪي سڄي رات ڪيفي ۾ گزارڻ چاهيندا آهن.“ پوڙهو ويٽر چوندو ويو، ”جن کي بستري ۾ سمهڻ جي تڪڙ ناهي هوندي. جن کي رات جي وِڳڙي ۾ روشني جي ڳولها هوندي آهي.“

”پر مون کي گهر وڃڻ ۽ بستري ۾ سمهڻ وڻندو آهي.“

پوڙهي ويٽر چيو، ”ان ڪري اسان ٻئي هڪ ٻئي کان مختلف آهيون.“

جهونو ويٽر ڪيفي بند ڪرڻ نہ پيو چاهي. چيائين، ”سڄي ڳالهہ جواني ۽ اعتماد جي آهي ۽ اهي ٻئي شيون خوبصورت آهن. مان هر رات ڪيفي بند ڪرڻ ناهيان چاهيندو. ٿي سگهي ٿو! ڪنهن کي ڪيفي جي ضرورت پئجي وڃي.“

”يار ننڍا ننڍا ڪيفي سڄي رات کليل هوندا آهن.“

”دوست! تون نٿو سمجهي سگهين. اسان جي ڪيفي صاف سٿرو ۽ قرار ڏيندڙ آهي. هتي روشني بہ هوندي آهي ۽ روشني ڏاڍي سٺي شيءِ آهي. ان کانسواءِ پَنن جي بہ تہ ڇانو هوندي آهي.“

"Good Night." چئي نوجوان ويٽر هليو.

پوڙهي آهستي "Good night" ڪيو. بلب وسائي هو پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو: ”روشني تہ نيڪ. پر جاءِ کي صاف سٿرو ۽ وڻندڙ هجڻ کپي. موسيقي جي ايڏي ضرورت ناهي. بلڪل ناهي. پر ان کانسواءِ بہ تہ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سڄي رات گذارڻ ممڪن ناهي. هن کي ڪهڙي شيءِ جو ڀؤ هو. پر اهو ڪو ڀؤ يا ڏڄڻ نه هو. بس هڪ ڪوت هئي ۽ هن کي ان جي چڱيءَ طرح پروڙ هئي. هر شيءِ اڪيلي آهي. انسان به ته اڪيلو هو. بس ايتري ئي ڳالهه هئي. يا هن کي توري روشني، صفائي ۽ ڍنگ جي گهرج هئي. ماڻهو سڄي ڄمار انهن جي وچ ۾ جيئندا آهن ۽ ڪين احساس ئي ناهي ٿيندو. پر هن کي خبر هئي ته اهو سڀ ڪجهه اڪيلائي مان اڪيلائي آهي. اسان سڀ پنهنجي پنهنجي ڪوت ڪٽي اڪيلائي جي سلطنت ۾ رهيل آهيون. چو ته سڀ ڪجهه مايا آهي. ڏينهن به مايا. رات به مايا ۽ مايا کان جان ڇڏائڻ به مايا آهي. سڀ ڪجهه مايا آهي.“ پوڙهو ويٽر اهو سڀ ڪجهه سوچيندو ۽ مرڪندو هڪ بار وٽ اچي بيٺو. بار وٽ ٻاڦ جي دٻاءُ سان ڪافي ٺاهڻ واري چمڪندڙ مشين رکيل هئي.

بار واري ڪائنس پڇيو. ”تو کي ڇا کپي؟“

”خالي جاءِ.“

”ٺيڪ- ٺيڪ.“ بار واري ڪنڌ لوڏيو.

”هڪ ننڍو ڪوپ.“

بار واري گلاس ۾ شيري ڀري ڏنس.

پوڙهي ويٽر چيو، ”روشني چڱي خاصي آهي، پر بار ۾ صفائي ڪونهي.“ بار واري ڏانهس ڏٺو پر چپ رهيو. رات جو ڳالهيون ڪرڻ بار واري لاءِ عجيب هو. ”هڪ ٻي شيري ڏيان؟“

”نه - مهرباني -“ ويٽر چيو ۽ اتان روانو ٿيو. هن کي بار ۽ ترڊ ڪلاس شراب گهر ۾ ڪونه وڻندا هئا. باقي ڪنهن صاف سٿري ۽ روشن ڪيفي جو ته عاشق هو. هاڻي هو وڌيڪ ڪجهه به سوچڻ نه پيو چاهي. ڪيس ڪمري تائين پهچڻ جي تڪڙ ٿيڻ لڳي. هو بستري تي سمهندو ۽ پرهه ڦٽيءَ تائين ننڊ اچي ويندس. هن پنهنجو پاڻ کي چيو.“ هي معمولي اوجاڳو ئي ته آهي ۽ ڪيترن ڪوڙ سارن کي به ته ٿيندو آهي.“

سنڌيڪار: ممتاز بخاري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هينرخ بول

Heinrich Boll

هو جرمنيءَ جي اهم شهر بون جي ويجهو ڪولون ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان غريب هو. ان ڪري هو ڪاليج تائين بہ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. سندس خاندان ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. هن بہ ڪيترائي ظلم سٺا. ۽ پوءِ هِن قلمڪار جي ذهن ۾ سڀ مشاهدا گڏ ٿيا ۽ هن لکڻ شروع ڪيو. ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ هن سپاهي بڻجي حصو ورتو ۽ انهيءَ تجربي ۽ مشاهدي تحت ناول لکيائين ۽ ان ناول پٺيان ٻيو ناول لکيائين ۽ پوءِ هو مقبول

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار ٿي ويو. سندس لکيل ڪتابن: اينڊنيور اسپڊ اي ورڊ، دي ان گارڊ هاؤس وغيره ڏاڍا مقبول ٿيا. سندس لکڻيون حال ۾ ٽيندڙ وارتائون، علامتي انداز ۾ لکيل آهن. کيس پارنهن کن پرائز مليا. اها ميجتا ڪا گهٽ ناهي ۽ جڏهن هن کي ادب جو ”نوبل پرائز“ ۱۹۷۲ع ۾ ڏنو ويو ته هو امر ٿي ويو. هن نہ رڳو ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا پر ڊراما ۽ مضمون بہ لکيا. ۽ ترجما بہ ڪيائين.

هينرخ بول ١٦ جولاءِ ۱۹۸۵ع تي وفات ڪئي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

مين بتيون ناهيندڙ ماڻهوءَ جي پيڙا

هينرخ بول (جرمني)

هن شهر ۾ منهنجي رهائش ڪجهه ڏينهن لاءِ ٿي هئي. مون هتي هڪ فرم جي نمائندي ڪان وقت ورتي رکيو هوتہ جيئن پنهنجي شين ڪي سٺي اگهه تي وڪڻي سگهان. پر افسوس ان سودي بازيءَ مون کي ٽڪي جو فائدو بہ نہ ڏنو. اسان مين بتيون ناهيندا هياسي. اهو ڪاروبار اسان ان بنياد تي شروع ڪيو تہ بجلي جي اثاث اڻ چاتل مدي تائين جاري رهندي، اسان مان مراد، مان ۽ منهنجي زال آهيون جيڪي مين بتيون ٺاهيندا آهيون. پاڻ ٺي ايجنٽ ۽ پاڻ ٺي پنهنجي شيءِ جا سيلز مين.

هي اتفاق ٿي چئجي جو بجليءَ جي اثاث اوچتو ختم ٿي وئي. ايستائين جو شهر جي ير وارن ڪوٺن ۾ بلب روشن ٿي ويا. ۽ ايئن اسان جي مين بتين جي کهرج تقريبن ختم ٿي وئي. چرچ ۽ ڪليسا جهڙن مقدس ادارن تہ اڳ ۾ ٺي اعليٰ قسم جي مين بتين جي ذخيره اندوزي ڪري ڇڏي هئي. سايون، سرخ، نيريون، پيليون، اڇ گلابي، لهري داري پٽين واريون ڏکيون ڏکيون مين بتيون وغيره، اسان جون ٺايل مين بتيون تہ تمام گهٽ درجي واريون هيون. اسان وٽ ڪجهه وڌيڪ پئسو بہ ڪونہ هيو. جو اسان مين بتيون ٺاهڻ لاءِ نوان نوان ڊزائين ترتيب ڏئي سگهون. بهر حال اسان ڪي مين بتين جي پراڻي اسٽاڪ کي ڪٽائڻو هوتہ جيئن اسان ڪِيي ٽڪر لاءِ ڪو نئون ذريعو اختيار ڪيون. هن شهر ۾ پهچي منهنجي آجيان هڪ سنگاريل اپارٽمينٽ ۾ ڪئي وئي. گڏيل آفيس جي وڏن وڏن شيلفن ۾ پلاسٽر جا مجسما رکيل هئا. حضرت عيسيٰ جا مجسما عذرا مريم جا رکيل مجسما ۽ بي داغ لوهہ مان ڊاليل هيا بہ ڪيئي مجسما. ايتري تائين نمائندي مون کي پيئڻ لاءِسگار پيش ڪيو. پڇڻ تي مون ان کي ٻڌايو، تہ ٻي مهاياري جنگ اسان کي ميراث ۾ ڪجهہ بہ ناهي ڏنو. سواءِ سيٽرڪ تيزاب جي جڻ سان مين بتيون ٺائبيون

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

آهن. هي خاص تيزاب اسان چئن پرندڙ ترڪن مان وڏي مشڪل ڪانپوءِ لاتو هئو.

ان نمائندي معافي هاڻي لهجي ۾ چيو، ”مون کي افسوس آهي جو مان توهان جون ميڻ بتيون نہ تو وٺي سگهان. اسان لئہ اوهان جون ٺاهيل ميڻ بتيون وڪري لائق ناهن.“ مون ڏڪيري انداز ۾ اڌ سگاروسائي ڇڏيو ۽ اتان ڪان نڪري پيس. مان هن شهر ۾ اوپرو هيس. تقريبن سڄو، فريب ڪاڌل ۽ جيون هٿان هارايل عام ماڻهو. ان وقت مون کي خاص طور تي احساس ٿيو تہ مون ميڻ بتيون ٺاهڻ جو فن تہ سکي ورتو پر اڃان تائين واپار ۽ سودي بازي جو فن سکي نہ سگهيس. مون ميڻ بتين جو وزني بيگ روڊ ڪناري رکيو.... اسٽيشن تي مون ريل گاڏيءَ جو چارٽ پڙهيو. ويٽنگ روم ۾ رات گذارڻ ۽ بي سواد سوپ پيئڻ جو خيال ئي وڏي پوڳنا وارو هيو. مون گئس لئمپ جي روشني ۾ پنهنجي ٿورڙي رقم واپسيءَجون ٽڪيتون ۽ چند سڪن جو جائزو ورتو. ۽ پيهر شهر ۾ داخل ٿي هڪ اونداهين گرجا گهر پرسان هڪ معمولي قسم جي هوٽل ۾ داخل ٿي ويس.

مون پنهنجو ڳورو سوٽ ڪيس هيٺ رکيو. ڪرسي ڇڪي ويهي رهيس. مونکي بک لڳي هئي. مان سوچڻ لڳس تہ ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ ٻہ مان سست ٿي ويهي نہ رهيو هيس. مون تباهہ ٿيل عمارتن جي مٽي هٽائي رازو ٺڄجي نيون عمارتون تعمير ڪيون، ۽ انهيءَ وچ ۾ ميڻ بتيون ٺاهڻ جو تجربو حاصل ڪيم. پوءِ ٽڏو ساهہ کڻندي پاڻ کي چيم! ڪاش، سٺي ۽ مستقل روزگار ڪاڻ مون برتن جي پالش جو فارمولا ئي هٿ ڪيو هجي ها. سائي وڳي واري هوٽل جي مالڪياڻيءَ مون کي خوشگوار لهجي ۾ شام بخير چوندي پڇيو تہ هوءَ منهنجي ڪهڙي خدمت ڪري سگهي ٿي. مون ٽڪ هاڻي لهجي ۾ وراڻيو تہ مونکي هڪڙو تمام سستو ڪمرو ۽ کائڻ لاءِ ماني پنير ۽ مکڻ گهرجي. هن نرم لهجي ۾ مون کان ڇهہ مارڪ طلب ڪيا.

انهيءَ وقت دروازو کليو ۽ هلڪي خاڪي رنگ جو برساتي وارو ڪوٽ پهريل هڪ الجهيل ۽ پريشان حال نوجوان اندر داخل ٿيو. ان جي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پويان پويان ناسي ڪوٽ پهريل هڪ ڇوڪري به هئي. نوجوان کي چمڙي جو هولڊال هٿ ۾ هيو. سندس چهري تي پگهر جا ڦڙا تري رهيا هئا. هوٽل جي مالڪياڻيءَ انهن کان پڇيو ته هوءَ انهن لئه ڇا ٿي ڪري سگهي.

”ڇا اسان کي ٻه ڪمرا ملي سگهن ٿا؟“

نوجوان پڇيو.

”ٻه ڪمرا !!؟

ڇوڪريءَ جو چهرو شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو.

”ها“ ٻه ڪمرا.

نوجوان هولڊال بيگ مان شناختي ڪارڊ ڪڍڻ لڳو. هوٽل جي مالڪياڻي کين نفرت ڀري حيرت سان چاٻيون ڏنيون. اهي ٻئي ”گڊ نائيٽ“ چوڻ کانسواءِ ئي تيزي سان مٿي ڪمرن ۾ هليا ويا.

”جيڪڏهن هو هڪ ڪمرو گهرن ها ته پوءِ توهان ڇا ڪيو ها.“ مون پڇيو، ”ڪمري مان، مان انهن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيان ها.“

مون هڪ پل سوچيو ڇا محبت ڪندڙن لاءِ ڪا ٻه جڳهه ناهي رهي. مون هوٽل جي رجسٽر تي ڏنڏي واري خاني کي عجيب نظرن سان تڪيو، ”ڇا توهان ڪوبه ڏنڏو نه ڪندا آهيو؟“ هن پڇيو.

”مان نه ٿو ڄاڻان ته منهنجو ڏنڏو ڇا آهي.“ مون وراڻيو.

بهرحال مون تڪڙ ۾ ان خالي جڳهه تي ايجنٽ لکيو ۽ اٿي بيهي رهيس، ”ڇا توهان صبح جي ڪافي پيڻ پسند ڪندو؟“ ”نه مون کي صبح سوير ئي ريل گاڏي پڪڙڻي آهي. گڊ نائيٽ.“ مگر اڳلي صبح مان دير تائين ستو رهيس. اٺين وڳي ڌاري ڪانپوءِ مان جڏهن سڄاڳ ٿيس ته گاڏي وڃي چڪي هئي. مون هوٽل جو بل ادا ڪيو ۽ ٻاهر نڪري آيس.

هلندي هلندي هڪ صاحب مون کي، ”گڊ مارننگ“ چيو ۽ مان گرجا گهر ۾ داخل ٿي ويس. گرجا گهر خالي هيو....

مان سامهون منبر وٽ جهڪيس. شايد منبر جي شمع دان جون ميڻ بتيون هاٿي هاٿي انجهيون هيون. دونهين جا ٻه ٽي گهيرا شفاف فضا ۾ تري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

رهيا هئا. اوچتو مون گذريل رات واري ڇوڪريءَ کي منبر ڪان ٿورو پري احترام سان جهڪيل ڏٺو. باقي نوجوان هڪ هٿ ۾ هولڊال سنڀاليون بي نيازيءَ سان بيٺو هئو. مون پنهنجو سوٽ ڪيس زمين تي رکيو. منهنجي دل چاهيو تہ اهو نوجوان گناه جو اعتراف ڪري، پوءِ ڪجهہ شر مساري سان مون پنهنجي ذات ۾ واجهائيندي سوال ڪيو تہ مونکي گناه جو اعتراف ڪندي ڪيڏو عرصو ٿي ويو آهي. شايد ست سال هوندو. مون کي پنهنجو وجود ناپاڪ لڳڻ لڳو. پر حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ ان لمحي تائين بہ پنهنجي لاءِ ڪا دعا نہ ڪري سگهيس. اها ڇوڪري راهب جي ڳنڍيل وڏي بڪس ۾ داخل ٿي چڪي هئي، شايد اعتراف ڪندي مون ان ڇوڪري کي عذرا مريم جي مجسمي اڳيان عقيدت وچان جهڪيل ڀاتو. عذرا مريم جي مقدس چهري ٿوري گهڻي سختيءَ جي باوجود بہ مسڪرائي ڏٺو هيو. عذرا مريم جي پٿريلي لباس تي چمڪندڙ سونهري ستارا تقريبن هاڻي جهڪا ٿي ويا هئا.

مگر ان ڇوڪريءَ ڪاڻ انهن وسيل ستارن ۾ بہ چمڪ پيدا ٿيڻ لڳي هئي. ” ڪاش! مان بہ پنهنجي لاءِ دعا ڪري سگهان. انسان تہ ڏوهاري آهي. غلطين جو مجسمو آهي.“ مان پنهنجي گناهن جي اعتراف جي لاءِ مناسب لفظ ورجائي رهيو هوس. اهو جوڙو ڪڏهو ڪو وڃي چڪو هو.

مون پنهنجو سوٽ ڪيس کوليو ۽ ميڻ بتين جو بنڊل ڪولڻ لڳس. مون ميڻ بتين جو پهريون بنڊل کوليو. پهرين ميڻ بتي دڪائي، عذرا مريم جي حضور ۾ پوءِ ساريون ميڻ بتيون جلائيندو ويس. تان جو منهنجو سوٽ ڪيس خالي ٿي ويو.

استيشن طرف ويندي مون کي پنهنجا سيئي گناهہ هڪ هڪ ڪري ياد اچڻ لڳا. منهنجي دل هاڻي هلڪي ٿي چڪي هئي. ميڻ بتيون ٺاهڻ جي فن پهريون ڀيرو منهنجي پيڙا هاڻي دل کي وشال روحاني سرور بخشيو ۽ شايد پهريون دفعو مان هن فن جو شڪر گذار ٿيس.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ازاڪ باشويس سنگر

Isaac Bashvis Singer

يدش (Yadish) ٻوليءَ جو هي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار (Orthodox قدامت پرست) يهوديءَ جي گهر ۾ ۱۹۰۴ع ڌاري پولينڊ جي شهر ليونسن (Leoncin) ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ يهودي پروهت هو. جيڪو ادب سان گڏ ٻين معاملن ۾ سخت هو. هن وارسا ۾ پنهنجي تعليم وٺڻ شروع ڪئي. پيءُ جي سختي هئڻ جي باوجود هن کي ادب سان چاهه ٿي ويو ۽ چوڏهن ورهين جي عمر ۾ هن ڪهاڻيون ۽ نظم لکڻ شروع ڪيا. هن ۱۹۲۱ع ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڊاري وارسا ۾ ربين جي مدرسي ۾ پڙهڻ شروع ڪيو. پر هو رڳو هڪ سال اتي رهيو. سال ڪانپوءِ هن ادب ۽ صحافت ۾ ڀرپور حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندس پهرين ڪهاڻي ۱۹۲۵ع ۾ ڇپي ۽ پهريون ناول Satan in Goray ۱۹۳۴ع ۾ ڇپيو. ۱۹۳۵ع ۾هو آفريڪا آيو ۽ "Brooklyn" ۾ اچي رهيو. هن Yadish ٻوليءَ ۾ ناول، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيا. جن ۾ ٽن جلدن تي ٻڌل يادگيريون، حصن وارا ناول، ڪهاڻيون، چوندِ ڪهاڻيون، Collection ۽ ٻارن لاءِ ناول شامل آهن. کيس ٻه ڀيرا ۱۹۷۰ع ۽ ۱۹۷۴ع ۾ "National award" مليو. کيس ۱۹۷۸ع ڊاري ادب جو وڏو انعام "نوبل پرائز" مليو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

بيوقوف گمپل

ازاڪ باشويس سنگر (پولينڊ)

مان گمپل نالي بيوقوف آهيان. مان پاڻ کي بيوقوف نٿو سمجهان. پر ان جي ابتڙ خبر ناهي سڄو لوڪ ائين ڇو ٿو سمجهي. انهن اهو نالو ان وقت ڏنو هو جڏهن مان اڃان اسڪول ۾ پڙهندو هوس. لوڪ ته مون تي ست نالا رکيا هئا. ٻبل، گڏهه، چرياڻ، موالي، نشائي، احمق ۽ بيوقوف پر رکو آخري نالو ڄمي ويو.

منهنجن بيوقوفين ۾ ڇا هو؟

مان آسانيءَ سان ٺڳجي ويندو هوس. هن چيو "توکي خبر آهي ته *ربي جي زال ٻار ڄڻڻ واري آهي." مان ڪجهه سوچڻ بنا اسڪول ڏانهن ڊوڙندو ويس. واهه! اهو ته ڪوڙ هو. مان به اهو ڄاڻڻ لاءِ ڪهڙو تصور ڪيو؟ ڇو جي هن کي ته وڏو پيٽ ئي نه هو. پر مون هنجو پيٽ ڪونه ڏٺو هو. جن مونکي موڪليو هو اهي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. نچڻ ڳائڻ لڳا. ۽ هڪ ڀيرو ته منهنجي مٺ ۾ ڪشمش بدران ٻڪريءَ جون ڦولهڙيون ڏيئي ويم واري عورت لاءِ موڪليائون.

مان ٻبل ڪون هيس. جيڪڏهن ڪنهن کي به ٿڦ هڻان ها ته ڪرڻڪائو جو رستو نظر اچي وڃيس ها. مان فطري طور آلسي يا ٿوٽي ناهيان.

مون سوچيو! جيڪو ٿئي پيو ٿيندو رهي. هن کي جيڪڏهن مون مان فاعدو ملي ٿو ته ڀل ملي.

اسڪول کان واپس اچي رهيو هوس گهر ڏانهن ته ڪتي جي ڀونڪ ٻڌم. مان ڪتن کان ناهيان ڊڄندو. پر حقيقت ۾ مان انهن سان گڏ ڀونڪڻ نٿو چاهيان. انهن مان شايد هڪ ڇتو هو. اهو جيڪڏهن توهان کي چڪ

*يهودي قانوندان / مذهبي تعليم ڏيندڙ/ استاد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

وجهي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت بچائي نٿي سگهي. ان ڪري مان رڙيون رڙيون. چٽيي ڏسائڻ نظر ڦيريم. سموري مارڪيٽ وحشيءَ جيان ڪلندي پانيم. پر ڪيڏو چريو هيم جو مون اهو سمجهيو، ڇو تہ اهو ڪتو نہ هو.....

جڏهن چرچائن ۽نموني بازن چاٽي ورتو تہ مان آساني سان ڏٺجي سگهان ٿو تہ هر ڪنهن مونسان پنهنجو ڀاڳ آزمايو، "گمپل، زار فرئمپول ڏانهن اچي رهيو آهي. گمپل، تربين ۾ چنڊ ڪري پيو آهي. گمپل، ننڍڙي هاڏل فرپائيس تڙ واري جاءِ پنيان خزانو لڌو آهي." ۽ ٻڌن جيان هر ڳالهہ تي اعتبار تي ڪيم. پهرين ڳالهہ تہ، هر شيءِ ممڪن آهي. جيئن "Wisdom of fathers" ۾ لکيل آهي. .... ٻيو مونکي اعتبار ڪرڻو پيو. جڏهن مان ماٺهن کي چوڻ جي همت ڪئي، "توهين ٻاراٽي ڪيو ٿا." تڏهن سيئي مون تي ڪاوڙجي پيا. "ڇا مطلب آهي تنهنجو! تون سيني کي ڪوڙو چوڻ ٿو چاهين!" مونکي ڇا ڪرڻو هو؟ مان انهن تي اعتبار ڪيو. مون اميد ڪئي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ تہ سٺا ٿيندا.

مان يتيم هيس. مونکي ڏاڏو هتي ڪٺي آيو هو. جيڪو قبر ۾ وڃي چڪو آهي. تنهنڪري هنن مونکي بيڪريءَ ۾ رکيو ۽ مون کي هنن ڪهڙو وقت ڏنو؟ هر عورت يا ڇوڪري، يا بيوقوفن جو جٿو بيڪريءَ تي اچي هڪ ٻيرو مونسان چرچو ضرور ڪندو هو، "گمپل، جنت ۾ ميلو لڳو آهي. گمپل، ربي ستن مهينن ۾ ڳابو ڄڻيو آهي. گمپل، ڳئون ڇت مٿان اڏامي رهي هئي ۽ پتل جا آنا لاٽا اٿس."

يشيوا جو هڪ شاگرد ڪريم رول خريد ڪرڻ آيو. هن چيو، "گمپل جهڙي مهل تون ڇري سان ڪيڪ تي ڪٽيو ان مهل مسيح آيو هو ۽ مئل کي ڪٺي بہ ويا."

"ڇا مطلب!" مون چيو. "مان تہ ڪنهن کي بين ڪندي بہ ڪونہ ٻڌو آ."

هن چيو، "ڇا تون ٻوڙو آهين؟"

۽ ٻوءِ سيني رڙيون ڪيون، "اسان ٻڌو هو سين. ٻڌو هو سين."

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ميڻ بتيون نچائيندڙ ريتز به آئي، گهنٽيل آواز ۾ چيائين، ”گمپل، تنهنجا پيءُ ماءُ قبر مان نڪري آيا آهن. اهي تنهنجو اوسيئڙو ڪري رهيا آهن.“

سچ اهو آهي ته مان سڀ ڪجهه ڄاڻان پيو ته ڪجهه به ناهي ٿيو. پر، جيئن ته سڄو لوڪ چئي پيو سوئي سچ هو. مان پنهنجي اَن واري صدري لاهي، ٻاهر آيس. ٿي سگهي ٿو ڪجهه ٿيو هجي..... مون قسم کنيو ته هاڻي وڏيڪ ڪنهن تي به اعتبار ڪونه ڪندس. پر انڪانسواءِ ٿيو به ته ڪو چارو نه هو. هنن مون کي منهنجهائي ڇڏيو، مان اهو به نه ڄاڻي سگهيس ته ننڍي ڳالهه جو انت ڪيڏو وڏو ٿئي ٿو.

مان ربي ڏانهن ويس جيئن ڪانئس صلاح وٺان. هن چيو، ”لکيل آهي ته تنهنجي سڄي ڄمار واري بيوقوفيءَ جي زندگي هڪ ڪلاڪ لاءِ شيطان ٿيڻ کان بهتر آهي. تون ڄريو ناهين. پر اهي ڄريا آهن جيڪي توکي بيوقوف ٿا سمجهن. جيڪي ماڻهو پاڙيسرين لاءِ شرم جو ڪارڻ بڻجندا آهن. اهي پنهنجي جنت پاڻ ٿا وڃائن.“

تنهن هوندي به جڏهن ربي جي ڪورٽ مان نڪتم ته ربي جي ڌيءَ مونکي روڪيو ۽ مون کان پڇيائين، ”تو ديوار کي چمي ڏني؟“

مون چيو، ”نه ، پر ڇا لاءِ!“

هن وراڻيو، ”اهو قانون آهي، توکي هر ٻيري ائين ئي ڪرڻو پوندو.“ ٺيڪ آ، ان ۾ ڪو نقصان نه هو. تڏهن هوءَ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. هن مونسان گهٽي ڪئي.

ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن وڃڻ چاهيو هوم، ڇو ته هرڪو منهنجي شادي ڪرائڻ لاءِ ضد ڪري رهيو هو. انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ هنن منهنجو ڪوٽ به ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. هو مونسان ڳالهائيندا رهيا، ڳالهائيندا رهيا، جيستائين مان ڪنن ۾ پاڻي نه وڌو.

هوءَ ڪنواري نه هئي. ۽ نه ئي پاڪدامن. پر هنن چيو، ”هوءَ بلڪل ڪنواري آهي.“ هوءَ منڊي هئي، پر هنن چيو ته شرم وچان منڊڪائي رهي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

آهي. هنڪي هڪ حرامي ٻار به هو، جيائون تہ اهو ٻار هن جو ننڍو ڀاءُ آهي. مون هن کي رڙيون ڪري چيو، ”توهان پنهنجو وقت وڃائي رهيا آهيو مان هن رنڊيءَ ۽ ڪچريءَ سان نہ پرٽبس.“

پر هن ڪاوڙ وچان چيو، ”اهوڳالهائڻ جو ڪهڙو ڍنگ آهي. تو ڪي حيا نہ تو ٿئي؟ اسان توکي ربي ڏانهن وٺي ٿا هلون. تون هن کي گار ڏيئي ڏوهہ ڪيو آهي.“

مون ڏٺو تہ هن ڪان آسانيءَ سان جان ٻچائي نہ سگهندس. مون سوچيو، ”هن مون کي پنهنجو نشانو بڻائڻ لاءِ سوچيو آهي. پر جڏهن تو شادي ڪندين، مڙس تہ مالڪ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هوءِ بہ راضي آهي تہ پوءِ ٺيڪ آ. جيئن تون بنا ايذاءُ زندگيءَ مان نٿو گذري سگهين ۽ نہ ئي اهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي.“

واريءَ مٿان ٺهيل هن جي مٽيءَ واري گهر ويم. اتي ويٺل جٿي ڪورس جي انداز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو.. جڏهن ايلڪا سان اتي آيم تہ سڀ چپ ٿي ويا. ڇو تہ هن کي خبر هئي تہ هوءِ ڪاوڙجي پئي ها تہ وات مان لفظن جو گوليون هن مٿان وسڻ شروع ٿين ها. مان گهر ۾ داخل ٿيس. رسن تي ڪپڙا سڪڻ لاءِ ٽنگيل هئا. هوءِ پير مان وهندڙ پوڻ کي صاف ڪرڻ ٻيٺي.... هن پنهنجا وار مٿي ڪري چوٽا ناهيا ۽ انهن کي ڪانٽي سان بند ڪيائين. اها منهنجو ساهہ ئي سڪائي وئي...

هن کي چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ مان ڪيئن هيس... مون هن کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو، ”مون کي تون بہ سچ ٻڌاءِ“ مون چيو، ”تون واقعي ڪنواري آهين؟ ۽ هي حرڪتي ٻار يا شيل تنهنجو ننڍو ڀاءُ آهي؟ مون سان ڪابہ ٺڳي نہ ڪجانءِ ڏس، مان يتيم آهيان.“

”مان بہ تہ يتيم آهيان.“ هن وراڻيو ”۽ تون تہ نڪ جي چوٽي جيان جاڏي ڪاڏي وري ٿو وڃين. انهنڪي سوچڻ نہ ڏي. اهي مون مان فاعدو وٺي سگهن ٿا. مان پنجاهہ ماڻهن جي ڪٽڻ جيترو ڏاج وٺڻ چاهيان ٿي. ۽ انڪانسواءِ ٻي چوند الڳ ٻي صورت ۾ اهي منهنجو ڇمي سگهن ٿا، توکي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

خبر آهي ڇا؟" هوءِ ڏاڍو صفائي سان ڳالهائي وئي.
مون چيو، "ڏاج تہ ڪنوار کي ملندو آهي. گهوٽ ڏاج ناهي ڏيندو."
هن وراڻيو، "مون سان سودي واري ڳالهہ نہ ڪر. يا صفا "ها" يا صفا "نہ." نہ تہ واپس هليو وڃ جتان آيو آهين."
.... اسان جو شهر غريب ناهي. اهي هر ڳالهہ لاءِ راضي ٿيا ۽ شاديءَ جون تياريون شروع ٿيون. اهو ان وقت ٿيو جڏهن اتي دستن جو وبائي مرض پکڙيل هو. شادي جي رسم قبرستان جي دروازي سامهون، مردن کي تڙ ڏيڻ واري جاءِ ويجهو ادا ٿي. سڀ ساٿي شراب ۾ مست هئا. شاديءَ جي ڀنڊڻ دوران هڪڙي خدا ترس ربي پڇيو، "جيڪڏهن ڪنوار بيوه يا طلاق ورتل آهي تہ پوءِ؟"
گورکن جي زال ورندي ڏني، "ٻئي بيوه ۽ طلاق ورتل آهن."
اها مون لاءِ خطرناڪ صورتحال هئي. مون کي ڇا ڪرڻ کپي ها؟ شادي جي شاماني مان ڀڄي وڃان ها؟
اتي ڳائڻ ۽ نچڻ بہ هو. هڪ پوڙهي منهنجي سامهون نچي رهي هئي... ڪنوار جا مائٽ خدا جي ان مهربانيءَ تي گد گد ٿي رهيا هئا...
شاديءَ جي رسم ڪانپوءِ تحفن جي لانڊ لڳي وئي. تحفن ۾ ٻهاريون، اٽي ڳوهڻ جو ٿالهہ، ٻالٽي، چمچو يا ڏوئي ۽ گهر ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيون شيون هيون. تڏهن مان ڏٺو تہ ٻہ قد آور خوبصورت جوان ٻار جو هندورو کڻي اچي رهيا هئا. "هن جي اسان کي ڪهڙي ضرورت آهي؟" مون پڇيو. هن وراڻيو، "تون پنهنجو دماغ ان ۾ نہ کپاءِ جيڪو آهي صحي آ."
سمجهي ويس تہ ٺاڪرو ڪانءُ جيان ٿيندو پيو وڃان... سوچيم ڏسندس تہ ڇا ٿو ٿئي ان مان؟ سچو شهر تہ هنن اڏ مغزين سان نٿو هلي سگهي.
(۲)
مان رات جو گهر آيس. گهرواريءَ سان سمهڻ چاهيم. پر هن مونکي ايئن ڪرڻ نہ ڏنو. "جوان ٿو هيڏي نهار ڇا اسان جي ان لاءِ شادي ڪرائي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

وئي آهي؟" مون چيو. ۽ هن وراڻيو، "مون کي ماهواري آيل آهي."

"پر ڪالهه ئي تہ هن توکي رسمن سان گڏ تڙ ڪرايو آهي ۽ انڪانپوءِ اهو ڪيئن تو تي سگهي؟"

"اج ڪالهه ناهي." هن چيو، "۽ ڪالهه اج ناهي. جيڪڏهن تون ماهواريءَ ۾ حد تيڻ پسند ڪرين تو تہ ڪري سگهين تو".

مختصر تہ مون صبر ڪيو.

اجان شادي گذري چار مهينا مس ٿيا تہ هوءَ بار ڄڻڻ لاءِ بستري داخل تي. سڄو لوڪ ڦٽيءَ جيڏا ڏند ڪڍي لڪي لڪي کلڻ لڳو. پرمان ڇا تي ڪري سگهيس.

هن کي سهڻ ڪان وڌيڪ درد تي رهيو هو. پيڙا ۾ ديوار کي چنبن سان رهنڊڙا هڻڻ لڳي، "گمپل"! هن رڙ ڪئي، "مان مران تي مونکي معاف ڪجانءِ."

سڄو گهر عورتن سان پريل هو. اهي سورن وارو پاڻي گرم ڪري رهيون هيون ۽ هن جون رڙيون اپ ڏاري رهيون هيون. مان عبادتگاهہ زبور پڙهڻ لاءِ ويس. سڄي شهر جي لوڪ ائين چاهيو تي. ٺيڪ آ. مان ڪنڊ ۾ بيهي زبور پڙهي رهيو هوس. ۽ پيا عبادتي پنهنجا ڪنڌ لوڏي رهيا هئا. هن مون کي چيو، "دعا گهر دعا!" "اي عبادت جي لائق! ڪنهن بہ عورت کي پيٽ سان نہ ڪجانءِ!" انهن مان هڪ منهنجي وات ۾ پوسو وڌو ۽ چيو، "ڳنوين لاءِ." اتي جيڪو ڪجهہ هو خدا طرفان هو.

هن هڪ پٽ کي ڄڻيو. جمعي واري ڏينهن گورڪن منهنجي ٽيبل اڳيان اٿي بيٺو. ٽيبل تي منهنجا قانوني ڪتاب رکيل هئا. محفل پريل هئي. هن اعلان ڪيو، "امير ريب گمپل توهان سيني کي پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ اوچي قسم جي ڪاڏي لاءِ دعوت ڏئي تو."

عبادتگاهہ ۾ ٺهڪ گونجيا. منهنجو چهرو جوش وچان ٻرڻ لڳو. پر ڪري ڪجهہ نہ سگهيم. سڀ ڪانپوءِ ، مذهبي رسم طور ٻار جو طهر ڪرائڻ لاءِ ذميوار هيم.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سڄو شهر ڊوڙندو آيو. تون معمولي ڪم به ناهي ڪرايو. عورتون ڪارين مرچن ۾ ڪڪڙين جا پيس ۽ شراب خاني مان شراب جو پيپ ڪٽي آيون. مان به اوترو ئي ڪاڏو پيتوجيترو ٻين. سڀني مون کي واڌايون ڏنيون. ٻار جو ڄمڻ ٿيو ۽ ٻارجو نالو منهنجي پيءُ وارو رکيو ويو. سڀ هليا ويا. مان پنهنجي زال سان اڪيلو رهجي ويس. هن مون کي پنهنجي ويجهو سڏيو.

"گمپل، تون خاموش ڇو آهين؟ڇا تنهنجو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو آهي؟"

"مان ڇا تو ڇئي سگهان؟" مون وراڻيو. "تون مون سان ڏاڍي ڪئي آ. جيڪڏهن منهنجي ماءُ ٻڌي ها ته هوءَ ٻيو ڀيرو مري وڃي ها."

هن چيو. "چريو آهين ڇا؟" تون ڪيترو ٿي مون کي بيوقوف ڪري سگهين؟......!!" مون چيو.

"توسان ڪهڙو مسئلو آهي؟" هن چيو. "اهو پنهنجي دماغ ۾ ڇا ڀري ڇڏيو اٿئي؟"

مون ڏٺو ته مون کي بدتميزيءَ سان صاف ڳالهڻ کپي، "ڇا تون سمجهين ٿي ته پنهنجي يتيمي استعمال ڪرڻ جو توصحي طريقو اختيار ڪيو آهي؟" مون چيو. " تو حرامي ٻار ڄڻيو آهي."

هن وراڻيو. "بيوقوف نه ٿيءُ ٻار تنهنجو آهي." "هي ڪيئن منهنجو ٿي سگهي ٿو؟" مون دليل ڏنو. "شادي جي سترهن هفتن ڪانپوءِ ڄائو آهي!"

هن مون کي چيو ته هي وقت کان اڳ ڄائو آهي مون چيو. "ڇاهي وقت اڳ ڄاول آهي؟" هن چيو. "منهنجي ڏاڏيءَ پڻ ٿوري عرصي ۾ ٻار ڄڻيو هو ۽ مون ان کي ورجايو آهي. جيئن ٻاڻيءَ جو هڪ ڦڙو ٻيو ٿاهيندو آهي."

هن ان لاءِ ڪيئي قسم کنيا..... مان هن تي اعتبار نه ڪيو. پر جڏهن ٻي ڏهاڙي ان مسئلي تي اسڪول جي استاد سان ڳالهه ٿي، هن چيو ته ساڳي ڳالهه آدم ۽ حوا سان به ٿي هئي.....

"دنيا ۾ اهڙي ڪا به عورت ناهي جيڪا حوا جي پوٽي نه هجي." استاد چيو.

اهو ڇا هيو؟ ڪيئن هيو؟ هن دليل ڏئي مونکي گونگو ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پر پوءِ ڪير هو جيڪو چاڻيندو هجي؟
مون پنهنجو ڏک وسارڻ شروع ڪيو. ٻار سان چرين جيان پيار ڪرڻ لڳم. جڏهن هن مون کي ڏٺو ته هٿ هلائڻ شروع ڪندو هو ۽ کڻڻ لاءِ چاهيندو هو. جڏهن روئيندو هو ته مان ٿي هيس، جنهن سان پرچندو هو. هن کي ڏندن جي هڏي مان ٺهيل چلو ۽ سنهري پَٽ واري ننڍڙي ٽوپي وٺي ڏنم.
.... مون ڏاند جيترو ڪم ٿي ڪيو. توهين چاڻو ٿا ته گهر ۾ هڪ ٻار هجي ته ڪيترو خرچ ٿي سگهي ٿو. مان ان بابت ڪوڙ نه ڳالهائيندس. مون ايلڪا کي ان مسئلي تي نا پسند نه ڪيو. هن مون کي قسم ڏنا، پٽيو، پر مان هن سان پورو نه پئجي سگهيس. هوءَ ڪيڏي مضبوط هئي! هن جي هڪ نهار توهان کان ڳالهائڻ وساري ڇڏي... مون هن جي هر لفظ کي پوڄيو. جيتوڻيڪ هن مون کي گهرا گهاءَ ڏنا.
شام جو هن لاءِ اچا نان آندم... ۽ خس خس جا ٺهيل رول به. اهي مون ٻاڻ ناهيا هئا. مون هن لاءِ چوري ڪئي ۽ هر شيءِ ڪنئي. هن تي هٿ رکڻ لاءِ ڪيس ننڍا ڪيڪ، ڪشمش ۽ بادام وارا ڪيڪ، گوشت ۽ پڊنگ... ڏنا... هن ڪاڏا، هوءَ ڏاڍي هينڊسم ۽ متاري ٿي پئي.
مون کي سڄو هفتو گهر کان ٻاهر سمهڻو هو بيڪري ۾. هڪ جمعي جي رات مان گهرآيس. هميشه جدا ٿيڻ جا عذر ڏيندي هئي. يا چار لاءِ چوندي هئي، يا پاسي ۾ ناڪن بابت، يا هڏڪي يا مٽي جو سور. توهين چاڻو ٿا ته عورتن جا ڪهڙا ڪهڙا بهانا آهن؟ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو وقت هو. اهو غلط هو. هن جو ننڍو ٻارُ، حرامي وڏو ٿي رهيو هو ۽ مون مٿان ٿي آيو، ۽ جڏهن مون هن کي کڻڻ چاهيو هوءَ وات کولي آئي. زور سان پٽڻ لڳي. منهنجي اکين اڳيان ڏنڊ تري آيو. ڏينهن ۾ ڏهه ڀيرا طلاق جي ڌمڪي ڏنائين. منهنجي جاءِ تي ٻيو ڪو هجي ها ته ڀڄي وڃي ها. پر مان انهن مان آهيان جيڪي سهي وڃن ٿا ۽ چون ٿا ڪا ڳالهه ناهي. ڇا تو ڪري سگهجي؟ ڪلهن تي بار خدا جي طرفان آهن.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هڪ رات بيڪري ۾ ڏاڍي مصيبت هئي. تنور ڦاٽي پيو. اسان سدائين ٻاهر ۾ هياسين. گهر وڃڻ ڪانسواءِ ڪوبہ چارو نہ هو. ٺنهنڪري مان گهر ويس. سوچيم مزو اچي ويو، هفتي جي وچ ۾ ئي گهر سمهڻ جو مزو وٺندس. مان ڪنهن کي بہ جاڳائڻ نٿي چاهيو. پيرن تي گهر آيس. مون کي ڏسڻ ۾ آيو تہ اهي ڪونگهرا هڪ جا نہ پر ٻن ڄڻن جا هئا. هڪ سنها ڪونگهرا ٿي هنيا ۽ ٻيا ڪونگهرا خونخوار ڏاند جيان هئا. او! مان اهو نٿي چاهيو ... مان بستري وٽ آيس. سڀ شيون ڪاريون هيون. ايلڪا مرد جي نموني هن مٿان ستل هئي. منهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها تہ هنگامو مچائي ڇڏي ها. گوڙ ڪري سمورو شهر اٿاري ها. پر منهنجي دل تي تري آيو تہ ايئن ڪرڻ سان ٻار جاڳي سگهي ٿو.

مان سڌو بيڪري ۾ آيس ۽ اتي واري ڳوڻ وڇائي سمهي رهيم ۽ صبح تائين اک بہ نہ پوتيم. مان ائين ڏکي رهيو هوس ڄڻ مون کي مليريا جو بخار هجي. "مون جهڙي گڏهہ لاءِ ڪوڙ آهي." مون پنهنجي پاڻ کي چيو.....

صبح جو ربي ڏانهن صلاح وٺڻ لاءِ ويم ۽ ان ڳالهہ سموري شهر ۾ واويلا ۽ چرپر مچائي ڇڏي... هن کي گهرايو ويو. ٻار بہ ڪٺي آئي. توهين سمجهو ٿا هن ڇا ڪيو؟ هن ان ڳالهہ کان بلڪل ئي انڪار ڪري ڇڏيو. هر ڳالهہ رد، پٿر تي ليڪي وانگر پڪي ٿي ڪيائين. "هي مٿي ڦريو آهي." هن چيو، "۽ نہ ئي مان خوابن يا فالن کي ڄاڻيان ٿي."

هنن هن مٿان رڙ ڪئي، ڌمڪي ڏنائونس، ٽيبل تي ڌڪ هنيائون، پر هن پنهنجا هٿيار ڦٽا نہ ڪيا ۽ چيائين، "اها مون تي ڪوڙي تهمت لڳائي وئي آهي."

ڪاسائي ۽ گهوڙن جا واپاري هن جي مدد ڪري رهيا هئا. ڪوس گهر جو هڪ ڇڙواڳ ڇورو مون وٽ آيو ۽ چيائين، "اسان پنهنجون اکيون تو تي رکيون ويٺا آهيون ۽ تون اسان جو نشانو آهين." انهيءَ دوران ٻار ڄڻڻ لڳو.... ربين جي ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ ايلڪا مون کان الڳ ٿي وڃي.

مون ربي کي چيو، "مان هاڻي ڇا ڪندس؟"

"توکي هاڻي طلاق ڏيڻي پوندي." ربي چيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”۽ جيڪڏهن هن طلاق نہ ميجي تہ پوءِ....؟“ مون پڇيو. هن چيو، ”ہي ڪا بہ ڳالهہ ناهي بس توکي ضرور طلاق ڏيڻي آهي.“

مون چيو، ”ٺيڪ آهي ربي. مون کي ان تي ڪجهہ سوچڻ ڏيو.“

”ان تي سوچڻو ناهي.“ هن چيو، ”تون هن سان گڏ هڪ ڇت هيٺان ڪڏهن بہ نٿو رهي سگهين.“

”۽ جيڪڏهن مان ٻار ڏسڻ چاهيان؟“ مون پڇيو، ”تون هن رنڊي کي ڇڏ.“ هن چيو، ”هن کي ان حرامي ٻار تي آرو ڪرڻ ڏي.“

مطلب تہ هن فتوى ڏني. مون کي هن ڪان ڏور رهڻ کپي. ايستائين، جيستائين مان جيئرو آهيان.

ڏينهن جو تہ مان ڪک ڪونہ ٿيس... پر رات جو جڏهن سمهيم تہ ڏاڍي تلخي محسوس ٿيڻ لڳي. مون کي ڏاڍي سڪ ۽ اڪير ٿيڻ لڳي. هوءَ ۽ ٻار ياد اچڻ لڳا. ڏاڍي ڪاوڙ آيم، پر اصل ۾ اها منهنجي ٻي پاڳي هئي.... سوچڻ لڳم تہ مان غلطين ڪانسواءِ رهي ئي نٿو سگهان. شايد اهو ڪاسائي ڇورو، جيڪو هن سان گڏ هو، اهوئي کيس هلائي رهيو هو. کيس صلاحون ڏيئي رهيو هو. عورتون تہ هونديون ڙکو ڍڳهن وارن واريون آهن. باقي عقل صفا نٿيو هوندو اٿن. ۽ تنهن ڪري اهو هن جي ڇڙ ڦير هو.

..... مون کي سوداءُ ٿي پيو.. ڏاڍو رنم . سڏ ڪا پريا. اٿو آلوٿي ويو، جتي مان سمهيل هيس.

صبح جو ربي ڏانهن ويس ۽ چيم، ”مون ئي غلطي ڪئي آهي.“ ربي ڪنب جي قلم سان لکيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن وري ڪجهہ ٿيو تہ کيس پيهر بہ اٿلي سگهي ٿو. مان پنهنجي زال جي ويجهو نہ ويس. هن ڏانهن ماني ۽ پيسا موڪليندو رهيم.

(۳)

سيني ربين حتمي فيصلي لاءِ نو مهينا ورتا. خط آيا ۽ ويا. مون سمجهيو ٿي تہ مسئلو ايڏو وڏو ناهي جيترو اينگهايو ٿي ويو. انهيءَ دوران ايلڪا هڪ ٻي ٻار کي جنم ڏنو. هن ڀيري کيس ڌيءَ پيدا ٿي. آچر ڏينهن (پاڪ ڏينهن) مان سن گاگ ويس ۽ اتي دعا گهريم تہ خدا هن تي ٻاجهہ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪري.... مون پنهنجي ڏاڏيءَ وارو نالو چوڪريءَ تي رکيو جيئن هوءَ امن ۾ رهي. شهر جا وڏ واتيا بيڪري تي آيا ۽ مٿو ڪاٽي ويا. منهنجي مسئلي ۽ غم مان فريم پول جي سيني ماٺهن مزو ماٺيو.

پنهنجي هڪ شاگرد هئان، جيڪو ايلڪا جو پاڙيسري هو. هن ڏانهن روزانو ڦلا.... ڪيڪ، ڪريم رول، پڊنگ جو ٽڪڙو يا ماڪيءَ جو ڪيڪ موڪليندو هيس... شاگرد دل وارو ڇورو هو انهن شين ۾ ڪجھ هو پنهنجي طرفان بہ ملائيندو هو. پهريائين هو مونسان ڇڙندو هو. منهنجي نڪ کي مروڙيندو هو ۽ منهنجي پاسري ۾ آڱر سان رڱها هڻندو هو. پر جڏهن ڪان هو منهنجي گهر وڃڻ لڳو. منهنجو دوست ٿي ويو. "اوياؤ گمپل!" هن مون کي چيو، "تو کي هڪ خوبصورت زال ۽ ٻہ سهڻا ٻار آهن پر تون تہ انهن جي لائق ئي ناهين."

"پر ماڻهو جيڪو ڪجھ هن لاءِ چون ٿا." مون چيو.

"ٺيڪ آ، چون، انهن کي تہ وڏيون ڇيون آهن." هن چيو، "هنن تي ڌيان نہ ڌر، ٻل بڪ بڪ ڪن. انهن کي وساري ڇڏ جيئن تو گذريل سيارو وساري ڇڏيو."

هڪ ڏينهن ربي گهرايو ۽ چيائين، "گمپل ڇا توکي پڪ آهي تہ تون پنهنجي زال تي غلط الزام هنيو هو؟"

مون چيو، "بلڪل پڪ اٿم."

"ڇو؟ هيڏانهن نهار، تو پاڻ ئي هن کي ڏٺو هو."

"اهو ضرور ڪو ڇانو هو." مون چيو.

"ڇا جو ڇانو؟"

"مان سمجھان ٿو، شهتير جو."

"تون گهر وڃين سگهين ٿو هاڻي......"

مون ربي جو هٿ پڪڙيو، ان کي چمي ڏني.

مان گهر تڪڙ ۾ ڊوڙي پهچڻ ٿي چاهيو. اها ڪا ننڍي ڳالھ نہ هئي تہ زال ۽ ٻارن کان ايترو وقت جدا رهجي. مون سوچيو. في الحال بهتر اهو آهي تہ مون کي گهر واپس شام جو وڃڻ کپي. هاڻي ڪم ڪرڻ کپي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

مون ڪنهن کي ڪجهہ ڪون چيو. .... عورتن مون کي چيڙايو، عذاب ڏنا، جيئن اهي روز ڪنديون هيون. پر منهنجو خيال هو، ”ڪرڻ ڏي.... سچ، سچ آهي. جيئن پاڻيءَ مٿان تيل...“

رات جو دير سان ڪجهہ شيون ڪنيرءَ گهر ڏانهن راهي ٿيم. چنڊ پورو هو. تارا چمڪي رهيا هئا. ڪاشيءَ روح کي ڊيڄاري رهي هئي. مان تڪڙ ۾ وڃي رهيو هوس... سيارو هو، تازي برف ڪري رهي هئي..... جيترو تيز هلي ٿي سگهيس اوترو ويم ٿي....

گهر پهتم تہ دل ائين ڌڙڪي رهي هئي جيئن ڪنهن ڏوهي جي ڌڙڪندي آهي. مان پڻ محسوس نہ ڪيو. پر دل ڌڪا ڌڪا ڪري رهي هئي.... مون آهستي ڪڙو لاٿو. اندر داخل ٿيم. ايلڪا ننڊ ستل هئي. ٻار ٿي نهار ڪيم پينگهي ۾ ستل هو. دري بہ ڏنل هئي پر چانڊوڪي وٿين مان اندر اچي رهي هئي. مون جيئن ٻي ٻار ڏٺو، مٿس ڏاڍو پيار آيم....

ان ڪانپوءِ مان بستري جي ٻلڪل ويجهو آيس ۽ ڇا ڏٺم تہ مون وارو شاگرد ايلڪا جي پڪ ۾ سمهيل آهي. چنڊ اوچتو ڪڪرن ۾ آيو ۽ ڇوڙ ڏس اونداهي ڇانئجي وئي. مان ڏڪڻ لڳس. منهنجا ڏند ڪڙڪڻ لڳا. منهنجي هٿ مان ڪيڪ ڪري پيا، ۽ هوءَ جاڳي پئي ۽ چيو، ”ڪير آهي هتي؟“

مون ٻڌڪيو، ”اهو مان آهيان.“

”گمپل؟“ هن پڇيو، ”تون هتي ڪيئن؟توکي تہ منع ٿيل آهي هتي اچڻ ڪئون.“

”ربي موڪل ڏني آهي.“ مون بخار جيان ڏڪندي جواب ڏنو.

”گمپل. ٻڌ.“ هن چيو، ”ٻنهنجي رڍ ڏسي آ. مونکي بيمار لڳي پئي.“

مان اهو ٻڌي رڍ ڏسڻ ويس... اها بلڪل ٺيڪ هئي....

ڊچندي ڊچندي واپس آيم. شاگرد غائب هو. مون پڇيو، ”ڪٿي آهي ڇورو؟“

”ڪهڙو ڇورو؟“ منهنجي زال وراڻيو.

”ڇا مطلب آهي تنهنجو؟“ مون چيو، ”تون ان سان سمهيل هئينءَ.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”اڄ ۽ ڪالهہ رات مون خواب ڏٺو هو.“ هن چيو، ”شايد اهو سچ ٿيو آهي ۽ تنهنجي روح ۾ جسم ۾ شيطان جو روح گهڙي آيو آهي.“ هوءَ رڙيون ڪرڻ لڳي، ”تون ڪني مخلوق ! ڍڳا! بدروح! جهنگلي ماڻهو! ان ڪان ٻهرين جو مان رڙيون ڪري سمورو فريم پول اٿاريان تون هتان هليو وڃ!“

ان ڪان ٻهرين جو مان پوئتي قران. هن جو پاءُ ڪوري پنيان نڪتو ۽ مون کي پنيان ڏڪ هنيائين. لڳم تہ منهنجو ڪنڌ پچي پيو... مان خاموش رهيس. ”ٺيڪ،“ هن چيو، ”اهو ڪوڙ اٿئي. هاڻي پڇڻ جي ڪر.“

ٻي ڏينهن مون شاگرد کي سڏيو. چيومانس، ”پاءُ ٻڌ!“ ان ڪان اڳ جو ڪجهہ اڳتي چوان، هن چيو، ”ڇا چوڻ تو چاهين؟“ هومون متان چڙهي ويو ۽ لڳوتہ مان چت تان ڪري پيو آهيان.

”مان قسم کڻان ٿو.“ هن چيو، ”تنهنجا پيچ ڍرا آهن. ڪنهن ڊاڪٽر ڏانهن وڃ. مون کي توتي رحم اچي ٿو.“ ۽ ڳالهہ وچي ڪٽي بيٺي.

مختصر تہ مان زال سان ويهہ سال گڏ گذاريا. هن مون کي ڇهہ ٻار ڄڻي ڏنا. جنهن ۾ چار ڏيئرون ۽ بہ پٽ هئا. انهيءَ دوران سڀ ڪجهہ ٿيو. پر مان ڇڻ تہ نہ ئي ٻڌو ٿي ۽ نہ ئي ڏٺم ٿي. مون اعتبار ٿي ڪيو... ربي تازو مون کي چيو، ”اعتبار وڏي ڪارائتي شيءِ آهي. اهو لڪيل آهي. سٺو ماڻهو پنهنجي ايمان ۽ پروسي تي گذاري سگهي ٿو.“

اوچتو منهنجي زال بيمار ٿي پئي. ڪيس ڇج تي اپار ٿيڻ لڳو.... مون ٻڌائڻ وساري ڇڏيو تہ ان وقت فريم پول ۾ منهنجي پنهنجي بيڪري هئي ۽ مان فريم پول ۾ انهن ماڻهن ۾ شمار هيس جيڪي پيسي وارا هئا. هن جي علاج لاءِ ڊاڪٽر... جادو ڳرڻ... ويڄ.... موڪليندو رهيس. ايتري تائين جو لبلن کان بہ ڊاڪٽر گهرايم. پر هاڻي دير ٿي چڪي هئي. مرڻ کان اڳ هن مون کي پنهنجي بستري جي ويجهو سڏيو ۽ چيائين، ”مون کي معاف ڪجانءِ، گمپل.“

مون چيو، ”ڇا معاف ڪيان؟ تون تہ سٺي ۽ پروسي جهڙي زال هئينءَ.“

”وو، گمپل!“ هن چيو، ”اها ڪيڏي نہ بد نيتي هئي جو اهي سمورا

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سال مون توسا دغا ڪئي، بيوفائي ڪئي ۽ هاڻي مان پاڻ کي صاف ڪرڻ چاهيان ٿي. توکي اهو چوڻو آهير تہ هي پار تنهنجا ناهن"....

".... تڏهن ڪنهن جا آهن؟" مون پڇيو.

"مونکي خبر ناهي." هن چيو، "مون وٽ تہ ڪيترائي... پر، پار تنهنجا ناهن." هن ائين چئي پنهنجو ڪنڌ هڪ پاسي اڇليو. هن جون اکيون چلڪندڙ ٿي ويون ۽ ايلڪا پڇاڙي پهتي. هن جا اڇا چپ مرڪندا ئي رهجي ويا.

مون ڀانيو، جيئن هي مئي جڻ چئي رهي هئي، "مان دوکو ڪيو ڪمپل سان. منهنجي زندگي جڻ هئي ئي ان مقصد لاءِ".

(۴)

هڪ رات جڏهن صبح ٿيڻ وارو هو. مان ننڊ ۾ خواب ٿي ڏٺو تہ شيطان جو روح آيو ۽ مون کي چيائين، "ڪمپل، تون ڇو سمهيو پيو آهين.؟"

مون چيو، "تڏهن ڇا ڪيان؟..."

"سمورڻ توسان ٺڳيون ڪيون آهن." هن چيو، "توکي بہ پنهنجي پر ۾ انهن سان دغا ڪرڻ کپي."

"مان ڪيئن سڀني دنيا سان دغا ڪري سگهان ٿو؟" مون ڪائنس پڇيو.

هن وراڻيو، "تون پنهنجو پيشاب روز ڏول ۾ ڳڏ ڪر ۽ رات جو ان کي اٽي ۾ اوتي ڇڏ ۽ فريم پول جي عقلمندن کي اهو گند کائڻ لاءِ ڏي."

"تڏهن دنيا ڇا چوندي؟" مون چيو.

"هتي ڪابہ دنيا نہ ايندي" هن چيو....

"اهو تہ ٺيڪ آهي." مان چيو، " خدا ناهي؟"

هن وراڻيو، "هتي ٻيو ڪوبہ خدا ناهي....."

هو منهنجي اکين اڳيان، ٻڪر جي ڏاڙهي، سڱن، وڏن ڏندن ۽ هڪ پڇ سان بيٺو هو. مون هن کي پڇ کان وٺي ڇڪڻ چاهيو. مون کي ڏڪڪو آيو ۽ جنهن اٽيءَ جي ٻوريءَ تي سمهيل هيم ان کان هيٺ پاسيري ير ڪري پيم. لڳم تہ ڄڻ پاسري ڀڃي پئي هجي... مون اٽي کي ڏٺو ۽ لڳم ڄڻ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

چوندو هجي، "ائين ڪر". مختصر تہ مان ان شيطان تي يقين ڪري ويٺس.

پرهہ ڦتيءَ جو شاگرد آيو. اسان اٽو ڳوهيو... ڪنهن ڪم سان شاگرد هليو ويو مان تنور جي ويجهو وينو رهيس "نيڪ آ گمپل." مون سوچيو، "تون ان جو بدلو وٺ جيڪو هو تو سان ڪندا رهيا آهن." ٻاهر پارو چمڪيو تي، پر تنور گرم هو. شعلا منهنجو چهرو گرم ڪري رهيا هئا... مون کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. هڪ ڀيرو ٻيهر خواب ڏٺو، ايلڪا کي ڪفن پاتل آهي ۽ مون کي سڏي رهي آهي،. "تو هي ڇا ڪيو گمپل؟"

مان کيس چيو، "اهو سڀ تنهنجو ڏوهہ آهي...."

"تون بيوقوف! هن چيو، "بيوقوف! مان تہ هر ڳالهہ ۾ ڪوڙي هيس ٿي. مان تہ رڳو پاڻ سان دغا ڪئي. ٻين سان تہ نہ. ان لاءِ مان سدائين سزا ماٺيندي رهندس. پر توکي ان کان بچڻ کپي."

هن جي چهري ۾ نهاريم. اهو بلڪل ڪارو هو. مان ڊڄي ويس ۽ جاڳ تي پئي. گونگن جيان وينو ئي رهيس. مون سوچيو هر شيءِ توازن ۾ ٽنگيل آهي. هڪ غلط قدم سموري زندگي وڃائي ڇڏي ٿو. پر خدا مون کي پنهنجي مدد ڏني. مان هڪ وڏي ڪوڏر ڪنئي ۽ کڏ کوٽي، اهي سيئي نان پوري ڇڏيا...

مان واپس گهرآيس ۽ پنهنجي هڙ ڪنيم ۽ اهي پيسا ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيم، "مان رات توهان جي ماءُ ڏٺي هئي." مون چيو، "هوءَ بلڪل ڪاري ٿي چڪي هئي. ڪمزور شيءِ جيان."

هو سيئي گهبرائجي ويا. پر هڪ لفظ بہ ڪون ڪڇيا.

"نيڪ آ" مون چيو، "وساري ڇڏيو تہ ڪو هتي گمپل نالي هو."

مان پنهنجو ڪوٽ، جوتا، بيگ ۽ شال ڪنئي.. ۽ روانو ٿيس. جڏهن ماڻهن مون کي گهٽيءَ ۾ ڏٺو تہ ڪين ڏاڍو تعجب ٿيو. انهن چيو، "گمپل، ڪيڏانهن تو وڃين؟" مون وراڻيو، "دنيا ۾." ۽ پوءِ مان فريم پول مان روانگي ڪئي.

مان ڌرتيءَ مٿان گهميس. سٺن ماڻهن منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو. ڪيترن سالن ڪانپوءِ مان پوڙهيو ٿي ويس. مان انهيءَ دوران ڪوڙ ٻڌم. سچ... ڪوڙ... پر گهڻي وقت ڪانپوءِ سمجهيم تہ حقيقت ۾ ڪوبہ ڪوڙ نہ هو هر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جيڪو حقيقت ۾ ڪجهہ نہ ٿو ٿئي. اهو خواب آهي. اهو هر هڪ سان ٿئي ٿو. جيڪڏهن ہي سان نہ ٿو ٿئي. سياڻي جيڪڏهن اڄ ناهي يا صدي ايندڙ سال ناهي. اهو فرق ڇا ٿي سگهي ٿو؟ مان ڪيترائي ڀيرا داستان پڙهايو آهي. جيڪو مان چيو، هاڻي هي آهي جو ڪجهہ نہ ٿو ٿي سگهي. پر سال گذرڻ ڪانپوءِ مان پڙهو تہ حقيقت ۾ اهو ٿيو ڪٿي نہ ڪٿي ٿي پيو.

هنڌ هنڌ گهمي آيس، ڪاڏي جي تيل تي ڏارين وانگر محسوس ڪرڻ لڳس. اهو ڪيترائي ڀيرا ٿيو، مان ڏاڍا ڪٽڻ لڳس ... ٻار مون ڏانهن ڊوڙندا آيا. ”ڏاڏا، ڏاڏا، اسان کي آکاڻي ٻڌاءِ ....“

اهو بہ خواب ۾ آيو آهي تہ مان ڪيترن سالن ڪانپوءِ فريم پول موٽيو هيس. ان ڪان اڳ جو هميشہ لاءِ اکيون ٻوٽيان. مان اتي آهيان. مان ايلڪا کي ڏٺو ... هوءِ واش ٽب وٽ بيٺي آهي... هن جو چهرو چمڪي رهيو آهي ۽ هن جون اکيون مشڪ جيان آهن. ڄڻ تہ ڪنهن عبادت گذار جون اکيون آهن. هوءِ مون سان ... ڳالهائي ٿي... جڏهن مونکي جاڳ ٿي تہ سڀ ڪجهہ وسري ويو... پر مان آسائش ۾ آهيان. هن منهنجي ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڏيئي ڇڏيا آهن.

...... مان روئان ٿو ۽ ليلايان ٿو، ”مون کي بہ پاڻ وٽ گهراءِ.“ هوءَ مون کي دلاسا ڏئي ٿي... هوءِ مون کي چميون ڏئي ٿي. منهنجي چهري مٿان روئي ٿي ۽ جڏهن جاڳيم تہ هن جي چمين جو احساس ۽ چپن جو احساس ۽ چپن تي سندس لوڙهيائن ڳوڙهن جو ذائقو محسوس ٿيم.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هيءَ دنيا خيالي آهي..... قبر کوٽيندڙ پنهنجي ڪوڏر تيارڪيو بيٺو آهي. قبر انتظار ۾ آهي، ڪيئان بکايل آهن. ڪفن تيار آهن. ڪفن پنهجي فقيراڻي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو آهيم.... جڏهن وقت ايندو مان خوشيءِ سان هليو ويندس. اتي ڪجهہ بہ هجي، پر اهوئي سچ هوندو بنا ڪنهن مونجهاري جي، بنا دولاب جي، بنا مسخري جي. خدا جي ئي رڳو ساراهہ هوندي. ايتري قدر جو اتي گمپل ڪنهن سان بہ دغا نہ ڪندو ۽ نہ ئي گمپل سان دغا ٿيندي.

سنڌيڪار: ممتاز بخاري.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com



گبرائيل گارشيا مارڪيز

Gabriel Garcia Marquez

هو ١٩٢٨ع ۾ Carbibean ڪان پنجاهه ميل ڏور ڪولمبيا جي ننڍڙي شهر ارڪاتاڪا (Arcataca) ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هن ١٩٤٧ع ڌاري بوگاتا Bogata جي National University ۾ قانون پڙهڻ لاءِ داخلا ورتي. ان وقت ئي سندس پهرين ڪهاڻي ڇپي ۽ ايئن هن ۾ لکڻ جو اتساهه پيدا ٿيو ۽ لکندو رهيو. اجان هو تعليم حاصل ڪري رهيو هو تہ اوچتو ملڪ ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي وئي ۽ يونيورسٽي بند ٿي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

وئي. هن ان واندڪائي کي استعمال ڪندي مضمون لکڻ شروع ڪيا. سندس مضمونن نہ رڳو صحافتي، پر سياسي دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. سندس مضمون روزاني اخبار El Universal ۾ ڇپيا انهيءَ موٽ ۾ صحافي طور ڪيس "Observer" ڪري روم، پيرس، سوويت يونين (آڳاٽي)، لنڊن، ڪارڪاس ۽ ڪيوبا موڪليو ويو. انهي دوري ۾هن دنيا جي سياسي زندگيءَ جو ڳوڙهو مشاهدو ڪيو. (جيڪو سندس لکڻين ۾ ظاهر آهي) ١٩٦١ع ۾ هو نيويارڪ کان ميڪسيڪو آيو جتي ڊراما لکيائين ۽ پڻ رسالن کي ايڊٽ پڻ ڪرڻ لڳو. ١٩٦٧ع ۾ سندس ناول One handered days of soli-dutes ڇپيو. جنهن ليٽن آمريڪا جي هن ليکڪ کي سڄي دنيا ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. سندس ناول جون پنجاهہ لک کان وڌيڪ ڪاپيون ڇپيون ۽ پنجيهن ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيو. پوءِ هو ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو رهيو. کيس ١٩٨٢ع ۾ ادب جو ”نوبل پرائز“ ڏنو ويو. سندس لکڻيون Spanish ٻولي ۾ آهن. ڪولمبيا جو ليکڪ گبرائيل گارشيا مارڪيز هن وقت ميڪسيڪو ۾ رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

محبت جي هن پاسي اوسيئڙي ۾ موت آهي

گبرائيل گارشيا مارڪيز (لئٽن آمريڪا)

سينيٽر اوني سيو سانچيز وٽ مرڻ کان اڳ ڇهه مهينا ۽ يارنهن ڏينهن هيا، جو هن کي اها عورت ملي، جيڪا سندس سڄي زندگي جي حاصلات هئي. هنن جي ملاقات دوزل نالي هڪ ڏنذليل ڳوٺ ۾ ٿي جيڪو رات رويلي اسمگلرن جي جهازن لاءِ لڪل بندرگاهه جو ڪم ڏيندو هو ۽ ٻئي طرف ڏينهن جي روشنيءَ ۾ رڃ جهڙي رستي وانگر، اهڙي سمنڊ ڏانهن ويندڙ نظر ايندو هو، جنهن جو ڪو ڪنارو نه هجي، ۽ هر جاءِ کان ايڏو پري هو جو ان ماڻهوءَ کي اتي رهڻ جي خيال ڪرڻ ئي ڏکيو هو. جيڪو ڪنهن جي قسمت بدلائڻ جو مالڪ هجي. ان ڳوٺ جو نانءُ به هڪ نموني ڀوڳ هو، جو اتي ملندڙ گل، رڳو هڪ گلاب جو گل هو. سينيٽر قميص ۾ تڏهن هنيو هو، جڏهن هو ان ٽپهريءَ جو لورافارينا سان مليو هو. هي ان چونڊ مهم جو هڪ اجتماع هو، جيڪو سينيٽر هر چوٿين سال ڪندو هو. تماشي واريون گاڏيون صبح جو ئي اچي ويون هيون. انڪانپوءِ اتي جي رهواسين جون ڀريل ٽرڪون آيون، جن کي ڪرائي تي مختلف ڳوٺن کان آندو ويندو هو. يارنهين وڳي کان ٿورو اڳ موسيقي، ڦٽاڪن ۽ مددگارن جي جيپن وچ مان ناسي رنگ جي وڏي وزارتي گاڏي ظاهر ٿي، ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ۾ سينيٽر بي اونو پرسڪون ويٺل هو، پر جيئن ئي هن دروازو کوليو ته گرم لڪ کيس لوڏي ڇڏيو. هن جي نج پَٽ جي قميص جڻ ته جوس ۾ پيجي وئي ۽ هن پاڻ کي پنهنجي عمر کان انيڪ سال وڏو ۽ اڪيلو محسوس ڪيو. هوندڻ سندس عمر ٻائيتاليهه ورهيه هئي. هن گوٽنگن کان، وڏي اعزاز سان انجنيئر جي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ گريجوئيشن ڪئي هئي. هو بيڪار طريقي سان ترجما ڪيل لاطيني ڪلاسيڪ ڪتابن جو ڪيڙو هو. جيتوڻيڪ ڪيس اپياس مان ورندو ڪجهه به نه هو. هن هڪ نرم من واري جرمن عورت سان وهانءُ ڪيو هو، جنهن کان ڪيس پنج ٻار هيا، جيڪي پنهنجن گهرن ۾ ڏاڍا خوش هيا. انهن سڀني کان وڌيڪ هو پاڻ خوش هو. جيتوڻيڪ ڪيس ٻڌايو ويو هو ته ايندڙ ڪرسمس تائين هو مري چڪو هوندو. جيستائين جلسي جون تياريون شروع ٿين، سينيٽر ان گهر لاءِ جيڪو هن ڪارڻ خاص طور تي تيار ڪيو ويو هو، آرام لاءِ هڪ ڪلاڪ ڪڍي ورتو. ليٽڻ کان اڳ هن اهو گلاب جو گل پاڻي سان ڀريل گلاس ۾ وجهي ڇڏيو. هن پرهيز وارو ڪاڏو، ڪاڏو جيڪو هو پاڻ سان گڏ رکندو هو ته جيئن ٻاڪري گوشت کان بچاءُ ڪري سگهي. وقت کان اڳتي سور جون گوريون به ڦڪي ڇڏيائين ته سور ٿئي ته ان جي دوا اڳ ئي پيٽ اندر موجود هجي. ان ڪانپوءِ هن پکو، پنهنجي پينگهي ڀرسان رکي ڇڏيو ۽ اگهاڙو ئي پندرنهن منٽن لاءِ گلاب جي چانو ۾ سمهي پيو. ڪچي ننڊ ويل ڪيئي ڀيرا، موت جي خيال تان ڌيان هٽائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر ڪانسواءِ ٻي اهو راز پاڻ وٽ سوگهو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو، جنهن جو سبب فخر نه، پر شرم هو. آرام ۽ تڙ ٻڙ ڪري جڏهن هو ٽيهريءَ وقت جلسي ۾ پهتو ته پاڻ تي مڪمل ڪنٽرول محسوس ڪري رهيو هو. هن ڪي لينون جي سٽڻ ۽ گلن ڀريل قميص پهريل هئي ۽ سندس سور ختم ڪندڙ گورين ڪري مطمئن هيو، پر پوءِ موت جي اندورني وڍ ڪٽ، سندس انومانن کان وڌيڪ هاجيڪار هئي، جو ته اسٽيج تي چڙهندي ئي هن ماڻهن لاءِ هڪ عجيب قسم جي حقارت محسوس ڪئي، جيڪي ساڻس هٿ ملائڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هيا ۽ گذريل سالن جيان انهن پيرين اگهاڙن ماڻهن لاءِ ڪيس ذرو به افسوس نه ٿيو جيڪي گرم ۽ لوسائيندڙ لڪ برداشت ڪري رهيا هيا. هن ڪاوڙ پيئندي، تاڙين جي ڦهڪي کي، هٿ سان روڪيو، گرمي کان سهڪندڙ سمنڊ تي نظرون جمائي پنهنجن هٿن کي حرڪت ڏيڻ بنائي ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن جي مانيٽي آواز ۾ پرسڪون

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جهڙي ـ انت هئي پر طوطي جيان رٽيل ۽ هر هر ورجايل تقرير سندس زبان تي سچي ڳالهه وانگر نـه. پر مارڪس ۽ ريليئس جي مراقبن جي ڪتابن ۾ لکيل ڪنهن زوريءَ مڙهيل فيصلن جي اختلاف جيان اپري رهي هئي.

"اسان هتي قدرت ڪي هارائڻ آيا آهيون."

هن پنهنجي سيني عقيدن جي برخلافي ڪندي تقرير جي شروعات ڪئي.

"اسان هاڻي پنهنجي ڌرتي تي وساريل نـه رهنداسين. اڄ ۽ ڏکي آبهوا جي هن ديس ۾ خدا جا نڌڻڪا ٽي نـه رهنداسون. پنهنجي ڌرتيءَ تي ڏيهه تڙيا ٽي نـه رهنداسين هڪ الڳ قوم هونداسين. ياٽرو ۽ پينرو! اسان هڪ عظيم ۽ خوشحال قوم هونداسين."

هن تماشي جو هڪ خاص انداز هو. هن جي تقرير جاري هئي تـه هن جي هينين ۽ نائيين ڪاغذي پکين جو ولر هوا ۾ اڏاريو. ان مصنوعي مخلوق ۾ جڻ ساهه پئجي ويو ۽ ولر تختن سان ٺهيل اسٽيج کان اڏرندو سمنڊ پاسي هليو ويو. ان وچ ۾ ٻين ماڻهن وري نم جي پنن وارا نقلي وڻ ميڙاڪي جي پاسي واري زمين ۾ ٽنبي ڇڏيا. انهن ان ڊونگ ڪي پاڻي جو پيش منظر ڪيئي مڪمل ٻڻائي ڇڏيو. ۽ ان ۾ ڳاڙهين سرن ۽ شيشي جي ڳڙڪين وارا نقلي گهر ٺهيل هيا ۽ ان نموني هن سچي زندگيءَ جي جهوريل جهوپڙين کي ڪجهه وقت لاءِ ڍڪي ڇڏيو. ان ڊونگ ڪي وڏيڪ وقت ڏيڻ خاطر هن تقرير ۾ ٻه لاطيني ٽڪرا ٽنبي ڇڏيا. هن وعدو ڪيو تـه هترادو مينهن وسائيندڙ مشين، ڪاچ ٽيندڙ جانورن جي واڌاري لاءِ هترادو اوزار، ڪلر ۾ ڀاڄيون ۽ درين ۾ گل ٽڙائيندڙ تيل مهيا ڪري ڏيندو. جڏهن هن ڏٺو تـه سندس ناٽڪي دنيا تيار آهي تـه چيائين.

"اسان جي دنيا اهڙي هوندي." هن رڙ ڪري چيو "اسان جي دنيا اهڙي هوندي، ياٽرو پينرو!"

ٻڌندڙن ڏٺو تـه رنگين ڪاغذن جو ٺهيل هڪ وڏو ٻيڙو جيڪو هن شهر جي اوچين عمارتن کان بہ اوچو هو. گهرن جي پاسي کان لنگهي رهيو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هو. اها ڳالهہ رڳو سينيٽر ئي محسوس ڪئي تہ هر هر لڳائڻ، لاهڻ ۽ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڪٽي وڃڻ ڪري ڳتي جو شهر موسمي هاڃن جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ هاڻي ايترو ئي پراڻو ۽ بيڪار آهي جيترو هي روزويل ويري ڳوٺ ٻارنهن سالن ۾ هي پهريون ڀيرو هو جو نيلسن فارمينا، سينيٽر جي آڌر ڀاءُ لاءِ نہ ويو. هن گهر جي هڪ ٿڌي ڪنڊ ۾ پينگهي ۾ آرام ڪندي لڏندي لڏندي تقرير ٻڌي. اڻ مڃيل تختن سان جڙيل هي گهر هن پنهنجن دوائون ٺاهيندڙ هٿن سان ٺاهيو هو. انهن ساڳين هٿن سان ئي هن پنهنجي پهرين گهر واريءَ کي ڳيا ڳيا ڪيو هو ۽ پوءِ هو ڊيولر ڀيٽ کان ڀڄي توتن سان پريل هڪ جهاز وسيلي روز ويل ويري پهتو هو، هن سان گڏ هڪ سانوري، سهڻن مهانڊن واري هڪ بي دين عورت بہ ساڻ هئي، جيڪا ساڻس پاراماسو ۾ ملي هئي ۽ جنهن مان هڪ ڌيءَ اٿس. ڪجهہ وقت پڄاڻان اها عورت طبعي موت مري ويئي ۽ اهڙي طرح هوءَ پهرين عورت جهڙي پڄاڻيءَ کان بچي وئي. هن جي ڌيءَ کي پيءُ جي هيڊين ۽ حيران اکين سان گڏ ماءُ جو رنگ روپ بہ ورثي ۾ مليو هو، اهڙي طرح نيلسن وٽ هي تصور ڪرڻ لاءِ سنو سبب هو تہ هو دنيا جي سهڻي عورت جي پالنا ڪري رهيو آهي. سينيٽر سان نيلسن جي پهرئين ملاقات، پهرئين چونڊ مهم دوران ٿي هئي هن ڪيس درخواست ڪئي هئي تہ هو ڪيس هڪ ڪوڙو شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏي، سينيٽر دوستاڻي پر سخت لهجي ۾ انڪار ڪيو هو، پر پوءِ بہ نيلسن آسرو نہ ڇڏيو. ڪيئي سال مختلف انداڙن سان هو پنهنجي ڪلپنا دهرائيندو رهيو. هاڻي هو هڪ سڙيل هنڌ ۾ پينگهي ۾ ليٽيل هو. هن پڄاڻيءَ جون تاڙيون ٻڌي پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ نظرون ڊوڙائيندي لڱن کي ڏٺو هن ڪابہ ڏڪار محسوس ڪرڻ بنائي ٿڪ اڇلائي.

"هون! سياست جو ٻناڪي مسخرو." هن فرينچ ٻوليءَ ۾ چيو. تقرير پڄاڻان، سينيٽر دستور موجب موسيقي ۽ ڦٽاڪن جي گونج ۾ شهر جون گهٽيون گهمڻ لڳو. پنهنجي پنهنجي ڪٿا ٻڌائيندي ماڻهن ڪيس وڪوڙي ڇڏيو هو ۽ هو سندن شڪايتون ڪليل دل سان ٻڌي رهيو هو. هن کي هر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هڪ ڪي ڪا خاص مهرباني ڪرڻ ڪانسواءِ ئي مطمئن ڪرڻ جو گر ايندو هو. ڇهن ننڍن ٻارن سان، ڪنڌ تي بيٺل هڪ عورت، شور، گوڙ ۽ هنگامي مان، جيئن تيئن ڪري پنهنجو آواز هن جي ڪنن تائين پهچايو.

"مان ڪا وڏي شيءِ نه ٿي گهرانءِ سينيٽر!" هوءَ چوڻ لڳي.

"ڦاهيءَ چڙهيل واري جي ڪوه تان ٻاٽي ٻري اچڻ لاءِ هڪ گڏهه گهرجي."

سينيٽر ڇهن سڪل ٻارن تي نظر ڦيرائيندي چيو، "تنهنجي مڙس جو ڇا ٿيو؟"

عورت خوش مزاجيءَ مان وراڻيو، "هو قسمت آزمائڻ اورما جي ٻيٽ ويو هو. پر هو اتي هڪ پرڏيهي رن جو يار ٿي ويو. اهڙيون رنون پنهنجن ڏندن ۾ هيرا جڙي رکنديون آهن."

ان جواب تي ٽهڪڙو مچي ويو.

سينيٽر چيس، "توکي گڏهه ملي ويندو." ڪجهه دير ڪانپوءِ سينيٽر جو نوڪر، عورت جي گهر گڏهه ڇڏي ويو. جنهن جي مشڪن تي اڻ مٽ رنگ سان هڪ چونڊ نعرو لکيل هو. ان ڪارڻ ته جيئن ماڻهو سينيٽر جي ان تحفي کي وساري نه سگهن. گهٽيءَ جو مفاصلو هن اهڙين ئي نوازشن سان طئه ڪيو. هن هڪ بيمار ماڻهوءَ کي، جنهن کيس ڏسڻ لاءِ پنهنجو بسترو گهر جي دروازي وٽ رکائي ڇڏيو هو. سينيٽر ان بيمار کي پنهنجن هٿن سان دوا به پيئاري. آخري موڙ وٽ سينيٽر لوڙهي جي تختن جي رتين مان، نيلسن کي پينگهي ۾ ليٽيل ڏٺو. جيڪو هيڊو ۽ اداس نظر اچي رهيو هو. سينيٽر ڪا پنهنجائپ ظاهر ڪرڻ بنائي هن جي طبيعت پڇي، "هيلو ڪيئن آهين؟"

نيلسن پينگهي ۾ پاسو ورائيندي، پنهنجي نظر جي اداسي سان کيس پڇائي ڇڏيو.

"ڪير آئون؟ توهان ته پاڻ ئي ڄاڻو ٿا." نيلسن فرينچ ۾ چيو. هن جي ڏيءَ اهي آواز ٻڌا ته اڳڻ ۾ هلي آئي. هن کي ڳوٺاڻي ۽ پراڻي پوشاڪ اوڍيل هئي، مٿي تي رنگين ڪپڙن جا پوپٽ چنبڙايا هئائين ۽ منهن تي اس

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪان بچاءَ جورنگ لڳل هيس. انهن حالتن ۾ به دنيا ۾ هن ڪان وڌيڪ سهڻي عورت جي هئڻ جو تصور ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. سينيٽر جو ساهه ئي سڪي ويو.

”مري ويس.“ سينيٽر ٿڌو ساهه ڀريو. ”ڏٽي به عجيب نموني وايون بتال ڪري ٿو.“

ان رات نيلسن پنهنجي ڏيءَ کي عمده وڳو پارائي، سينيٽر ڏانهن موڪليو. به محافظ جيڪي گرمي هئڻ ڪري اوٻاسيون ڏيئي رهيا هيا. ڪيس اڪيلي ڪرسيءَ تي اوسيئڙو ڪرڻ لاءِ چيو. سينيٽر ڪمري ۾ روز ويل ڳوٺ جي وڏن ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو. هن انهن ماڻهن کي ان ڪارڻ ڪٺو ڪيو هو ته تقرير مان رهجي ويل ڳالهيون سندن ذهن ۾ ڀري سگهي. هن جي قميص پگهر ۾ شل هئي ۽ هو سڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ”اسان ڪاغذي پکي نه ٿا کائي سگهون.“ هو چئي رهيو هو.

”مان ۽ توهان ڄاڻون ٿا جنهن ڏينهن گند جي ڍير ۾ وڻ پوتا ڦٽل هوندا، جنهن ڏينهن به ڏبن جي ڪيڙي واري هنڌ مڇيون نظر ايندي يون، ان ڏينهن نه توهان نظر ايندؤ ۽ نه مان، توهان منهنجي ڳالهه سمجهو پياني!“
ڪنهن به جواب نه ڏنو.

ان وچ ۾ سينيٽر، ڪئلنڊر مان هڪ پنو ڦاڙي، ان مان هڪ پوپٽ ٺاهيو ۽ ان کي هوا جي وهڪري ۾ اڇليو. پوپٽ هيڏي هوڏي اڏريو ۽ پوءِ اڌ کليل دروازي کان ٻاهر نڪري ويو. سينيٽر، موت جي خيال کي ريجهائي، ڳالهه ٻولهه جاري رکي چيو. ”ان ڪري مون کي اها ڳالهه ورجائڻ جي ضرورت ناهي جنهن کي اڳ ئي ڄاڻو ٿا. منهنجي ٻيهر چونڊ مون کان وڌيڪ، اوهان لاءِ فائدي واري آهي.“ نيلسن جي ڌيءَ لورافارينا، ڪاغذي پوپٽ کي ٻاهر ايندي ڏٺو. رکو هن ئي پوپٽ کي ڏٺو، جو محافظ ڏاڪن تي ننڊ پيا هيا. ڪجهه ڦيرن ڪانپوءِ، پوپٽ جا تهه کلي ويا ۽ هو پٽ سان چنبڙي پيو لورا فارينا ان کي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪ محافظ اندر تاڙين جي آواز ڪري جاڳي پيو. هن جي بيڪار ڪوشش کي ڏسندي، ننڊاکڙي لهجي ۾

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

چيائينس، ”اهو نہ لهندو اهو پٽ تي چٽيل آهي.“ ماڻهو ڪمري مان ٻاهر اچڻ لڳا تہ لورافارينا پيهر ويهي رهي. سينيٽر دروازي تي هٿ رکيو بيٺو هو. هن لورافارينا کي تڏهن ڏٺو، جڏهن سڄو ورانڊو خالي ٿي ويو.

”تون هتي ڇا ڪري رهي آهين؟“

”مونکي منهنجي پيءُ موڪليو آهي.“ هن فرينچ ۾ وراڻيو. سينيٽر سمجهي ويو. ننڍ پيل محافظن ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ لورافارينا کي غور سان ڏٺو، جنهن جو حسن، هن جي پيڙا کان وڌيڪ ڏيان وارو هو. تڏهن ڪيس پڪ ٿي وئي تہ جيڪو فيصلو ڪيس ڪرڻو هو، اهو موت ڪري ڇڏيو هو.

”اندر اچ.“ هن ڇوڪريءَ کي چيو.

لورافارينا اڱڻ ۾ پير پائيندي ئي حيران ٿي وئي. هزارين نوٽ پوپٽن جيان اڏامندي تري رهيا هيا. سينيٽر پکو بند ڪيو تہ نوٽ نستا ٿي ڪمري جي مختلف شين مٿان ويهڻ لڳا.

”ڏٺئہ؟ گندگي بہ اڏري سگهي ٿي.“ سينيٽر چيو.

لورافارينا هڪ ننڍي اسٽول تي ويهي رهي. هن جي کل جنهن جو رنگ ڳاڙهو هو تاڻيل هئي. هن جا وارا ڊگها هيا ۽ هن جون وڏيون وڏيون اکيون روشنيءَ کان بہ وڌيڪ خوبصورت هيون، سينٽر هن جي اکين جي نظرن جو پيڇو ڪيو. جيڪي آخر ان گلاب تائين پڇي ويون، جيڪو پنهنجي چمڪ وڃائي ويٺو هو.

”گلاب آهي هي؟“ سينيٽر پڇيو. ”ها.“ ڇوڪريءَ ڪجهہ اٽڪاءَ سان وراڻيو، ”مون اهي سڀ کان اڳ ديوهاڇا ۾ ڏٺا هيا.“

سينيٽر هڪ فوجي کٽ تي ويهي رهيو ۽ پنهنجي قميص جا بٽڻ کوليندي گلابن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. سيني جي کاٻي پاسي کنهن ساموندي ڌاڙيءَ جيان دل اڪريل هئي. هن آلي قميص لاهي فرش مٿان اڇلائي ۽ لورافارينا کي بوٽن لاهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو. هوءَ کٽ جي سامهون گوڏن ڀر جهڪي، سينيٽر ڪجهہ سوچيندي سندس جائزو وٺڻ لڳو. جيستائين هوءَ بوٽ جون کنهيون کوليندي رهي. سينيٽر اهو سوچي حيران

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ٿيندو رهيو تہ هن حادثي جو نياڳ، پنهي مان ڪنهن جي حصي ۾ ايندو؟
”تون اجا ٻارڙي لڳين.“ هن چيو. ”ان تي نہ وڃ“ لورافارينا وراڻيو
”آئون اپريل ۾ اٺويهن سالن جي ٿي ويندس.
”ڪهڙي تاريخ تي؟“
”ٻارنهينءَ تي،“ لورا فارينا وراڻيو.

سينيٽر هاٿي پاڻ کي ڪجهہ ٺيڪ محسوس ڪرڻ لڳو. ”اسان ٻنهي جو ستارو حمل آهي،“ سينيٽر مرڪي چوڻ لڳو. ”اهو اڪيلائيءَ جي علامت آهي.“

لورافارينا ڌيان نہ ڏنو، ڇو تہ هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ هن جي پوپٽن جو ڇا ڪري؟ هوڏي وري سينيٽر کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو لورافارينا جو ڇا ڪري؟

سينيٽر انهن اوچتين عاشقين جو عادي نہ هو ۽ اهو ڄاڻيندو هو تہ انهن ڳالهين جون پاڙون ذلت ۾ ڪپيل آهن.

سوچڻ ڪارڻ، ڪجهہ پل ڇورائڻ لاءِ هن لورافارينا کي پنهنجن گوڏن وچ ۾ سِڪ ڪري ڇيلهہ ۾ هٿ وڌا ۽ پنيءَ پر ڪٽ تي ليٽي پيو تہ کيس احساس ٿيو تہ ڇوڪري لباس هيٺان اگهاڙي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس جسم مان ڪنهن جهنگلي جانور جهڙي پراسرار خوشبو پئي آئي. پر ڇوڪريءَ جو من خوف ۾ وڪوڙيل هو ۽ جسم ٿڌي پگهر ۾ آلو.

اسان ماڻهن سان ڪوبہ پيار نہ ٿو ڪري، ”سينيٽر ٿڌو ساهہ ڀريو. لورافارينا ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪئي پر اتي رڳو ايتري هوا هئي جو هوءَ ساهہ ٿي کڻي سگهي. سينيٽر کيس سنڀالڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ سمهاريو. هن روشني وسائي ڇڏي ۽ ڪمرو گلاب جي ڇانوَ ۾ اچي ويو. ڇوڪريءَ پنهنجو پاڻ قسمت جي حوالي ڪيو. سينيٽر آهستي آهستي پنهنجو هٿ هن جي بدن تي ڦيرائيندو رهيو، پر جتي عورت پڻو اچڻ جي کيس توقع هئي، اتي ڪا سخت شيءِ ان جي واٽ ۾ رڪاوٽ بڻيل هئي.
”اڙي هي ڇا آهي.“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”ڪلف.“ چوڪري ٻڌايس.

”لعنت آهي.“ سينيٽر مشتعل ٿي چيو، ۽ اهو سوال پڇيو، جنهن جو جواب ڄاڻيندو هو.

”ڪنجي ڪٿي آهي؟“

لورافارينا سڪ جو ساهه کنيو.

”منهجي پيءَ وٽ.“ هن وراڻيو، ”هن چيو آهي ته توهان ڪنجي لاءِ پنهنجو ماڻهو موڪليو ۽ ان جي هٿ اهو لکت ۾ پيغام به ته اوهان هن جو مسئلو حل ڪندؤ.“

سينيٽر گرم ٿي ويو.

”حرامي ڏيڏر.“ هو ڪاوڙ ۾ پٽڪيو. سڪون ڪارڻ هن اکيون ٻوٽيون ۽ اماس ۾ پنهنجو پاڻ سان مليو. ”ياد رک،“ کيس ياد آيو، ”چاهي تون آهين يا ٻيو ڪو، ان ۾ وڌيڪ دير ناهي ته تون فنا ٿي ويندين ۽ ان ۾ به گھڻي دير ناهي ته تنهنجو نانءُ به نه رهندو.“

هن ان ڌڪڻي گذرڻ جو اوسيئڙو ڪيو.

”هڪ ڳالهه ٻڌاءِ.“ سينيٽر پڇيو. ”تو مون بابت ڇا ٻڌو آهي؟“

”سچي به ٻڌڻ چاهين ٿو؟“

”سچي.“

”چڱو“ لورافارينا دل ٻڌي، ”ماڻهو چوندا آهن ته تون ٻين ڪان بدتر آهين، ڇاڪاڻ جو تون مختلف آهين.“

سينيٽر تکو هو اکيون بند ڪري ڪافي وقت سانت ۾ رهيو ۽ جڏهين هن ٻيهر اکيون کوليون ته پنهنجن تمام گھڻو لڪل جبلتن ڪان موٽيل پئي لڳو.

”اوهو! ڇا ته مصيبت آهي.“ هن فيصلو ڪيو. ”پنهنجي حرامي پيءُ کي چئجانءِ ته آئون هن جو ڪم ڪري ڇڏيندس.“

”توهان چاهيو ته آئون پاڻ وڃي ڪنجي ڪٺي اچي سگھان ٿي.“ لورا فارينا چيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سينيٽر ڪيس روڪي ڇڏيو.

”ڪنجي ڪي وساري ڇڏ.“ سينيٽر چيو. ”بس ڙڳو ڪجهه وقت مون سان سمهي پئه. ماٺهو اڪيلو هجي ته ڪنهن جو ڀرسان هجڻ سٺو هوندو آهي.“

پوءِ ڇوڪريءَ گلاب ڏانهن نهاريندي، پنهنجو مٿو هن جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. سينيٽر هن جي چيلهه کي وٺي پنهنجو مٿو هن جي بغل ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ دهشت اڳيان هٿيار اڇلائي ڇڏيا.

ڇهن مهينن ۽ يارنهن ڏينهن پڄاڻان، لورافارينا جي اسڪينڊل ڪري بي قدرو ٿي ۽ ٺڪرائجي ۽ هن ڪانسواءِ مرڻ تي، ڪاوڙ ۾ روئندي، هو ساڳي حالت ۾ مري ويو.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com



نجيب محفوظ

Naguib Mahfouz

هو ۱۱ ڊسمبر ۱۹۱۱ع تي قاهره، الجماليه (هي قاهره ۾ ضلعو آهي.) ۾ پيدا ٿيو. اسڪول کان يونيورسٽيءَ تائين تعليم قاهره ۾ حاصل ڪيائين. ۱۹۳۴ع ڌاري قاهره يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي ۾ گريجوئيشن ڪيائين. ڪجهه وقت کانپوءِ هو ادب ڏانهن ڦري آيو ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. ان کان اڳ هو فلسفي جي موضوع تي مضمون لکندو هو. ۱۹۳۸ع ۾ هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "همس الجنون" پڌرو ٿيو ۽ ۱۹۳۹ع هن جو پهريون

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ناول ڇپيو. هو ڪيترن ئي اهم سرڪاري عهدن تي خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو. ڪيس ادب جي حوالي سان مصر جي حڪومت اعزاز بہ ڏنا تہ احترام بہ. ڪيس مصر جو سڀ کان وڏو اعزاز "قلواة النيل" ڏنو ويو. هو هن وقت تائين تيهن کان مٿي ناول ۽ سؤ کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکي چڪو آهي. هو اصل ۾ ناول نگار تمام وڏو آهي. سندس موضوع تاريخ، سياست ۽ سماج رهيا آهن. هن جون ڪهاڻيون ۽ ناول ڪيترين ئي ٻولين ۾ ڇپيون آهن. سندس ناول "حديث الصباح ومسا" ١٩٨٧ع ۾ ڇپيو، جنهن کان پوءِ ڪيس ١٩٨٨ع ڌاري ادب جو "نوبل پرائز" ڏنو ويو. هن وقت هو قاهره جي ويجهو اغوزا جي علائقي ۾ پنهنجي زال ۽ ٻن ڌيئرن سان رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هو سرابن ۾ مليو

نجيب محفوظ (مصر)

هن جي جسم ۾ جڻ تہ ساهہ ئي ڪونہ هو. اُئين هوءَ بنا چرپر ۾ حرڪت جي پئي هئي پنهنجي کٽ تي. هوءَ پنهنجي اکين، پنبڻين ۾ هڪ هٿ سوا، جسم جي ڪنهن بہ حصي کي حرڪت ۾ نہ آڻي سگهندي هئي، هٿ بہ ٿوري ٿوري دير بعد رڳو ڇاتيءَ تائين ئي کڻي پئي سگهي. بيماريءَ هن مان طاقت جڻ تہ نپوڙي ڪڍي هئي، هن جو ماس ڳري چڪو هو، هن جي پيلي کل جنهن مان نيراڻ جهلڪيون ڏيڻ لڳي هئي، هن جي هڏين تي جڻ تہ چڪي چڪي تاڻي وئي هئي. هوءَ يا تہ ڪنهن نقطي کي بي معني نگاهن سان تڪيندي رهندي هئي يا اکيون بند ڪيون پئي رهندي هئي. هن جي بينائي....

هن جي ڪمري جي چئن ديوارن تائين محدود رهجي وئي هئي.

عيونا ٻار جهڙي سنهي ۽ ڪمزور آواز ۾ سڏ ڪيو. "عدليا!"

مگر عدليا کي هن جي صدا ٻڌڻ ۾ نہ آئي. گهٽ ۾ گهٽ هوءَ ظاهر ائين ڪندي تہ هن نہ ٻڌو آهي. مڪر اهو هوندو تہ عيونا جو آواز تمام جهيڻو هيو يا باورچي خانو ڏور هيو يا اتي چلهہ ٻرڻ جو شور اِلاهي هيو. عيونا پنهنجي آواز کي ان ڪان نہ بلند ڪري سگهندي هئي ۽ نہ ئي هن کي سڏڻ سواءِ رهڻ هن لاءِ ممڪن هو. هن وري سڏ ڪيو. "عدليا!"

عيونا کي وري لعنت ملامت ڪندي خوف محسوس ٿيندو. هوءَ عدليا جي رحم ڪرم تي هئي. پوريءَ طرح هن جي رحم ڪرم تي. هوءَ عدليا کي راضي رکڻ لاءِ ڪنهن بہ حد تائين وڃي پئي سگهي. هوءَ هن کي سٺي پگهار، ڪپڙا ۽ کاڌو ڏيندي هئي. هن جو گهرعدليا ئي سنڀاليندي هئي. هوءَ هن گهر جي سچي پچي مالڪ بڻجي وئي هئي. عيونا هن لاءِ هاٿي ڪري بہ ڇاپئي سگهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن عدليہ هنجي نوڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪري تہ عيونا کي ايذائيندڙ اڪيلائي ۽ موت جو ڪاڏ ٿيڻ کان ڪوبہ بچائي نہ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سگهي. هن جي پوري ڪوشش هئي تہ انتهائي تڪليف ڪانسواءِ هن کي ڪابہ تڪليف نہ ڏئي. مگر هن جي وس ۾ هيو ڇا؟ جيون جون گهرجون تہ آخري هڏڪيءَ تائين هلنديون رهنديون.

هن پنهنجو سات ڇڏيندڙ طاقت کي گڏ ڪري وري سڏ ڪيو.

”عدليا!“

ڪاوڙ هن جي هڏائين سيني کي توڙڻ لڳي، پر هن پاڻ کي ان وهڪري ۾ وهڻ کان روڪي رکيو. آخر عدليا کي ٻيا ڪم بہ تہ ڪرڻا هوندا آهن.صفائي ڪرڻ، ماني پچائڻ ۽ سودو سوڌ وٺي اچڻ. هن عيونا جي ڄڻ تہ هٿن پيرن ۾ احساسن جي جڳهہ ورتي هئي. عيونا جي لاءِ هوءَ سڀ ڪجهہ هئي، اهائي ڪيس ڪائڻ پيئڻ ۾ مدد ڏينديي هئي. هن جو منهن ڌوئاريندي هئي، هن کي ويهاريندي هئي ۽ ٻيهر کٽ تي سمهاريندي هئي ۽ هن جي بيچيني دور ڪرڻ جي لاءِ هن جو پاسو مٽرائيندي هئي.

هن پنهنجي شڪايت مليل، حسرتناڪ آواز کي ٿورو مٿي ڪيو. ”عدليا!“ هن کي ڳورن پيرن جي ڌمڪ ٻڌڻ ۾ آئي، پوءِ عدليا ڪمري جي دروازي تي ظاهر ٿي. هن جي بي حسد چهري تي ڪاوڙ ۽ بچان جي هڪ مستقل ڇاپ هئي، هن ٿورو تکي آواز ۾ پڇيو، ”مون کي سڏيو، سائڻ!“

”سڏي سڏي منهنجي نڙي ويهجي وئي آهي، عدليا!“ هوءَ کٽ طرف وڌي ۽ عيونا چيو، ”مون کي هڪڙو سگريٽ ڏي.“

عدليا کٽ جي سيرانديءَ ٻيل ميز تان پيڪٽ کنيو، هڪ سگريٽ ڪڍيو. دکايو ۽ سائڻ جي چپن ۾ وجهي ڇڏيائين. ”توهان کي پتو آهي تہ سگريٽ پيئڻ، توهان لاءِ ٺيڪ نہ آهي.“

پوءِ هوءَ ڪمري مان هلي وئي.

جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن عدليا جي صبر جو جام ڇلي پيو تہ اهو عيونا لاءِ موت جي سزا کان وڌيڪ برو هوندو. هوءَ ڪنهن ٻي تي ڀروسو نہ ڪري سگهندي هئي. هن جا ٻاٽيجا ۽ ڀاٽيجيون هن جو. پنهنجي ماسيءَ جو ڪوبہ خيال نہ رکندا هئا. بلڪ انهن کي هن جي پرواهہ ئي ڪانہ هئي. هوءَ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

توجهه ۽ يادگيريءَ کان محروم، ....مايوسي سان چنبڙيل هئي ۽ موت جي آرزو مند هئي. هن جي اڪيلي پٽ جي هڪ مظاهري دوران بي وقت موت، هن جي هانو کي بيماري کان اڳ ئي چيري رکيو هو. حيرت واري ڳالهه هيءَ هئي جو، جڏهن هن جي اڪيلي ڪمائي سياست جي آڙاهه ۾ سڙي وئي، تڏهن به ڪيس سياست جي ڪا خبر ڪانه هئي ۽ نه ئي هوءَ سياست مان ذرو به متاثر ٿي هئي.

پٽ جي موت کان هڪ سال پوءِ، سنتت ئي هن جو پيءُ به روحن جي ديس هليو ويو هيو ۽ هاڻي عيونا جون دکي يادون، هن جي بيماريءَ جي اذيت ناڪ ۽ اڪيلائي جي خوفناڪ پاڇن ۾ رلي ملي ويون هيون.

بٿينا، هن جي مرحيات ڀيڻ جي ڌيءُ، گذريل سال عيد تي هن سان ملڻ آئي هئي. هوءَ هڪڙي پرائمري اسڪول جي هيڊماسترياڻي هئي ۽ رڳو اهائي هئي جنهن کي عيدن تهوارن تي عيونا جي ياد اچي ويندي هئي. هوءَ پنهنجو هڪ گلدستو ۽ مٺائيءَ جو ڏبو کڻي آئي هئي، هتي ئي کٽ ويجهو هڪ ڪرسيءَ تي ويٺي هئي. عيونا جون اکيون پرجي آيون هن چيو، ”مهرباني، بٿينا! تون ڪيئن آهين؟ سڀ ماڻهو ڪيئن آهن؟ توهان سڀني کي ڏسڻ لاءِ منهنجي دل ڪيڏو نه چاهيندي آهي، پر مون کي پڇي ئي ڪير ٿو!؟“

بٿينا، معافي هاڻي انداز ۾ مرڪي ۽ چوڻ لڳي، ”زندگي مصروفيتن سان ڀري پئي آهي، ماسي!“

”توهان ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪير آهي ڀلا. آخر مُردن کي به ڪوئي ياد ڪندو آهي ڇا؟“

”تنهنجو خيال مون کي اڪثر ايندو آهي ماسي!، مگر ڇاڪيان، مصروفيتن مان ٽائيم ئي نه ٿو ملي.“

”سيئي مونکي وساري چڪا آهن، بٿينا! مان آخر، توهان جي ماسي آهيان، توهان جي ماءُ جي اڪيلي ماءُ جائي، جيڪا زنده رهجي وئي آهي، جيڪڏهن عدليا مون کي ڇڏي وڃي ته مان هٿ پيئي پيئي ٻڪن ۾ مري

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

وڃان."

هن هڪ گهرو ۽ دردناڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ ڳالهائيندي رهي، "اسان ٽيئي ڀيٽيون، تنهنجي ماءُ، وڏي ماسي، ۽ مان ڪيڏو نه خوش رهندا هياسي."

"خدا، انهن ٻنهي تي رحمت ڪري."

"مان انهن ٻنهي کان ننڍي هيس، منهنجي خوشين جي ته ڪا حد ئي نه هئي".

"خدا ڪري ، توهان جلدي ٺيڪ ٿي وڃو، ماسي!"

"تنهنجي دعا قبول به ٿيندي، ٻشينا! مان اڪيلي رهجي وئي آهيان، مونکي سيني ڇڏي ڏنو آهي منهنجي پينشن به منهنجو ڀاڙي وارو وٺي ايندو آهي."

هن پنهنجي نبل ۽ پيلي هٿ سان پنهنجون اکيون اگهيون ۽ چوڻ لڳي، "مان ڏاڍي خوف ۾ ورتل آهيان، ٻشينا! مون کي ان ڏينهن کان ڏاڍو خوف ايندو آهي. "جڏهن عدليا مونکي ڇڏي هلي ويندي."

"ائين نه ٿيندو، ماسي! هن کي هڙو گهر ڀيو ڪٿي ملندو."

"هنکي منهنجو الاهي ڪم ڪرڻو پوي ٿو. مان هن لاءِ ڏاڍو فڪر مند رهندي آهيان."

تنهنجو پورو گهر ۽ سمورا پئسا هن جي هٿ هيٺ ته آهن، پلا هوءَ توکي ڇڏي ڇو وڃڻ لڳي؟"

"پوءِ بي مان خوف زده آهيان، مون کي هر وقت اهو فڪرڪائيندو رهندو آهي، هر وقت شڪ ويڙهيو رکندو آهي، مان هن کان ايترو ئي ڊڄندي آهيان جيترو هن جي هلي وڃڻ کان." هوءَ چپ ٿي وئي يا ته هن وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه به نه رهيو هو يا هوءَ هڪجهڙا گسيل جملا ورجائي ورجائي ڪِڪ ٿي پئي هئي. عيونا چيو، "مون کي معاف ڪجان، ٻشينا! مون وتان لفظ ڪٿي ويا آهن، وري هي ڳالهه صحيح به نه ناهي، مان توکي پنهنجي فڪرن سان يڪو تائين پريشان ڪندي رهان، صرف تون ئي ته آهين جنهن کي منهنجو خيال ايندو آهي."

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هن جو لهجو بدلجي ويو. هن پنهنجو شڪائتي انداز ختم ڪيو ۽ همدرديءَ واري لهجي ۾ پڇيو. ”هاڻي تون ٻڌاءِ پنهنجي مڙس سان ڪيئن پئي نباءِ ڪرين؟“

بثينا، ٿڌو ساهه کڻيو ۽ مختصر جواب ڏنو.

”بس ٺيڪ ئي آهي.“

”مگر اهو ڪيئن ڀلا، تون تہ هڪ بي مثال ڇوڪري آهين.“

پوءِ ، عيوناجي ٿڪل ۽ غمناڪ چپن تي هڪ ٿڪل مرڪ ظاهر ٿي، ۽ هوءَ چوڻ لڳي، ”تون ايتري تہ سهڻي آهين، بثينا! ماڻهو چوندا آهن تہ تون ائين آهين جيئن مان پنهنجي جوانيءَ ۾ هوندي هيس. سڄي خاندان ۾ هڪ تون ئي تہ منهنجي هم شڪل آهين.“

بثينا، هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ هوبهو مرڪي پئي.

”جڏهن مان گهٽي ۾ نڪرندي هيس يا دريءَ وٽ ويهندي هيس تہ سموريون اکيون مون تي کپي ويندڀون هيون“.

بثينا کلي، ۽ همدرديءَ وچان ڪيس تڪڻ لڳي. ”تون چوين ٿي تہ تنهنجي پنهنجي مڙس سان نہ ٿي نڀجي، ڇا ان ڪي احساس نہ آهي، تہ خدا هن کي ڪيڏي سهڻي نعمت ساڻ نوازيو آهي.“

”دنيا جو اهوئي دستور آهي، ماسي!“

”لعنت آ اهڙي دنيا تي.“

”دنيا جو ڇاپروسو آهي، ماسي!“

عدليا ڪاڏي جا ٿانو کڻيون ڪمري ۾ داخل ٿي. هن عيونا کي ڪٽي ويهاڻي جي سهاري ويهاريو ۽ کيس ڪاڏو کارائڻ لڳي.

هن جي دل ڪتڻ لاءِ عيونا چيو، ”ڪاڏو تمام سٺو پچايو ٿئي، عدليا!“

عدليا نہ مرڪي نہ هن جي مهرباني مڃي، ڄڻ هن عيونا جي ڳالهہ ٻڌي ئي ڪانہ هئي. ڪمزور ۽ بي وس ماڻهوءَ جي تعريف بہ بي اثر هوندي آهي.

”ڇا ٿيو آهي عدليا!“

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

”مان پنهنجي ڌيءَ جي باري ۾ سوچي رهي آهيان.“

”خدا ان کي خوش رکي، ڇا ٿيو اٿس؟“

”هوءَ پنهنجي مڙس هٿان وڏيءَ مصيبت ۾ آهي.“

”ڇو.؟ آخر هو پنهنجي سٺن پارن واري ماءُ سان اهڙوسلوڪ ڇو ٿو ڪري سگهي.“

”توهان ان کي نه ٿا ڇاڻو، سائڻ!“

”تون پنهنجي ڌيءَ کي سمجهاءِ ، هن کي ڇئو ته صبر کان ڪم وٺي.“

”جيڪڏهن هن کي طلاق ٿي وئي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟“

”ها، واقعي، پوءِ ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن عدليا پنهنجي ڌيءَ ۽ان جي اولاد کي هن گهر ۾ وٺي آئي ته پوءِ.“ عيونا ان تي اعتراض به ڪهڙو ٿي ڪري سگهي؟ هوءَ ته پوري ريت عدليا جي رحم ڪرم تي آهي، هي گهر ايترو ڪشادو ڪونهي، هن پوري خاندان جي اچڻ سان ته بلڪل بازار بڻجي ويندو، ايتري شور ۽ هنگامي ۾ هن جو ڪهڙو حشر ٿيندو ۽ پوءِ انهن سڀني جي کائڻ پيئڻ جو خرچ هوءَ ڪيئن برداشت ڪري سگهندي.

”هيءَ تولاءِ هڪ نئين تشويش آهي عيونا! شيخ طه توکي، تنهنجي شادي تي دعا ڏيندي چيو هو. ”خدا توکي عزت ڏي ۽ تنهنجي قسمت سٺي هجي.“ تنهنجي ماءُ توتي ڪيڏو نه ناز ڪندي هئي. تنهنجي شادي شده زندگي ڪيڏي سٺي ۽ خوشگوار انداز سان شروع ٿي هئي، تنهنجو مڙس هڪ عزت دار گهراڻي جو سٺو جج هيو. هن توکي هڪ وار ڪوسمو گراف سينما جي باڪس ۾ ڏسي ورتو هو ۽ تو تي، مٺو مٺيو هيو. تون هڪ محبوب زال ۽ هڪ مسرور زال هئينءَ. تنهنجو مڙس تنهنجي. حسن تي نازان، تنهنجو هٿ وٺي اوپيرا وٺي ويندو هيو. اتي هڪ وار، جڏهن هڪ پاشا توسان فري ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته فساد ٿيندي ٿيندي بچيو هو.“

”پر تنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي هي آهي، هيءَ موت واري ڪٿ، جنهن تي تون هن بي ڪس ۽ حقير عورت جي رحم ۽ ڪرم تي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پيئي آهين. هوءَ، جا نوڪي هڪ مرڪ تائين، ڪان محروم رکي ٿي."

دروازي جي گهنٽي وڳي. عيونا جون اکيون آس وچان جرڪڻ لڳيون، "ڇا ڪوئي ملڻ آيو آهي."

" ڪير آهي، عدليا!"

" پلمبر آيو آ، سائڻ!"

"وري اهوئي پلمبر، اهو سدائين هتي موجود رهي ٿو، باورچي خاني يا غسل خاني يا ڪنهن پائپ جي مرمت لاءِ آيو هوندو." نتيجن جي خوف ڪري هوءَ ڪڏهن به عدليا ڪان پڇڻ تائين جي همت نه ساري سگهندي هئي، اعتراض جو ته سوال ئي نه هو. پلمبر، جڏهن به مرضي پوندس، يا هوءَ ڪٿي زائفان هن کي سڏيندي هئي، اچي نازل ٿيندو هو. عدليا، عيونا جي ڪمري جو دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو، ته جيئن هوءَ پلمبر کي ڏسي نه سگهي. عيونا کي گهٽن ڏينهن کان ان تي شڪ هيو، پر هوءَ ڪري به ڇا پئي سگهي؟ هن جي ئي گهر ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿيندو هيو. ان جي ڪمري جي در ڪان هن پر، جنهن کي هن جي مرضي سواءِ ئي بند ڪيو ويندو هيو. ۽ اهو سڀ ڪجهه هن جي تحفظ جي نانءَ تي. هوءَ بي وس ۽ مجبور هئي. جيڪڏهن ان شخص کي ڪجهه وڏيڪ لالچ هجي ها "ان" ڪانسواءِ، يا ڪوئي شيطاني خيال هن جي ذهن ۾ واسو ڪري ته عيوناجي حفاظت ڪير ڪري پئي سگهيو؟ هوءَ ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳي. هوءَ ڏاڍي بي چين هئي، هن جو رت ٿهڪي رهيو هو. هن کي يقين هو ته هن جي مرحوم پٽ به اهڙيءَ بي رحم صورت حال جي سامهون مون وانگيان بي وسي محسوس ڪئي هوندي، جنهن کي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ماري ڇڏيو هو. مگر هوءَ ته اڌ مرده ۽ بستر جي قيدياڻي هئي.

عدليا دروازو کولي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳي، " هليو ويو."

"ڇا هن ضرورت ڪان وڏيڪ وقت نه ورتو؟" ان جي ذڪر سواءِ ئي عيونا پڇيو. "ڇا ڪيو. ان"

"باورچي خاني جو پائپ ٺيڪ ڪرائڻو هيو." هن پاڻ تي ڪنٽرول

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪندي چيو.

”پر باورچي خاني جو پائپ تہ......“

عدليا تيزي سان هن جي ڳالھ ڪٽيندي چيو، ”تمام پراڻو ٿي ويو آهي. وري وري ٺهرائڻو پوي ٿو.“

ها، هن جي وري وري مرمت ڪرڻي پوي ٿي. پليءَ نئون پائپ ئي ڇو نہ لڳايو وڃي. پلمبر جي اچڻ جي سهولت هميشہ رهندي، ٺيڪ آ، ايندو ڪري، جڏهن بہ مرضي پويس يا جڏهن عدليا چاهي، ڪيس تہ ان صورتحال کي برداشت ڪرڻوئي پوندو. ڇو تہ هن جي اکين، هٿن پيرن ۽ سيني حصن جي جڳھ آخر عدليائي تہ سنڀالي رکي هئي. هن گهر ۾ عدليا جو ڪم بہ تہ سخت ۽ ٿڪائڻ وارو آهي. پوءِ بہ هي صورت حال عيونا لاءِ برداشت کان ٻاهر رهندي ۽ ان جو نتيجو بي خوابيءَ جي صورت ۾ نڪرندو رهندو. تڏهن هڪ ڏينهن هڪ اجنبيءَ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي، عدليا اچي ٻڌايس، ”سائڻ! هڪ انڌو ماڻهو آيو آهي، هو چوي ٿو تہ پراڻن ڏينهن ۾ توهان کيس سڃاڻينديون آهيو؟“ هن جي وڏيڪ ڳالهائڻ کان پهرين ئي، ٻاهر اجنبيءَ جو زور سان ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ آيو، ”شيخ طه الشريف، سائڻ عيونا.“

هي آواز، هي نالو؛ هن پنهنجي دم ڏيندڙ ياداشت جي مدد لاءِ پڪاريو، هن جو من جي قراري کان ڇرڪي اٿيو. پوءِ يادن واسيل گلن جيان، هن کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو ”اچو، اچو شيخ طه، عدليا، کين اندر وٺي آ.“

هو، عدليا جي سهاري، لڪڻ سان رستو جاچيندو هن جي بستر وٽ آيو. هن جو عمامو ڍلو ٿي کلي ويو هو ۽ هن جي بلند پيشاني نمايان ٿي وئي هئي، اکيون اندر پيهي ويون هيس، پنبي جهڪي وئي هيس، هن جي اڏريل رنگ واري ڍلي قميض، هن جي نبل بدن کي لڪائي رکيو هو. جڏهن کيس عيونا جي سيراندي ويهاريو ويو تہ هوءَ هن سان مخاطب ٿي، ”هي منهنجو هٿ ٿي، شيخ طه، پر ان کي زور سان نہ دٻائجانءِ، ڏاڍو ڪمزور آهي.“ هن نهايت نرمي ۽ محبت سان هٿ ملايو ۽ چيو، ”خدا توکي جلد شفاياب

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪري، سائڻ عيونا."

"خدا جو شڪر آهي، جنهن وري تنهنجي صورت ڏيکاري، پوئين دفعي اسان جي ملاقات ڪڏهن ٿي هئي؟"

هن پنهنجو مٿو افسوس وچان ڌوڻيو ۽ وراڻيائين،

"ڪيترا زمانا گذري ويا."

"اهي ڪيڏا سٺا ڏينهن هيا. شيخ طه."

"خدا توکي هميشه سٺا ڏينهن ڏسڻ نصيب ڪري."

مگر ڪيئن؟ مان ته هتي موت جي پاتاريءَ تي پئي آهيان ۽ تنها آهيان."

هن آڱر سان مٿي اشارو ڪيو ۽ چيو، "هو، رحم ڪرڻ وارو آهي."

"توکي منهنجو پتو ڪيئن پيو؟"

مان پراڻي حاويلءَ جي چوڪيدار سان مليو هوس، چاچي آدم سان."

عيونا وسميل اکين سان هنجي گهنجن هاڻي چهري ڏانهن تڪيندي رهي ۽ هو بک ۽ بدحاليءَ جو اهڃاڻ ٿيو وينو هيو. جڏهن هو پراڻي حاويلي ۾ قاريءَ طور ملازم هيو. انهن ڏينهن هو ڪيترو نه مضبوط ۽ جانئو هوندو هيو. هو هرروز صبح جي نماز بعد هنن جي گهر اچي قهوو پيئندو هيو. قرآن جي تلاوت ڪندو هيو ۽ مذهبي مسئلن تي عيونا جي ماءُ جي رهنمائي ڪندو هيو. هن عيونا جي وهانو ڏينهن ڪيس دعا ڏيندي چيو هيو، "خدا توکي عزت ڏي ۽ قسمت سٺي ٿيئي." ماضيءَ جي ڌنڌليل ڪنڊ پاسن مان هڪ خوبصورت تعلق يادن ۽ لڙڪن جي صورت ۾ چڻ ته اٿلي پيو هو.

هن پنهنجا ڳري ويل جوتا لاٿا ۽ ڪرسني تي سولو ٿي ويهي رهيو ۽ قران پاڪ جي تلاوت ڪرڻ لڳو.

جڏهن هو قهوو پي چڪو. ۽ ڪمري ۾ صرف هي ٻئي وڃي رهيا ته عيونا چيو ، "مان اڪيلي ٿي وئي آهيان شيخ صه."

هن چڻ ته احتجاج ڪندي وراڻيو "پر. خدا توساڻ آهي سائڻ عيونا!"

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

” مان هر وقت فڪر مند ۽ خوفزده رهندي آهيان.“

”خدا تي آسرو ڀروسو رک، سائڻ!“

” ڪاش تو مون سان روز ملڻ اچي سگهين.“

”مان ڏاڍي سرهائيءَ سان روز ايندس پيو.“

”تنهنجا معاملا ڪيئن ٿا هلن. شيخ طه.“

”خدا جي اهائي مرضي هئي ته تلاوت جي ڪيسٽن ڪري اسان بي روزگار ٿيون. پر خدا پنهنجي غلام کي ڪڏهن به نه وساريندو آهي. هن وقت ته سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته تون غم ۽ مايوسيءَ آڏو هٿيار نه ڦٽا ڪر.“

”مون کي تشويش آهي شيخ طه. عدليا ڪانسواءِ ڪوئي به مون وٽ ناهي. جيڪڏهن هوءَ مون کي ڇڏي ته...“

” پر خدا توسان آهي سائڻ عيونا!“

”مگر مان تنها آهيان.“

هن ناراضگي مان پنهنجي هٿ کي گردش ڏني ۽ وراڻيائين. ”ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي.“

” ڇا مون غلط چيو آهي، شيخ طه؟“

” نه.... پرتنهنجو خدا تي ايمان نه رهيو آهي.“

”منهنجوايمان آهي! منهنجو پٽ ۽ منهنجو ور واري واري مون کان وڇڙي ويا، پوءِ به منهنجو ايمان آهي.“

” نه تنهنجو نه رهيو آهي، سائڻ عيونا!“

هوءَ دلگير ٿي چپ ٿي وئي. شيخ طه چيو، ”ناراض نه ٿي! جنهن دل ۾ ايمان هوندو آهي ان ۾ تشويش، خوف ۽ مايوسيءَ لاءِ ڪا به جڳهه نه هوندي آهي.“

”منهنجو ايمان آهي، پر مان موت جي پاتاريءَ تي آهيان ۽ عدليا جي رحم ڪرم تي آهيان.“

”ايمان وارا صرف خدا جي رحم ۽ ڪرم تي هوندا آهن. ڪنهن ٻئي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جي نه..."

"ان جي تبليغ ڪرڻ ڪيڏو سولو آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ ڪيڏو مشڪل."

شيخ طه افسوس مان ڪنڌ ڌوڻيو.

"منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه به نه ٿو اچي."

" مان روز تو وٽ اچڻ چاهيان ٿو."

"ضرور، خدا لڳ، شيخ!"

"پر توکي ايمان جي ضرورت آهي، نه ته هڪ پوڙهو ۽ انڌو ماڻهو تولاءِ ڇاتو ڪري سگهي." هن ٿورو ساهه پٽيو پوءِ هٽڪندي چوڻ لڳي،

"متان عدليا کي سنو نه لڳي."

"مان پوءِ نه ايندس."

"پر جيڪڏهن .... فرض ڪيو..."

"يقين رک، مان روز تو وٽ ايندس پيو. جيڪڏهن هن کي برولڳي ته وچي ديوار سان مٿو ڦيهي" عيونا گهبرايل ۽ گهٽيل آواز ۾ چوڻ لڳي،

"آهسته ڳالهاءِشيخ! اسان کي ڪيس غصو نه ڏيارڻ گهرجي."

"عيونا سائڻ! وساري ڇڏ ته تون هن جي رحم ۽ ڪرم تي آهين تون صرف خدا جي رحم ۽ ڪرم تي آهين."

"ها، ها، اسان سڀ خدا جي رحم ڪرم تي آهيون. مگر سوچ ته سهي جيڪڏهن ڪيس ڪاوڙ اچي وئي ته منهنجو ڇا ٿيندو؟"

"ڪجهه نه ٿيندو خدا جي مرضيءَ خلاف ڪجهه به نه ٿو ٿي سگهي."

"هي سچ آهي شيخ طه! پرمنهنجي اڪيلائي ۽ تنهائي جو خيال ته ڪر.جيڪڏهن هوءَ مون کي ڇڏي هلي وئي ته.."

"هوءَ توکي ڇڏي نه ويندي. سائڻ عيونا، ڇو ته هوءَ تنهنجي ان کان وڌيڪ محتاج آهي جيتري تون هنجي محتاج آهين."

"مان ته ضعيف ۽ ڪمزور آهيان، هن ۾ طاقت آهي ڪيس ڪٿي به

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪر ملي سگهي ٿو."

"ها، ڪيس ڪٿي بہ ڪر ملي سگهي ٿو، پر ملازمہ طور، هت تہ هوءَ مالڪياڻي ٿي ويٺي آهي."

"شايد تون صحيح ٿو چوين. پر حقيقت هيءَ آهي تہ مان بلڪل بي آسري ۽ بي واهہ آهيان." هن پنهنجي لٽ زمين تي هڻندي ۽ چيو، "تنهنجي اڌ بيماري تہ هن تي پاڙي ويهڻ ڪري آهي."

"پر منهنجي بيماري هڪ حقيقت آهي. ڊاڪٽرن جو اهوئي چوڻ آهي."

"مان بيماريءَ ۽ڊاڪٽرن تي يقين ناهيان رکندو. پوءِ بہ في الحال مان تنهنجي ڳالهہ مڃان ٿو. سانئڻ عيونا! فرض ڪر هوءَ توکي ڇڏي هلي وئي آهي. جيئن تہ توکي انديشو آهي تہ مان پنهنجي وڏي ڏيءَ کي تو وٽ رهڻ لاءِ وٺي ايندس. جنهن کي طلاق ٿي چڪي آهي."

هن جي اجهاميل اکين ۾ هڪ لمحي لاءِ جوت چمڪيءَ هن بي تابي مان پڇيو، "واقعي شيخ!"

"ها ها، جو نہ مان تنهنجي خاطر، هن ڪانسواءِ رهي وٺندس."

هن شرمندگيءَ مان جواب ڏنو. "پر تون تنهاڪيئن رهندين؟"

هو پهريون دفعو کليو ۽ چيائين، "ها هڪ انڌو ماڻهو اڪيلوڪيئن رهندو؟ آخر هن جي طلاق کان اڳ ۾ بہ تہ مان اڪيلوئي رهندو هوس."

"مان توتي بار نہ ٿي بنجڻ چاهيان."

"تون صرف پاڻ تي بار بڻيل آهين. خدا تنهنجي مدد ڪري."

خاموشيءَ جو هڪ لمحو آيو. جيڪو خاموشي ۽ سڪون سان تمر تار هيو.

هن ڪنگهي ڳلو صاف ڪيو ۽ قرآن جي تلاوت ڪرڻ لڳو.

هاڻي هن جي وڃڻ جو وقت هيو. هن نرميءَ سان متو ڌوڻيو. خدا حافظ چيو ۽ هليوويو عيوناکي هڪ ڊگهي سفر بعد سڪون جو احساس ٿيو. هن عدليا کي گهرايو ۽ ان کي چيو. "عدليا! ڏس شيخ طه جڏهن بہ اچن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

سندن احترام ۽ عزت سان ستقبال ڪجانءِ."

ڪاوڙ ڪان عدليا جي نرڙ تي گهنج پئجي ويا ۽ سختيءَ سان چيائين ، "پر سائڻ عيونا! هو غليظ آهي ڏاڍو غليظ آهي."

"هو اسان جي پراڻي حويليءَ جو قاري آهي، هن جي رفاقت مونکي ماءُ پيءُ کان ورثي ۾ ملي آهي."

"سائڻ! مون هن جي نرڙ تي جوئن کي رڙهندي ڏٺو آهي."

عيونا طيش ۾ اچي وئي.

"مون کي تنهن جي ڪابہ پرواهہ ڪانهي، هو بهر حال بزرگ ماڻهو آهي،" عدليا ڌمڪيءَ جي لهجي ۾ چوڻ لڳي.

"پر منهنجي ذمي اڳ ۾ ئي ايترو ڪم آهي." عيونا جي آواز ۾ نرمي اچي وئي.

"خدا جي لاءِ ائين نہ چئو. هيءُ منهنجي خواهش آهي ۽ مان توکان هن جي احترام جي آس رکان ٿي."

"پر مون پاڻ ڏٺو آهي تہ...."

عيونا هن جي ڳالهہ ڪٽي، سختي سان چيو، "هو بزرگ ماڻهو آهي. ۽ توکي منهنجو حڪم مڃڻو پوندو."

عدليا جو چهرو سخت ٿي، ڇڪجي ويو، هوءَ ڪجهہ چوڻ تي هئي مگر عيونا جي تاڪيد هن کي روڪي ڇڏيو، "توکي جيڪو ڪجهہ چيو وڃي اهو ڪر، بحث نہ ڪر."

عدليا جي چهري تي حيرت ڦهلجي وئي هن ڇرڪ ڀري عيونا ڏانهن نهاريو. هي ٻئي هڪ ٻئي کي ڪجهہ دير تائين ڏسنديون رهيون، مگر عيونا، عدليا جي تيز نظر کان هار نہ ڪاڏي. هوءَ عزم ۽ همت سان جواباً هن ڏانهن گهوريندي رهي. هن پنهنجي بيماري ۽ خوف جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي. هن کي پنهنجي وجود جي اندرين تهن ۾ فتح جي گرم حرارت محسوس ٿيڻ لڳي.

عدليا آخر ڪار پنهنجون نگاهون جهڪائي ڇڏيون ۽ منهن ٺي منهن

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

۾ ڪجهه ڇڪندي ڪمري مان ٻاهر هلي وئي. مگر عيونا معاملي کي هتي ئي ختم نہ ڪيو. هن پوريءَ ريت پر اعتماد ۽ مطمئن ٿيڻ پٺي چاهيو. هن عدليا کي وري سڏ ڪيو. عدليا ڪمري ۾ داخل ٿيندي ناگواريءَ ۽ بي صبري مان پڇيو. ”ڇا ڳالهه آهي؟ چلهہ تي ديگڙي چڙهيل آهي.“

عيونا مضبوط لهجي ۾ هن کان پڇيو. ”مون کي ٻڌاءِ تو شيخ طه جو استقبال ڪيئن ڪندينءَ؟“

”ڪهڙو شيخ طه؟“

عيونا غصي ۾ اچي رڙيون ڪرڻ لڳي. ”ڇا؟ تون مون سان مذاق ٿي ڪرين، عدليا!“

”توهان ڪاوڙ ڇوٿيون ڪيو. مون تہ اهوئي پڇيو آهي تہ شيخ طه ڪير آهي؟“

”ڇا تون شيخ طه کي نہ ٿي سڃاڻين؟“

”مان تہ هن جو نانءُ بہ نہ ٻڌو آهي.“

عيونا جدو جهد کي جاري رکڻ جي عزم سان وراڻيو. ”اهوئي پوڙهو قاري، جيڪو ڪجهه دير اڳ هتي وينو هيو، جنهن کي تو پاڻ قهوو پيش ڪيو هو.“

عدليا شڪ ۽ تشويش مان هن جي چهري ڏانهن ڏٺو. ۽ چوڻ لڳي، ”اڄ تہ گهر ۾ ڪوئي بہ نہ آيو. نہ ڪوئي قاري، نہ دنيادار. توهان اڄ ڪهڙيون ڳالهيون پيون ڪريو.“

ڪاوڙ مان عيونا جو آواز ونجي ويو. ڳلو ڀرجي آيو. ”تون ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين؟ تون ايتري گستاخ ٿي وئي آهين.“

”مون کي توهان جي ڳالهين مان خوف ٿو اچي. ڪير آهي شيخ طه.“

”ڇا تون چري ٿي وئي آهين؟ يا مون کي چري سمجهين ٿي؟“

وڏندڙ بي چينيءَ سان عدليا جواب ڏنو. ”پنهنجي ڌيءَ جو قسم کڻي چوان ٿي تہ مان شيخ طه کي نہ ڪڏهن ٻڌو آهي نہ ڏٺو آهي. عيونا جو آواز ايترو بلند ٿي ويو جيترو الاهن سالن کان نہ ٿيو هو هن رڙ ڪري چيو. ”تون

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هاٿي قسم تائين ڪائين ٿي. تون منهنجي خلاف سازش ٿي ڪرين. تون مون کي باور ڪرائڻ ٿي چاهين تہ مون کي اهڙيون شين نظر اچن ٿيون، جن جو ڪوبہ وجود نہ آهي. ڇا مان چري آهيان، ائين ٿي چاهين ٿي نہ تون، اهوئي چاهين ٿي نہ تہ مان پنهنجي آخري دوست کان بہ محروم ٿي وڃان...؟"

عدليا جون اکيون خوف وچان ڦاٽڻ لڳيون هن جي سختي ڊري ٿي وئي هوءِ ڏڪندڙ آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳي. "سانئڻ، توهان اڄ حواسن ۾ نہ آهيو."

چپ ڪر، مان توکان نہ ٿي ڊڄان، مان تنهن جي محتاج نہ آهيان. هو روز مون وٽ ايندو پيو. هي منهنجو حڪم آهي، ۽ توکي بغير بحث مباحثي جي هن کي ميٺو پوندو. خبردار، جيڪڏهن تون هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، مان توکي گهرمان ڪڍي ڇڏيندس."

عدليا جو رنگ پيلو ٿي ويو ۽ اکيون ڦاٽي ويون، هن عاجزيءَ سان چيو، "سانئڻ! پاڻ کي ٿڪايو نہ. پنهنجي ذهن کي سڪون ۾ رکو، مان تمام گهڻي خوشيءَ سان توهان جو حڪم مڃيندس."

پر عيونا، رڙيون ڪندي رهي، "ڪوڙي! ڪميني! چور!، زانيہ! مان ايترن سالن کان توکي برداشت ڪندي آئي آهيان. مان تنهنجو منحوس چهرو نہ ٿي ڏسڻ چاهيان. مونکي تنهنجي ڪابہ ضرورت نہ آهي. مون ڪانسواءِ تنهنجي ٽڪي جي قيمت بہ نہ آهي. مونکي تنهنجي ڪابہ گهرج نہ آهي، نڪري وڃ، جهنم ۾ وڃ، خدا جي نعمتن تنهنجو مٿو خراب ڪري ڇڏيو آهي. توکي شڪر ادا ڪرڻو هيو، مگر تون مون کي ڏينهن رات ذليل ڪندي رهينءَ ڊيڄاريندي رهينءَ، اذيتون ڏيندي رهينءَ، نڪري وڃ، اڄ کانپوءِ مونکي پنهنجي شڪل بہ نہ ڏيکار خدا توکي غارت ڪري..."

عدليا ڪجهہ قدم پوئتي ٿي.. دهشت هن کي گهيري ۾ وئي، ڄڻ تہ هن جي دماغ کي نپوڙي ڇڏيو هيو. اوچتو هوءَ موٽي، هيڏي هوڏي ڏٺائين ۽ پوءِ زور زور سان رڙيون ڪندي، تيز هوا جيان، ڪمري مان نڪري هلي وئي.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪاميلو جوز سيلا

هو ١٩١٦ع ڌاري اسپين جي شهر اوريا خلا ويا ۾ ڄائو. هن جي رڳن ۾ ٻن نسلن جو رت آهي. سندس پيءُ اسپيني ۽ ماءُ برطانيا جي انگريزياڻي آهي. ڪيس ننڍپڻ ۾ ڊاڪٽر بڻجڻ جو شوق هو. هن پڙهڻ شروع ڪيو. هو اڃان ميڊيڪل جو شاگرد ئي هو ته ١٩٣٧ع ڌاري اسپين ۾ گهرو ويڙهه جي باهه ٻري پئي ۽ هن جي تعليم رڪجي وئي. جيتوڻيڪ هن گهرو ويڙهه کانپوءِ ٻيهر يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتي پر هو ڊاڪٽر ٿي نه سگهيو. ڪيس علم سان

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

گڏ ادب ۾ راند جو شوق به ڏاڍو هو. هو سٺو "بل فائٽر" به هو. اداڪاري به ڪيائين، مصوري ۾ به ڏيان ڏنائين.

هن ادبي رسالو شروع ڪري ادب ۾ پير پختا ڪري ورتا. هو ڪهاڻيون به لکندو رهيو ته ناول به. هن ڊراما لکيا، سفر ناما لکيا، پر شهرت ناول نگار جي حيثيت سان ماڻيائين. سندس ناول Beeiile نے رڳو اسپيني پر دنيا جي ادب ۾ تمام وڏي جاءِ والاري ٿو. ۽ سندس ناول "فيملي آف پاسڪل ڊورائي" تي اسپيني حڪومت پابندي به هنئي. (جيڪا بعد ۾ ختم ڪئي وئي.) اهو شاهڪار ناول آهي. هو هن وقت Royal Spanish Academy جو ميمبر آهي. ڪاميلو کي ١٩٨٩ع ۾ ادب جو نوبل پرائز مليو. لکڻ جو سفر جاري آهي.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ويچارو مارسيلو

ڪاميلو جوزسيلا (اسپين)

مهينن تائين ڳوٺ ۾ هڪ ئي ذڪر ٿيندو رهيو. مارسيلو بريٽو... ملي ويل نسل وارو پرتگالي اڻ پڙهيل ۽ جذباتي شيشه ساز..... جيل مان آزاد ڪيو ويو هيو. اسان کي هن جا نوي گيت ياد هيا ۽ اهو ته خاڪي لباس پهريو، چپن تي هميشه هڪ ڪوڙي مرڪ ڪنيو، هو ڪنهن لاڏلي ۽ پالتو جانور جيان ٿڪل ٿڪل ڏسڻ ۾ ايندو هيو. اهوئي ڪوئي چاليهن ورهن جو رهيو هوندو، جن مان... جيئن هن پاڻ ئي چيو هو... گذريل ڏهه سال جيل ۾ گذاري آيو هو. هي يڪسانيت ۽ بيڪاريءَ وارو عرصو ٽن مستولن ۽ ٻن بادبانن واري ٻيڙي "سانتا ميريا" جي نقل تيار ڪرڻ صرف ٿيو هئو، جنهن کي هن شيشي جي سائي بوتل ۾ بند ڪري هڪ عظيم واقعي وارو فنپارو تخليق ڪيو هو. خدائي جاٺي ٿو ته هن ڪهڙي خوشيءَ ۾ اهو فن پارو ڊان ايلجنڊرو جي حوالي ڪيو هو. ۽ اهوئي وڪيل هيو جيڪو مارسيلو جي بي گناهي ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو هو. بلڪ مارسيلوءَ ان بوتل تي هڪ ارپنا به چنبڙائي هئي. ڪنهن گمنام ساٿيءَ جي خطاطيءَ کي بلور جي هن بوتل تي چٽيندي هن کي يارنهن مهينا لڳي ويا هئا ۽ مارسيلو بريٽو، توهان کي معلوم ٿيڻ گهرجي ته بلڪل بي گناهه هيو، هن پنهنجي زال مارٿا جي مٿي تي ڪهاڙيءَ سان وارنه ڪيو هو، حملو ڪندڙ هن جي سس سنيوارا جسٽينا يعني مارٿاجي ماءُ هئي. مگر جيئن ته پرپٺ ۾ هي قتل مارسيلوءَ ئي ڪيو هيو ۽ پوءِ جج جي خيال ۾ ان سان ڪوبه فرق ڪونه پوندو هيو ته مارسيلو اهو جرم ڪيو هيو يا نه، ان ڪري هن کي جيل موڪليو ويو ۽ اتي هن کي تقريباً ڏهه سال رهڻو پيو. ان دوران هو ڏکڻ ڏکڻ وارن کي بوتل جي منهن مان گذاري سانتا ميريا جي بادبانن ۽ مستولن ۾ الجهيو رهيو. هن جي ڪٽ پرسان ڇت تي هن جي مري ويل زال جي هڪ تصوير لڙڪيل رهندي هئي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جنھن ۾ ھن ڪارو لباس پھريو ھيو ۽ ھٿ ۾ سنگتڙيءَ جي ھڪ مکڙي ڪنيون بيٺي ھئي جوز مارتيني ڪيلوي بہ ان ڪوٺيءَ ۾ بند ھيو. ھڪ دفعي بيتانزو ۾ منھنجو ھن سان مکاميلو تي پيو. ھن ٻڌايو تہ مارسيلو تي ان تصوير جو اھڙو تہ اثر ٿيندو ھيو جو ڪنھن ڪنھن وقت ھن جي اڪيلي تفريح جي زيان ٿيڻ جي خوف کان ان بوتل کي لڪائڻو پوندو ھو. جنھن ۾ ھو جھاز ٺاھي رھيو ھو. پوءِ مارسيلو تصوير جو رخ پٺ طرف ڪري ڇڏيندو ھو. ٽن چئن ڏينھن بعد جڏھن ھن جي ذھني حالت ٺيڪ ٿيندي ھئي تہ ھو تصوير کي سڌو ڪري چرين وانگر تنھن تي چمين جو وسڪارو لائي ڏيندو ھيو. پوءِ تندن جي تڏي ۾ منھن لڪائي ٻارن وانگر روئندو رھندو ھو.

ھڪ دفعي ڪجھ نوان قانون دان اصلاحي قيد خاني ۾ اچي ڌمڪيا. ھي ماڻھو پادرين وانگر وڏي آواز ۾ غلط طريقي سان مناظرا ڪري رھيا ھيا. انھن جي ذڪر ۾ ڏوھي مرضن جو الاھي تذڪرو رھيو. ھو ھر شيءِ مان ڪيڙا ڪڍي رھيا ھئا. خدا جو ڪرڻو ائين ٿيو جو اھي ماڻھو اتي موجود ٿي ھيا جو مارسيو کي دورو پئجي ويو ۽ ائين انھن کي بغير وجہ جي اھو موضوع ھٿ اچي ويو. جنھن کي ھوءَ ”پيدائشي مجرم جون چٽيون علامتون“ قرار ڏئي رھيا ھئا.

انھن جي خيال ۾ اھو دورو سواءِ ندامت جي ٻيو ڪجھ بہ نہ ھو. تہ مارسيلو ان عورت جي نوجوانيءَ جي گل کي پريل ٻھار ۾ چٽي ڇڏيو ھو. جنھن سان ڪڏھن ھن محبت ڪئي ھئي. نوجوان قانون دان مطمئن مسڪراھٽون ۽ فتح وارا احساس ڪنيو واپس ھليا ويا. مون اڪثر پاڻ کان اھو سوال ڪيو آھي تہ جيڪڏھن انھن صاحبن کي اھو سڀ ڪجھ معلوم ٿي وڃي ھا جنھن جي دير سان اسان کي خبر پئي تہ انھن جو رد عمل ڇا ھجي ھا. اھوئي تہ ويچاري مارتا جنھن نظرنہ ايندڙ ڏاڪڻ سان سبيل سر ڪٽي برزخ ۾ پھتي ھئي تہ ھي جرم ھن جي مڙس نہ ڪيو آھي ۽ نہ ئي ان جرم جو خيال بہ سندس ذھن ۾ آيو ھيو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جذبن جي تعبير ڪرڻ ھڪ پيچيدو فعل ھوندو آھي چو تہ اسان پاڻ ئي ان کي سادو بڻائڻ نہ چاھيندا آھيون. تنھن پيچيدگي سواءِ انھن ماڻھن وٽان، جن کي اسان ڳھتيءَ مان گذرنديءَ رعب ۾ ايندي (ڪجھہ ريس ۽ خوف جي ملبل جليل جذبن سان) سلام ڪندا آھيون، جن جي لاءِ احترام ۾ اسان رستو ڇڏي بيھندا آھيون. ڪارون، ريڊيو ۽ زالن لاءِ پانھيون، واليون خريد ڪرڻ جي طاقت باقي نہ رھي ۽ اسان سادا ماڻھو جن وٽ نہ ڪارون آھن نہ ريڊيو آھي ۽ نہ ئي واليون، ايستائين جو زال بہ نہ آھي، جنن لاءِ واليون خريد ڪري سگھجن. اسان شين کي پيچيدو بڻائڻ چاھيندا آھيون. جڏھن تہ سادگيءَ ڪري چوائيندي ئي اھي شيون فھم لائق نہ ٿيون رھن؟ توھان پاڻ ئي سوچيو تہ ھي سڀ ڪجھہ چوندي مان ڇا جي ڪري مرڪي رھيو آھيان. اوھان پاڻ کان پڇو چو تہ توھان ھي شخص جي، سڌي ڳالھہ آھي.. جذبن جي تعبير نہ ٿا ڪري سگھو ۽ اھو ھيو شخص، موجود معاملي ۾ مان پاڻ آھيان. توھان سمجھو ٿا تہ مان پر اسرار نظر اچڻ لاءِ مرڪي رھيو آھيان تہ جيئن توھان منھنجي سادگيءَ تي ريس ڪري سگھو. مگر توھان جنھن ڪتاب تي چاھيو مان قسم کڻڻ لاءِ تيار آھيان تہ جيڪڏھن مان مرڪي رھيو آھيان تہ صرف ان لاءِ تہ اھو محسوس ڪندي مون کي خوف ايندو آھي تہ جيڪا ڳالھہ ھڪ دفعو منھنجي مٿان کان گذري وڃي، اھا پوءِ مونکي سمجھہ ۾ نہ ايندي آھي. منھنجي مرڪ تہ بس ايتري ئي آھي جيترو ھڪ ٻار بہ سمجھي وڃي، جيڪڏھن اھو مون کي مرڪندي ڏسي وٺي تہ ۽ اھو چاڻي وٺي تہ مان ڇا چئي رھيو آھيان. منھنجي مرڪ منھنجي ٻي وسيءَ جي ڍال آھي. ۽ مون کي ان ٻي وسيءَ سان پيار آھي چو تہ اھا سادي آھي ۽ مان ان جي ڪري بنا شرمنده ٿيڻ جي رڙ ڪري سگھان ٿو. غصي ۾ اچي سگھان ٿو. خواه اھي قانون دان ڇا بہ چوندا رھن تہ منھنجو غيظ ۽ غضب ان ڪري آھي تہ مان سادو نہ رھيو آھيان ۽ ان لاءِ تہ مون... شايد مٿي تي ڪھاڙي جي وار سان... پنھنجي خلوص ۽ پوڙھپ ۾ ھٿ اچڻ واري دولت جيان سادگيءَ کي ماري وڌو آھي.

مان توھان کي يقين سان ٻڌائي سگھان ٿو تہ ان مليل جليل نسل

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

واري مار سيلو جا ڳوڙها ندامت جو نتيجو نہ هيا. جو تہ جنهن اهو ڪم ڪيو ئي نہ هو پوءِ ان تي افسوس ڇا جو. ۽ جڏهن افسوس نہ هجي تہ ندامت جوسوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. مار سيلو جا ڳوڙها، ڪجهہ ائين سمجهہ تہ .... ۽ اها ڪيڏي نہ سادگي آهي... هن ڪي وڃائڻ جو نتيجو هيا. جنهنکي هن ڪڏهن بہ وڃائڻ نہ چاهيو هيو. هوءَ ڪيس سڄي دنيا کان وڌيڪ پياري هئي، پنهنجي ماءُ کان بہ وڌيڪ پنهنجي ملڪ پرتگال کان بہ وڌيڪ، هنن گيتن کان بہ وڌيڪ ۽ شيشي سازي جي ان پائپ کان بہ وڌيڪ جيڪو ڊان وولف هن لاءِ جينا کان ورتيون آيو هيو. مارسيلو جاڳوڙها مارتا لئہ هيا تہ هوءَ هاڻي لاتيون لنوڻ لاءِ موجود ڪانہ هئي. چمي ڏيڻ لاءِ، ۽ اهي پراڻا اداس گيت ڳائڻ جي لاءِ، جن ۾ بہ آواز ۽ هڪ گٽار استعمال ٿيندا هيا.

ڪاميلو جوز هن رام ڪهاڻيءَ لاءِ معافي گهران ٿو. مگر جڏهن مان انهن شين متعلق ڳالهائيندو آهيان تہ مون کي لڳندو آهي تہ مان ٻارن کي ڪيڏندي ڏسان پيو. ٻارن کي ان ڳالهہ مان ڪو مطلب نہ هوندو آهي تہ انهنجي راند جو انجام ڇا ٿيندو ۽ انهن کي تہ ان ڳالهہ جي پرواہ بہ نہ هوندي آهي تہ انهن واريءَ ۾ جيڪا ڪڏ کوٽي آهي گهري بہ آهي يا نہ.

اسان ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو هو تہ هي مارسيلو نہ هيو بلڪ هن جي سس جستينا هئي، جنهن مارتا کي ٽيويهن سالن جي عمر ۾ ماري ڇڏيو هو. سچ کي سامهون اچڻ ۾ ڪجهہ وقت لڳو، جو تہ موت کان ڊنل ڏائڻ مرندي مرندي الاهي وقت وٺي وئي. هن ان وقت بہ پنهنجو منهن بند ڪيون رکيو جڏهن هن جي نانيءَ کي خطرناڪ نتيجن جو مهاڏو هو. خوش نصيبيءَ سان جڏهن هن جي جهنم واصل ٿيڻ جو وقت ويجهو آيو تہ هن هڪ خط ذريعي سچ بيان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪڏهن هوءَ ائين نہ ڪري ها تہ ويچارو مارسيلو اجان تائين جيل ۾ وينو سانتا ميريا جي سنوار ۾ لڳو رهي ها. پوڙهي ايڏي تہ خبيث هئي جو هن مون کي يا پادريءَ کي بلڪ ڪنهن کي بہ سچ نہ ٻڌايو هو. مون کي ان ڳالهہ تي يقين مشڪل سان ايندو آهي تہ هوءَ ڪافر نہ هئي. حالانڪہ چوندڙ چوندا آهن تہ هوءَ موت کي ڏسي اعترافن واري کي پڪاريندي رهي هئي. بهرحال واقعو اهوئي آهي جيئن مون ٻڌايو آهي تہ هوءَ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪافر نہ هئي. هوءَ مرندي مرندي هڪ خط ڇڏي وئي جنهن ۾ سچي ڪٿا درج هئي ۽ ائين گهٽ ۾ گهٽ ايتري ئي ڪاغذي ڪاروائيءَ بعد هو معصوم شخص آزاد ٿيو. جيئن تہ هو ماهر شيشا ساز هيو ۽ ڊان وولف هن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هيو. ان ڪري پراڻي ڪارخاني ۾ هن کي نوڪري ملي وئي. هن جي اٿهوند ۾ ڪارخاني ۾ ٻن شعبن جو اضافو ٿي چڪو هيو. جيڪڏهن خوش نہ بہ هيو پوءِ بہ خاموشي سان پنهنجو ڪم ڪندو رهندو هيو.

ٻہ سال چپ چپات ۾ گذري ويا، پوءِ اوچتو اسان کي پتو پيو تہ مارسيلو بريتو اڪيلائن مان گهبرائجي ٻي شاديءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.

اڪيلائي.... ۽ مار سيلو ان جوعادي هيو، هو هميشہ پنهنجي ماحول کان الڳ ٿلڳ رهندو هيو. بلڪل ائين جيئن گذاريل ڏينهن ۾ مارتيني ڪيلوي سان هڪ ئي ڪوٺيءَ ۾ بند هيو... ايتري قدر شديد، ڪوڙي ۽ برداشت کان ٻاهر ٿي وئي جو مارسيلو ڪجهہ خوف ۽ ڪجهہ خود غرض هٿان (آخر ذڪر واري پاسي کان هو پاڻ بي خبر هيو ۽ يقينن ان جو انڪار ڪيو هوندائين) هن فيصلو ڪيو تہ وري کان هو پنهنجا ڪاغذ درست ڪري (جن ۾ مارتا جي موت جو تصديق نامون بہ شامل هيو) ۽ نئون گهر وسائي.. پادري ريماندوءَ شاديءَ جي تقريب ۾ بلڪل اهي ئي الفاظ چيا هيا.

هن وار هن شاديءَ لاءِ ريلوي ڦاٽڪ جي چوڪيدار جي ڌيءَ دولورس جي چونڊ ڪئي هئي. مارسيلو ان فيصلي تي گهڻي عرصي تائين غور ڪيو. هن جي پيشن گوئيءَ دڪدائڪ ماضيءَ کان بچڻ لاءِ ڪيئي طريقا سوچيا ۽ استعمال ڪيا هئا. چوندا آهن تہ هن پنهنجي ٽيڻ واري سس کي مهينن تائين عجيب ۽ غريب امتحانن ۾ رڌل رکيو. ڊولورس جي ماءُ جيسنتا، ڪنهن رڌ جيان سادي ۽ بي وقوف هئي، مگر پنهنجي خوبين ڪري پنهنجي نانيءَ جي وچايل هر داءُ مان بچي نڪتي. معصوميت آخر ڪار هر امتحان مان سرخرو ٿي نڪرندي آهي.

دولورس هڪ ملاح جي، جنهن کي سمنڊ ڳهي ڇڏيو هو، نوجوان ۽ سندر بيوه هئي. هن جي شاديءَ جي نشاني هڪ ڇئن سالن وارو پٽ هيو

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جنهن ڪي پي يارنهن سال اڳ هڪ مال گاڏيءَ بغير ڪنهن وارننگ جي گذرندي چيٿاڙي ڇڏيو هو. شايد توهان ڄاڻيندا هجو ته ڄڏهن به گاڏيون اڳيان پوئتان هلنديون ايندڙ گاڏيءَ متعلق ڦاٽڪ واري کي اطلاع نه ڪيو وڃي هجي ته اڳي گاڏيءَ جي انجڻ ساڻ هڪ سائي رولتين وارننگ طور لٽڪائي ويندي آهي. هاڻي سينيٽاگو ڪان ايندڙ گاڏي تي، جنهن پويان مال گاڏي پئي آئي، اهڙي ڪابه لالٽين ڪانه آهي ۽ جيڪڏهن هئي ته وسامي چڪي هئي، جو ته ان کي پرندي ڪنهن به نه ڏٺو هو. پوءِ ٿيو ائين جو ڊولورس پنهنجي پار ڪان بي خبر پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهي ۽ مال گاڏي جا پتيهه گاڏا ئي پار مٿان گذري ويا. هن جو ننڍڙو مٿڙو پيسجي ويو. پهريائين پار لاءِ دعا ڪئي وئي پوءِ پوسٽ مارٽم ٿيو. آخرڪار لاش کي هڪ سفيد تابوت ۾ رکي دفن ڪري ڇڏيو ويو. هي تابوت ريلوي ڪمپنيءَ عنايت ڪيو هو.

ريلوي مينيجر، چيف آف سروسز کي واقعي جو ذميدار قرار ڏنو، چيف آف سروسز لا ايسڪي ليوتڊجي اسٽيشن ماسٽر کي سزاوار قرار ڏنو، اسٽيشن ماسٽر انجنيئر مٿان اهو الزام ٿپي ڇڏيو ۽ انجنيئر لائيتن وسائڻ جي ذميدار هوا مٿان وجهي ڇڏي ۽ هوا.... مونکي ڪلڻ جي اجازت ڏيو... ڪنهن اڳيان به جوابده نه هوندي آهي.

حالانڪ گهوٽ ۽ ڪنوار هڪڙي هڪڙي شادي نبائي چڪا هيا. مطلب ڪيڏيل ڪاڏل هيا. مگر پوءِ به شاديءَ ۾ گار گند جو موقعو نه آيو. ڄاڻو ماڻهو ته پارن جيان همدرد ۽ محبت ڪندڙ هوندا آهن، مارسيلو ۽ ڊولورس تي جيڪا ڪجهه گذري چڪي هئي، انهن پنهي کان وڌيڪ پيار ۽ محبت جو مستحق ڪير ٿي سگهندو هو. مهينا گذرندا ويا. شاديءَ جي ٺيڪ هڪ ورهه بعد انهن کي هڪ پٽ ڄائو. ننڍڙي پار کي ڏسي پيار اچي ويندو هو. پيءُ ته خوشيءَ ۾ ته ماپيو ئي نه هيو. ڇوڪرو اڃان چند مهينن جو ئي هيو جو گرميون اچي پڳيون. هر روز شيشه سازيءَ جو ڪم ختم ڪري مارسيلو زال ۽ پٽ کي وٺي دريا ڪناري پهچي ويندو هيو. پار کي ڪمبل تي ليٽائي پئي وقت ڪاٽڻ لاءِ تاش کيڏندا رهندا هيا. آچر ڏينهن هو شراب ۽

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪائڻ پيئڻ جون پيون شيون به وٺي هلندا هيا ۽ گٽار به کڻندا هيا. (مارسيلوءَ نئون گٽار خريد ڪيو هو. پهريون گٽار هن جي سس جسٽينا هينيان اڳ پورا پورا ٽي ويو هو.)

گهريلو زندگي سٺي ڪٽجي رهي هئي. جيتوڻيڪ هو خوشحال نه هيا. مگر محتاج به نه هيا. جڏهن ڊولورس بيٽابيل جي ڪائيون چيرڻ واري ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته هنن کي روپين پئسن جي بلڪل تنگي نه رهي. ڇوڪرو ٿورو ٿورو وڌو ٿيندو رهيو. هن جي صحت به بلڪل ٺيڪ هئي. يعني زندگي جا جيڪي به ٿورا گهڻا ڏينهن بچيا هيا هو ان مان پوريءَ ريت مزو وٺڻ جي موڊ ۾ هيا.

پهرين هن هڪ ڏند ڪڍيو. پوءِ پيرڙا پيرڙا هلڻ لڳو ۽ پوءِ ڳالهيون ڪرڻ لڳو. پنجن سالن جي عمر تائين ننڍڙي ڳاڙهي وات ۽ مضبوط هٿن پانهن وارو، سهڻو ڇوڪرو ٺڄي ويو هو. هن کي ڪڏهن به خسري يا ڪنگهه جي شڪايت نه رهي. هن کي ڏندن ڪڍڻ واري تڪليف به ڪانه ٿي. هن جا پي ماءُ هاڻ به هر آچر جو شراب، قيمو ۽ گٽار کڻي درياهه ڪناري ويندا هيا. جڏهن هو ڳائيندي ڳائيندي ٿڪجي ٿي پيا ته هميشه تاس کيڏڻ لڳندا هيا. مارسيلو هميشه پنهنجي زال سان کل يوڳ ڪندو هيو ته هن چاٽي واٽي هارايو هو ۽ ڊولورس هن سان روايتي سنجيدگي، ڪجهه غير سنجيده ڳنڀيرائپ سان پيش ايندي هئي. بنيادي طور تي جذباتي طبيعت واري مارسيلو کي هن جي هيءَ ادا ڏاڍي وڻي.

هو ڇوڪري جا جوتا لاهي ڇڏيندا هيا. هو ڪڏهن گاهه تي ڊوڙندو وتندو هو ۽ ڪڏهن ورياسي ڪناري تي وڃي ويهي رهندو هيو. هن جي پتلون جا پائنچا مٽي ڪيا ويندا هيا ته جيئن هو پاڻيءَ ۾ پير وجهي سگهي....

۽ پوءِ هڪ ڏينهن تقدير ويچاري مارسيلو سان هڪ پيو ظلم ڪيو.... اهوئي ٿيو جنهن جو هر ڪنهن کي خطرو هيو (حالانڪ ڪنهن به واقعي ڪان اڳ ۾ انهيءَ خدشي جو ذڪر نه ڪيو هيو) خدائي بهتر ڄاڻي ته ڇوڪرو پاڻيءَ ۾ ڪريو، هن جو پير ترڪي پيو يا هن توازن وڃائي ڇڏيو يا هن کي ٿوري ننڊ آئي، بهر حال ڇوڪرو لهرن جي نذر ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

خدائي بهتر ڄاڻي ٿو ته معصوم فرشتي تي ڇا گذريو. ڊان اينلمو، جيڪو پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جي اذيت ڪان آشنا هيو، هميشه مارسيلوءَ جي پٽ جي ٻي وسيءَ وچان هٿ پير هڻندي ٻڏڻ جو ياد ڪري ڏکي ويندو هو. هو پاڻ ٽي دفعا جهاز جي ٻڏڻ واري واقعن مان بچي نڪتو هو. جن مان هڪ حادثو ته الاهي شديد هو.

ٻار جي پڪار به ڪنهن نه ٻڌي شايد هن چيٽ ڪئي هجي، شايد درياء ۾ موجود مڇين. ڪناري تي جميل ڪانيءَ يا پوءِ پاڻيءَ جي قطرن هن جي پڪار ٻڌي هجي. مگر اهي معصوم جي ڪهڙي مدد ڪري سگهيا پئي. شايد خدا ۽ ان جي فرشتن جن جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ صدين تي ڇانيل هئي، هن جي پڪار ٻڌي هجي. غالباً فرشتا به اهي ٻار هيا جن جي زندگيون پنجن بهارن بعد خدا جي حڪم سان ختم ڪيون ويون هيون. ٻار جو لاش پن چڪي جي ٻاريءَ ۾ ڦاٿل مليو ويو. لاش جي پرسان ئي هڪ مئل مرغي به ملي جيڪا خدا ڄاڻي ڪڏهن ڪان اتي ڦاٿل هئي. پرتگاليءَ جو ٻار نه ٻڏي ها ته ڪنهن کي ان جي لاش جو پتو به نه پوي ها ۽ ائين هوءَ ڳري ڳري ختم ٿي وڃي ها ۽ مرغي جي مالڪياڻي هميشه پنهنجي پاڙيسرين تي چوري جو شڪ ڪندي رهي ها. يا هن ڏاڙهيءَ واري آواره گرد مسافر تي شڪ ڪري ها جيڪو ٿيلهو لڙڪايون گهمندو وتندو هيو. هر جرم جو شڪ ان تي ڪيو ويندو هيو.

جيڪڏهن پن چڪيءَ تي ڄاري نه هجي ها ته مارسيلو جي پٽ جي لاش جو ڪٿي به ڪو پتو نه پوي ها. تصور ته ڪيو جيڪڏهن هو چڪيءَ ۾ اڃي ڪٽڪ جي اتي وانگر پسجي وڃي ها ۽ اسان سيني ان کي کاڌو هجي ها. ڇج هن کي گمشده قرار ڏيئي معاملو ختم ڪري ڇڏي ها ۽ ڊونا جوليا جنهن جي ذائقي واري حس تمام تيز هئي چوي ها، "اڄ هن ماني جو ته مزوئي عجيب آهي."

پر هن جي ڳالهه تي ڪير ڪن ڌري ها، هوءَ ته بس هيڏانهن هوڏانهن جي هڻندي وتندي هئي.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

نادِيني گورڊيمر

Nadine Gordimer

هوءَ گورن جي قبضي ۾ آيل ڪارن جي ملڪ ڏکڻ آفريڪا ۾ جوهانسبرگ ويجهو شهر اسپرنگس ۾ ١٩٢٣ع ڌاري پيدا ٿي ۽ اتي ئي اسڪول مان تعليم حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم لاءِ جوهانسبرگ ۾ ١٩٤٥ع ڌاري University of Witwatersrand ۾ گريجوئيشن ڪيائين. هن جي پهرين ڪهاڻي ١٩٣٩ع ڌاري ڇپي. پوءِ هوءَ لکندي رهي ۽ رسالن ۾ ڇپبي رهي. هن جي لکڻين ۾ رنگ ۽ نسل جي فرق جي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي،

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

تنهنڪري هو مقبول ٿي وئي. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو Face to Face ۱۹۴۹ع ۾ ڇپيو. هن ناول لکيا ۽ سندس پرچار جو اهم نڪتو ڀائيچاري ۽ انسان دوستيءَ تي ٻڌل هو ۽ آهي. هن جا ڪهاڻين جا مجموعا مارڪيٽ ۾ هٿوں هٿ کپڻ لڳا ۽ ۱۹۹۱ع ڌاري هن گوري آفريڪن ليکڪا کي ادب جو اعزاز "نوبل پرائز" مليو.

ناڊيني گورڊيمير هن وقت پنهنجي مڙس ۽ خاندان سان جوهانسبرگ ۾رهي ٿي ۽ اڃان به لکي رهي آهي. سندس ڪهاڻيون ۽ ناول ڇپجي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

شهر کان آيل ٽرين

نادينِي گورڊيمر (ڏکڻ آفريڪا)

ٽرين ڳاڙهسري افق مان ظاهر ٿي ۽ هننجي پرمان سنگل ٽريڪ تي ترڪندي هيٺاهينءَ تي الوپ ٿي وئي.

اسٽيشن ماسٽر پڪ سري جهوپڙي جنهن جي ڇت لهنواري هئي، مان نڪري آيو. هوا جي ڪري سندس يونيفارم ڇنگهن سان وچڙي ڦڙڦڙائي رهيو هو. ڌرتيءَ تي پلئيس هٽي وينل وينڊرن (دڪاندارن) جي وچان ڪان ڪنهن شيءِ جي ٺهڻ جو آواز اچي رهيو هو ۽ هڪ جانور جو عجب ڪائيندڙ چهرو هوريان هوريان ظاهر ٿي رهيو هو. ڪتا هيڏانهن هوڏانهن ڊڪي رهيا هئا ۽ هلڪي پوري رنگ جي چيڪي مٽيءَ مان ٺهيل گهرن جي دروازن هيٺان بيٺا پئي! انهن جي چمڙي انهن جي هڏن تي زوريءَ چڪيل، تاٿيل پئي لڳي، ۽ چوزا پڻ، اهي ڪتا ٻارن پويان ڊڪڻ پئي لڳا. اسٽيشن جي مٿان ڪان جنهن جي چوٽي تي "گڊس" لکيل هو. ڳاڙهسري الهندي جا پاچا پوائنتا پئي ٿيندا ويا. ٻارن جي پتڪڙن پيرن جا نقش ٺهي وري ڊهي پئي ويا. اسٽيشن ماسٽر جي زال گهر جي ورانڊي ۾ وينل هئي ۽ سندس مٿان رڍ جي کل جو تاٿيل هڪ پردو لٽڪيل هيو، جيڪو هوا جي ڪري لڏي رهيو هو.

اهي ويهي رهيا. ٽرين جي ڪوڪ اوچتو وري ٻرڻ لڳي، پر ٽرين جو وجود اجان واريءَ ۾ گم هيو. ڪوڪ جڻ تہ فضا ۾ ٽنگجي چئي پئي، "مان اچانو پئي ... مان اچانو پئي...."

اجهو هو پربت جهڙو انجڻ ظاهر ٿيو، پٽڙيون جڙي ويون ۽ انجڻ دونهان ڪيندو، گاڏا ريڙهندو، لڏندو ۽ لمندو ۽ ڪن ڦاڙ گوڙ ڪندو اچي اسٽيشن تي بيهي رهيو. "مونکي ڏسڻ ڏي." هوءَ جيڪا گاڏي جي دري ڪان نوڙي ٻاهر نهاري رهي هئي، ماڻس جو گهنجڻ هاٿو منهن مرڪي پيو. ۽ هو انهن شينهن ڏي ڏسڻ لڳو، جيڪي سندس هٿ ۾ پڪڙيل هئا. سندس هڪ

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

آڳر سان ڏور ٻڌل هئي جنهن سان هڪ توڪري لٽڪي رهي هئي. هن ان کي لوڏيو ۽ پڇيو، ”ڇا ڪپي ....“ هوءَ هيٺ لهي آئي. مٿان واري ٻل ڪراس ڪري هڪ نوجوان ان ڏانهن وڌيو جنهن کي چادر ويڙهيل هئي. ”اهو... اهو...“ هوءَ هٿ لوڏڻ لڳي، اهو هڪ شينهن جو ٻچلو هيو، جو نرم ۽خشڪ ڪاٺ مان گهڙيل هو. سندس رنگ بيدن واري ڪيڪ جيان هو . هن کي نرمي سان ٻچايو ويو هجي. پوڙهي ان کي مٿي ڪئي لوڏيو ۽ هن کي ڏنو، هوءَ مسڪرائي رهي هئي. مسڪراهٽ جيڪا دل مان ڦٽي نه نڪرندي آهي. بس ڏيکاءَ واري مسڪراهٽ، شينهن جو وات پٽيل هيو ۽ ان مان ڪاري جڀ ٻاهر لڙڪي رهي هئي. ”ڏس.“ هن پنهنجي مڙس کي چيو، ”جيڪڏهن دل ۾ نه ڪرين... ته پٽلي جي ڳچي تي هڪ نرم ريشمي جهالر هڪ بهترين تاثر ڏيندڙ آهي. هي وار ڪيڏا ته اصلي لڳن ٿا ۽ ٻڌائن ٿا ته هن ڏاهيندڙ جو ڪيڏو نه چاهه هوندو.“ هيٺ هر طرف ماڻهو فنڪار ۽ سڌريل جانورن جيان هيڏي هوڏي ٽلڪي رهيا هئا ۽ ٽرين جي درين مان خيالي چهرن ڏانهن واجهائي رهيا هئا، توڪريءَ ۾ پيل هرڻ ٻه جڻ ته پنهنجن گول گول ۽ ڪارن اکين اکين سان هيڏي هوڏي ڏسي رهيو هو. ڪجهه ٻيا شينهن ٻه ايا ٽيا پيا هئا. جڻ ته خوفناڪ ويڙهه پئي ڪيائون، ائين جيئن وڏا جنگجو پالا ايا ڪر ڪنيو بيٺا هوندا آهن، جن جي چهرن تي خوف جو ڪوبه تاثر ناهي هوندو.

”ڪيتري ۾ ....؟“ ٽرين مان ڪنهن پڇيو.

”مونکي هڪ پيني ڏي.“ هيٺ هڪ ننڍڙي ٻار سين هڻئي. جنهن وٽ وڪڻڻ لاءِ ڪجهه به نه هو.

ڪتا ڪاڏي واري گاڏي هيٺيان هليا ويا ۽ اتي ويهي رهيا جتان ٻڳل گوشت جو واس اچي رهيو هيو. هڪ ماڻهو هيٺ لهي آيو ۽ ڪاٺ مان ٺهيل گهوريندڙ اکيون ڪُريون ڪيائين. ڪاٺ جي جنگهن کي هوا ۾ لوڏيائين ۽ واپس آوازن طرف هليو ويو ۽ ٽرين جي ڦيٿن پرسان ويهي ڏي وٽ ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ڪٿي وٺان گذري ڪاڏي واري گاڏي ۾ جهاتي پاتائين ته جيئن شيشن مان اهي چهرا ڏسي سگهي جيڪي پني رهيا هيا، ٻه ٻه ٽي ڪري ۽ ٻي طرف ريلوي جا مخصوص مڪ پيا هئا. جن تي مٽل ڳلن جون شبيهون اڪريل

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

هيون. ساڄي پاسي گارڊ جو ڪمرو هو. جتي اسٽيشن ماسٽر جا ٻارمانيءَ جا ٽڪر جمع ڪري رهيا هئا. انجڻ وٽ اسٽيشن ماسٽر ۽ ڊرائيور ڪوئلن متعلق ڪيل زيادتين ۽ شڪايتن جا احوال ڪٽي رهيا هئا. هڪ ماڻهو ڪين سڏيندو ٻاهر نڪتو پوڳ مان ڏاڍيان ڪلندا! اهي سيٽي واپس وريا. ٻونهون چڪريون ڪائيندو مٿي وڃي رهيو هو ۽ ٻه ٻار جيڪي واريءَ تي هلي رهيا هئا. انهن هٿن ۾ جهليل ماني زور سان لوهي گيٽ ڪان ٻاهر سڪل باغيچي ۾ اڇلي ڇڏي.

مسافر هڪ ٻئي پٺيان گاڏي ۾ وڃڻ لڳا. ڪي پنهنجن ڪمپارٽمنٽ ۾ پئسا ڪڍڻ ويا. ۽ ڪي ٻاهر ڏسڻ لاءِ سڏ ڪرڻ لڳا. اوچتو بدليل ۽ درين جي شيشن اندران وينل ماڻهو سڌا ٽي ويهي رهيا ۽ ٻاهر تڪڻ لڳا. اها هڪ نارنگي هئي جنهن جو رنگ نيگرو ٻار جيان گهرو مشڪي هو. ”چا خيال آهي، ان چاڪليٽ متعلق؟“ ”نه نه اهو مزيدار ڪونه هيو.“ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ چيو. چاڪليٽ جي ڍبي مان ننڍڙا ننڍڙا پيس ڪڍي ڏانهن اڇلي رهي هئي. پر ڪڪڙيون انهن تي اڳ ۾ ئي جرهه هٿي رهيون هيون. ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڪڪڙين اهي جهٽي تي ورتيون ۽ ڪتا اداس ۽ گهبرايل اکين سان اهو ڪيل ڏسي رهيا هئا.

”نه نه انهن کي ڇڏي ڏي...“ ڇوڪريءَ رڙ ڪئي... ”انهن کي نه ڪڻ ڪيڏا قيمتي، ۽ گهٽا تيا اهي؟“ ڇوڪريءَمٿو لوڏيو ۽ ان پوڙهي کي سڏڻ لڳي جنهن جي هٿن ۾ شينهن هيو. هن اهو مٿي ڪنيو ۽ ڇوڪريءَ کي ڏنو... ”گهرجي؟“

”ها“ ... هن ها.. ۾ ڪنڌ ڌوڻيو... ”هن جي قيمت؟“ تي شلنگ ۽ ڇهه پئسا اندران سندس مڙس اهو ٻڌي رڙ ڪري انڪار ڪري ڇڏيو. ”چڱو سائين.“ پوڙهو کلڻ لڳو. ”تي ۽ ڇهه.“ نوجوان ڏاڍو حيران ٿيو... ”اوهه ڇڏيس...“ ڇوڪريءَ چيو. نوجوان ٻيهي رهيو ”چا توکي هي نه کپي؟“ هن ڇوڪريءَ کي ويجهو وڃي چيو....

”نه... نه ڇڏيس بس.“ ڇوڪريءَ جواب ڏنو. پوڙهو ڪنڌ لاڙيون ڪين تڪيندو رهيو. هن آهستي چيو تي ڇوڪريءَ مٿو لوڏي اندر

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

ڪمپارٽمينٽ ۾ هلي وئي ۽ ٻئي طرف واري دريءَ وٽ ويهي رهي. ٻي طرف ڪجهه به نه هو. سواءِ واريءَ ٻوڙن ۽ هڪ ڪجي جي. ٻي طرف دروازي ڪان سندس مڙس جو پاڇو نظر اچي رهيو هو. هن ڪاٺ جي هلڪن ڏارن مان ٻاهر اسٽيشن طرف نهاريو ۽ شينهن کي ياد ڪيو. مرڪ سندس مک تي پکڙجي وئي. سندس وار ڪيڏا نه پلا ۽ ريشمي هئا. سندس نظر ۾ اهي سيئي ٽوڪريون اچي ويون جيڪي انهن شين سان ڀريل هيون ۽ سيٽ ۽ ريڪ تي ڍير ٿيون پيون هيون. هوءَ انهن کي گهر ۾ ڪيئن سنڀالي رکندي... تون انهنکي ڪٿي رکندينءَ گهروارا ڇا چوندا ته ڪتان ڪان اهي ميڙي آئي آهين... ها... اتان ڪان جتان ڪان تصور جهڙا ئي هفتا گذريا هئا. سندس مڙس ٻاهر هو پر هو نه انهن تصورن جو حصو هو.. بس هاڻي ٺيڪ آهي. هتي هتي ڪو تصور رهيو ۽ جيڪو ساڻس هميشه گڏ رهيو هو. موڪلن وارن ڏينهن ۾ ڪن اجنبي ۽ انجاتل جڳهن تي. اهوتصور هميشه سندس ساڻ رهيو هو.

ٻاهر گهنٽي وڳي اسٽيشن ماسٽر ٽرين ڪان هٽي ويو ۽ سائي جهنڊي لهرائڻ لڳو. هيٺ ماڻهو جيڪي پسار ڪري رهيا هئا. ٽپ ڏئي اٿيا ۽ گاڏن ۾ چڙهي ويا. اهي به جيڪي پليٽ فارم تي ڪجهه جاچي رهيا هئا يا لوهي گيٽ وٽ ٻيهي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا. هيٺ هاڻي خالي پليٽ فارم. هڪ ٽين جو ڪمرو ۽ صرف واري هئي. انجڻ ڪوڪ ڪئي ۽ گاڏا ڄڻ نه ننڊ مان جاڳي پيا. درين مان شراب پيئندڙ جوڙا ٻاهر واجهائڻ لڳا... ڄڻ هو پوءِ ڪجهه به ڏسي نه سگهندا. هيٺ اسٽيشن ماسٽر جي گهرواري گهر جي ورانڊي ۾ ويٺي، هوءَ ٽرين ڏانهن ڏسي رهي هئي. سندس مٿان رڍ جي کل جو پائو هوا تي جهولي رهيو هو.

اها هڪ تيز ڪوڪ هئي. سنگل هيٺ ڪريو. ٽرين جا جوڙ ڳنڍجي ويا ۽ ٽرين جو سنڌ سنڌ چرپر ۾ اچي ويو. گاڏيءَ هلڻ لاءِ سٽ ڏني ۽ هوريان هوريان هلڻ لڳي. اسٽيشن جي جهوپڙي پوئتي رڙهڻ لڳي. هيٺ ٻارن ۽ ماڻهن جون الوداعي رڙيون ۽ گڏ گڏ ڊڪڻ جو منظر عجيب هيو. انجڻ جو دونهون راڪيٽ جيان مٿي ۽ مٿي وڌڻ لڳو. ۽ پوئتي ڦهلجڻ لڳو. ڪاٺ جي

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پتلن وارا پتلا لوڏيندا درين سان گڏ گڏ پچڻ لڳا ۽ آخري اڳھہ پڌائڻ لڳا. ”هيڏي ”سائين... پل هڪ شلنگ ۽ ڇهہ پينس ئي ڏيو.“

”بس هڪ شلنگ ۽ ڇهہ پينس!“ شينهن واري پوڙهي رڙ ڪئي، نوجوان سٺ ڏني کيسي مان پئسا ڪڍيا ۽ ٻاهر اچلي ڏنا. پوڙهو پئسن متان ڪري پيو. اسٽيشن تي ٻار هٿ لوڏي رهيا هئا ڪتا بيهي رهيا ۽ ٽرين کي ويندي ڏسڻ لڳا. متيءَ هاٿيون جهوپڙيون پوئتي رهجي ويون. جتي هڪ عورت ڊاڪ تي هٿ رکي ٽرين کي ويندي ڏسي رهي هئي.

اسٽيشن ماسٽر هوريان هلندو جهوپڙيءَ ۾ گهڙي ويو. پوڙهو سهڪندو بيهي رهيو. سندس ڳچيءَ جون رڳون ڦونڊجي ويون هيون. سندس پير واريءَ ۾ جڻ ڪڙيل هئا. هو مرڪي ڪنڌ ڌوڻي رهيو هو. هن جي ڪليل ترِيءَ تي سندس ڪمائي پئي هئي. هڪ شلنگ ۽ ڇهہ پينس.

ٽرين جو آخري گاڏو بہ نظرن کان غائب ٿي ويو. نوجوان گاڏيءَ جي دروازي کان هٽي آيو. هو پنهنجو متو خوشي ۾ فتح جي تاثر سان لوڏي رهيو هو. ”هي هيڏي ڏس.“ هن شينهن جو پتلو هٿ ۾ لوڏيو. ”صرف هڪ شلنگ ۽ ڇهہ پنيس ۾...“

”ڇا!؟“ هوءَ رڙ ڪري اٿي بيهي رهي.

هو ڪليو، ”مان هن سان مشڪريءَ ۾ ئي پئسن تي ٽورو تڪرار ڪري رهيو هوس. جڏهن ٽرين هلڻ لڳي تہ هو ڊڪندو آيو ۽ هڪ شلنگ ۽ ڇهہ پينس ۾ ڏئي ڇڏيائين. سو، سائين هي وٺو پنهنجو شينهن.“ هوءَ ان کي پاڻ کان پري جهليو بيٺي رهي. شينهن جو وات پٽيل هيو، نوڪيلا ڏند ڪاري چپ ۽ ڳچي جا وار، هوءَ انهن کي ائين ڏسي رهي هئي جڻ اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هئائين. هن جو ڪنڌ جهڪي ويو. سندس چپ ٿڙڪي رهيا هئا بي اختياريءَ ۾ هوءَ آگرين سان پتلي جي ڳچي جا وار ڇهڻ لڳي، جتان ڪان اهي ڪاٺ ۾ چنيڙيل هئا. ”پر تون ائين چو ڪيو؟“ هوءَ غصي ۾ پرجي وئي.

نوجوان هن جي چهري جا خوفناڪ ياوڏسي دهلجي ويو.

”او خدا.. ڇا ڳالهہ آهي؟“ نوجوان پڇيو.

”جيڪڏهن تون شيون وٺڻ ٿو چاهين.“ هوءَ اٿلي پئي. سندس آواز

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

جيئن پوءِ تيئن وڏندو ويو: ”تون هن ڪان پهرين هنڌ ڇو نہ ورتو؟ جيڪڏهن توکي هن جي گهرج هئي تہ ان وقت ڇو نہ ورتئي جڏهن هن توکي آڇ ڪئي هئي، تون ڇو ترسين تہ ٽرين هلي ۽ هو توسان ڊڪندو رهي ۽ پوءِ تون هن کي هڪ شلنگ ۽ ڇهن پينس لاءِ مجبور ڪرين. هڪ ۽ ڇهہ.. هيءَ هڪ شاندار شيءِ آهي.“ هو زخمي شينهڻ وانگر ٽپ ڏئي وئي. ”تو پاڻ هن کي پسند ڪيو هو تو ئي چيو هو تہ هيءَ هڪ شاهڪار آهي.“ ”اوهہ... تون!“ هوءَ بي وسيءَ مان تڙپڻ لڳي. ۽ هن شينهن کي ڪٽي سيٽ تي اڇليو.

نوجوان بس ڏانهس تڪيندو ئي رهيو.

هوءَ سيٽ تي ڪري پئي ۽ ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي. هر هڪ شيءِ سندس چوڌاري رقص ڪرڻ لڳي. هڪ ۽ ڇهہ، هڪ ۽ ڇهہ هن خوبصورت شاهڪار جي قيمت صرف هڪ ۽ ڇهہ. پتلو ڄڻ تہ جاڳي پيوزنده ٿي پيو، ۽ وڏو وات ڦاڙي، نوڪيلن ڏندن وچان ڪاري خوفناڪ ڄڀ لڙڪائڻ لڳو، ڳچي جا وار ايا ٿي ويا... صرف هڪ شلنگ ڇهن پينس ... لئہ....

شرم کان هوءَ سڄو ڏڪڻ لڳي. ائين لڳو ڄڻ سندس ڪنن ۾ گرم گرم واري پئجي رهي هجي. هوءَ بيمار بيمار لڳڻ لڳي. ڪاوڙ، بي وسي ۽ شرم کان سندس منيون ڀڪوڙجي ويون. ۽ پوءِ آهستي آهستي هوءَ سنڀلجڻ لڳي ۽ سوچڻ لڳي تہ اهو سڀ ڪجهہ سندس پر پٽ ٿيو آهي. ان جو زميوار صرف سندس مڙس آهي... پاڻ ناهي.

هوءَ ويٺي ئي رهي. ڄڻ تہ ڪجهہ بہ ڳالهائڻ يا ڏسڻ نہ چاهيندي هجي. سامت ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن جا زائل ٿي ويل احساس وري جاڳي پيا. سندس ڪنن ۾ هوا جا خوفناڪ آواز جهڪا ٿيندا ويا، تان جو هوءَ بلڪل پرسڪون ٿي وئي. هن پنهنجي مڙس طرف منهن ڪيو جيڪو هنج ۾ هٿ لڪائي چپ ويٺو هيو ۽ شينهن جو پتلو سندس پرسان پيل هيو.

وري ٽرين جي ڪوڪ ٿي اسٽيشن کي ڊرم وانگر وڄائڻ لڳي ۽ آسمان گونجڻ لڳو. مان اڇانو پئي.. مان اڇانو پئي... پر، وري بہ سندس لاءِ ڪوئي جواب نہ هو.

سنڌيڪار: حبيب ساجد

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

چونڊ نوبل ڪھاڻيون

ترجمو ۽ ترتيب: ممتاز بخاري ۽ حبيب ساجد

جن ليکڪن کي بہ ادب جو نوبل پرائيز مليو، انهن جي ٻولي ۽ ادب نوبل تي ويو ۽ آئون بہ نوبل تي ويس. اهي ليکڪ هڪ ئي وقت مختلف صنفن جا لکاري هئا/ آهن. ڪي ٿورا هئا، جيڪي رڳو شاعر هئا/ آهن، نہ تہ انهن مان فلسفي، تحقيق، تاريخ، ناول، ڪهاڻي، شاعري، سائنس وغيره جا هڪ ئي وقت لکندڙ بہ هئا / آهن، تہ ٻن ٽن صنفن جا لکاري بہ. انهن مان بجورنسن، سينڪيوز، رڊيارڊ ڪپلنگ، سليميٰ، ليگراف، پال هيسي، ٽيگور، نٽ همسن، اناطول فرانس، ٿامس مان، گالز وردي، وچ بنين، پير آنديلو، پرل ايس بڪ، سيلاپنا، هرمن هيسي، فاڪنر، برٽرينڊ رسل، هيمنگوي، ڪاميو، اسٽين بيڪ، سارتري، شولا خوف، شموئل اگنون، آسٽورياس، ڪاواباتا، هينرخ بول، بيٽرڪ وائٽ، سال بيلو، سنگر، الياس ڪينيٽي، گارشيا مارڪيز، نجيب محفوظ، جوزسيلا، اوڪتا ويوپاز، ناڊيمي گورڊيميز، توني موريسن ۽ هڪ ٻن ٻين مونکي پنهنجي تخليقي سفر جو ساٿي بنايو.

۽ ها، آئون اهو بہ ٻڌائيندي هلان تہ مون کان سواءِ ادب ٻُسو آهي، ان ڪري آئون ادب جو لازمي حصو ۽ ماڻهن جي گهرج بڻجي چڪي آهيان، اهو جيڪو ڪجهہ مون اوهان کي ٻڌايو سو منهنجي زندگيءَ جو تعارف آهي، اها منهنجي نوبل ٿيڻ تائين جي ننڍڙي ڪٿا آهي، شايد آئون گهڻو ڪجهہ رهائي بہ وئي آهيان، پر اميد اٿم تہ منهنجو سفر جيڪو اڻويهن صديءَ جي اڌ کان جديد هجڻ تائين واري دور ۾ شروع ٿيو آهي، اهو اجان ايستائين اوچائي ماڻيندو، جيستائين دنيا هلي ٿي، جيستائين ڪردار جيئرا آهن، جيستائين دنيا ۾ منظر آهن، ماڻهن جون ڳالهيون آهن، آئون جيئري رهندس ۽ آئون پڪ سان ٿي چوان تہ مونکي جيئرو رهڻو آهي، انڪري توهان کان موڪلائي ناهي.

(هن ڪتاب جي "نوبل ڪهاڻيءَ جي آتم ڪهاڻي" تان ڪنيل)

A Roshni Book
short Stories
Pakistan Rs:90.00

www.sindhsalamat.com www.books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ‌ٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄ‌ڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)